# ڀاڪن جي ڀاڙ

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

سنڌي ادبي بورڊ

# پهاڪن جي پاڙ

مصنف:

**عبدالڪريم سنديلو**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2012ع

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| چاپو پهريون | سال 1989ع | تعداد 1000 |
| چاپو ٻيو | سال 1997ع | تعداد 1000 |
| چاپو ٽيون | اپريل 2004ع | تعداد 1500 |
| چاپو چوٿون | مئي 2004ع | تعداد 1000 |
| چاپو پنجون | مارچ 2006ع | تعداد 1000 |
| چاپو ڇهون | آگسٽ 2010ع | تعداد 500 |
| چاپو ستون | آڪٽوبر 2012ع | تعداد 2000 |


هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ ڏهه رپيا
(Price. Rs: 110-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ انچارج مئنيجر محمد رحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ الهڏنو وگهيو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ٻوليءَ جو شمار دنيا جي شاهڪار ٻولين ۾ ٿئي ٿو برصغير ۾ جتي سنڌي علم و ادب جي هاڪ آهي، اُتي سنڌي ثقافت جي حوالي سان لوڪ ادب جي صنفن مان پهاڪا ۽ ڳجهارتون پڻ مشهور آهن. جن جي اهميت کي سمجهندي سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ ڏاهن اهڙا ڪيئي انمول ڪتاب تحرير ڪري پنهنجي ثقافتي ۽ ادبي تاريخ کي منظرعام تي آندو ۽ دنيا آڏو پنهنجي ثقافت کي روشناس ڪرايو.

اهڙن انمول ڪتابن مان "**پهاڪن جي پاڙ**" به هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ صدين کان مروج پهاڪن کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري نه رڳو اُن جي اصل معنيٰ ۽ مفهوم کي بيان ڪيو ويو آهي، پر سنڌ واسين کي پنهنجي عظيم ورثي کان آشنا پڻ ڪرايو ويو آهي. هيءُ اهم ڪم سنڌي ادب جي ناميارِي ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب جنهن وڏي محنت ۽ عرق ريزيءَ سان سرانجام ڏنو آهي.

ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي پورهئي کي مانُ ڏيندي سال 1989ع ۾ هِن ڪتاب کي سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايو ويو. پڙهندڙن ۾ مقبوليت سبب هاڻي هن ڪتاب جو ستون ڇاپو شايع ڪجي ٿو. اِها منهنجي خوش قسمتي آهي، جو هِن اهم تصنيف کي آءٌ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڇاپي پڌرو ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آءٌ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد آهي تہ، اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو پڙهندڙن وٽ مانُ لهندو.

28- ذيقعد 1433هہ
16- آڪٽوبر 2012ع

**الهڏتو وگهيو**
سيڪريٽري

عبدالڪريم سنديلو

# پهاڪن جي پاڙَ بابت ٻه اکر

"وينجهار"، "سنڌ جو سينگار" ۽ "تحقيق لغات سنڌي" لکندي، جيڪي به پهاڪا، اک تي چڙهندا هئا، سي يڪ جاءِ ڪندو ويندو هوس. تنهن ڪانسواءِ ٻُڌ سُڌ مان هٿ پئي آيا، سي پڻ گڏيندو ويندو هئس. جڏهن ڏٺم ته ڏسڻ جهڙو مواد موجود ٿي ويو آهي، تڏهن ميدانِ عمل تي آڻڻ جو ارادو ٿيو. پر وري خيال آيو ته هرهڪ پهاڪي جي اصليت ڏجي ته بهتر. ڪيڏو نه ڪٺن ڪم!

اها ڪا اهڙي سولي ۽ سُتري ڳالهه نه هئي، جا ڪِنَ ۾ ڪٿي ونجي. هِت ته رُڪُ ٿو ريهون ڪري! جرَ مان گڏون ڳولٽو هو يا ائين ڪٿي چئجي ته لَٽِيلَ لوڙهَ پَٽٽا هئا، ڇاڪاڻ ته اسان جي زبان تي هڪ ٻوليءَ جو اثر هجي ته ان جي پويان پئجي ۽ خيالن کي به اوستائين ڇڏجي، پر هِت ته "پَنجَ ڪٽي، مِهر گهٽي" لڳي پيئي آهي.

پهاڪا، چوڻيون ۽ ٻهڳڻن جا ٻول، سنڌ جي سياڻپ جو آئينو آهن. منجهن سنڌ جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڳڻ ڳوت جي ڳهٽي ڀاڳي جيئري جاڳندي تصوير چِٽيل آهي. جيتوڻيڪ مختصر آهن، مگر چوڻ وقت، مطلب کي مفصل ڪن ٿا.

سندس ڪامل استعمال، ٻوليءَ کي ٻهڪايو ڇڏي. خيالن جي ادائگي، جا هونءَ هوند، ٻن ٽن سٽن ۾ ٿئي، سا هنن جي استعمال سان، اختصار ۾ آڻي سگهجي ٿي ۽ اختصار وري عبارت جي جانِ آهي. جو زور پهاڪي ۾ آهي، سو وري رواجي عبارت ۾ ڪونهي. گهٽي پٽاڙ ڪان، مختصر، پر مايه دار لفظن جو استعمال، مضمون کي ڪٽي ٻيهي ٿو.

دنيا جي ڪابه زبان، پهاڪن کان خالي نه آهي ۽ نه وري ڪو دور ئي، پهاڪن کان خالي رهيو آهي. پر خبر ناهي ته اهي عقل جا نسخا ۽ تجربن جا ٽوٽڪا،ڪهڙن ماڻهن جي آزمودي جو عطر آهن! بهرحال جو ڪجهه ڏنو اٿن، سو وقت جي ۽ ماحول جي پوري پوري ترجماني

ڪري ٿو. مثلاً: ”ڪلهوڙن“ ۽ ”ميرن“ جي حڪومت ۾، پارسيءَ جو قدر هو، تہ چيائون: ”پارسي، گهوڙي چاڙهسي“. ”مير بجار“ جي مارائڻ جو اڻ سهائيندڙ رستو ڏسي، چيائون: ”ڪَنن جي ڳالهين، مير بجار مارايو.“ ٻن ڀائرن، دودو ۽ چنيسر، جي ناسازيءَ جو نتيجو ڏسي، چيائون: ”دودو ڏوڙ، چنيسر ڇائي“.

مٿين حقيقتن مان، معلوم ٿيو تہ پهاڪن مان، نہ رڳو وقت جي تاريخ جو پتو پوي ٿو، پر ملڪ جي عادات ۽ اطوار، رفتار ۽ گفتار، رسم ۽ رواج، ڪمال ۽ زوال، حرفت ۽ بدعت جو بہ جيئن جو تيئن پتو پوي ٿو. انهن جي ذريعي هڪ اَناڙيءَ جي دل تي، اهڙا اوکا اصول نقش پذير ڪري سگهجن ٿا، جي جيڪر ڪوڙين ڪتابن ٻڌائڻ سان بہ نہ ڪري سگهجن. اهي، روشن منارا آهن، جن کي نظر ۾ رکندي، هڪ ناکئو پنهنجي مقصد جي ٻيڙيءَ کي، درياءَ جي موج و تلاطم مان ڪڍي، سلامتيءَ سان ساحل پيڙو ڪري سگهي ٿو. اهي، قديم فلسفي جا ٽڪرا آهن، جن مان اُهي تہ نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا، جي افلاطون جي تصانيف مان بہ ملڻ محال آهن. اِهي، تقرير توڙي تحرير جا، اُهي تيز اوزار آهن، جن سان مطلب جي ڳنڍين کي آسانيءَ سان ڪپي، کولي سگهجي ٿو. اِهي، رهبر ۽ رهنما آهن، جي راءِ کي مضبوط ٻڌائين ٿا ۽ نتيجي کي وڌيڪ واضح ڪن ٿا. انهن جي عاليشان محلات جي بنياد ۾، عقلمنديءَ جون اهڙيون تہ پڪيون ۽ پختيون سرون لڳل آهن، جي صدين گذرڻ تائين بہ قائم رهنديون. زماني جي گردش سبب، ڪٽي کهڙو بہ شديد ۽ هولناڪ طوفان ۽ زلزلو اچي، تہ بہ هن فولادي ڪوٽ کي، ڪٿان بہ شگاف پوٽو نہ آهي. جڏهن بہ موقعي محل تي ڳالهايا وڃن ٿا، تڏهن ”المثل في الڪلام ڪالملح في الطعام“ جو پورو پورو ثبوت ڏين ٿا.

جڳ پرسڌ اديبن، پهاڪن جي باري ۾، هيٺين راءِ ڇڏي آهي.

ڊزرائيل چوي ٿو: [1]

”پهاڪن ۾ زندگيءَ جي هر رنگ جي جهلڪ موجود آهي.

---

[1] گجراتي ڪهيوت سنگرهہ، آشا رام دليچند شاہ، ص 9

منجهن هَلڪي ۽ پرپور طنز جي چاشني رهي ٿي. گهر جي هَليپي ۽ هَنديپي سان گهرو ۽ گهاٽو واسطو رکن ٿا. جيتوڻيڪ هنن جو استعمال گهٽ ٿي چڪو آهي، تڏهن بہ منجهن عقل ۽ سوچ ويچار جو اکٽ خزانو، پوشيده رهي ٿو.“

اي- ايس-جي- جيڪر چوي ٿو: [2]

”ڪنهن بہ قوم جي عادات، اطوار ۽ خيالات جي عڪاسي، جنهن نموني پهاڪا ڪري سگهن ٿا، سا ٻئي نموني ٿي نٿي سگهي.“

شِري گووند، هنديءَ ۾ ڪهڙو نہ سهڻو چيو آهي، [3]:

”ڪهاوتين ڀاشا ڪا مرم هين. جس ني ڀاشا ڪا يہ مَرم نهين سمجها، اس ني ڪڇھ نهين سمجها“.

پهاڪن جو بنياد:ڏند ڪٿائون، مذهبي قصا، تاريخي واقعات، عام قصا ڪهاڻيون ۽ نقل نظير ئي ٿي سگهن ٿا. هر زبان، پهاڪن سان جهنجهي پئي آهي. اسان جي زبان ۾ بہ اڪيچار پهاڪا آهن؛ ڇاڪاڻ تہ ورهين کان وني، داخل ٿيندا رهيا آهن.ڪتان رڙهي آيا، ڪهڙي وقت ۾ آيا ۽ ڪيئن پرگهٽ ٿيا، سا ڳالهہ البت وهجائڻ جوڳي آهي. انهن جي استعمال جي خبر آهي، پر اهو پتو ڪيئن پوي تہ سندن اصليت جون پاڙون ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ کُتل آهن. اُن لاءِ، ٻهَ ۽ لوڙه ڪي، پاڻيءَ مان هٿ ڪرڻ جيان، پٻڻ ۽ کُم کان وني، هيٺ هلڻو آهي. هِن ڏس ۾ جيتوڻيڪ ڪافي مَٿا ڪُٽ ڪيل آهي، پر تار جي تَري تائين پهچڻ بدران، تانگهي ۾ ئي ترسي پيا آهن؛ ڇاڪاڻ تہ ڪم ئي اهڙو آهي، جنهن ۾ سا هي منجهائڻي آهي. پر ڪي اهڙا پهاڪا بہ آهن، جن جو عرصو مقرر ڪري سگهجي ٿو. جيئن:

1- عمر وني وني، مارئي وننڊو، ٿر تہ ڪين ٿيلهيندو. (ص 80)

2- هجئي ناڻو تہ گهر لاڙڪاڻو. (ص 105)

3- جُمن چارن وارو سوال. (ص 43)

---

(2) عماني پراوربس، ص 435، رايل ايشياٽڪ سوسائٽي واليوم 2

(3) ڪهاوت رتناڪر، نولڪشور پريس، ص 1

متين ٽنهي پهاڪن جو عرصو، هيٺينءَ طرح مقرر ڪري سگهجي ٿو:

پهريون پهاڪو، ”سومرن“ جي دور جو، ٻيو ”ڪلهوڙن“ جي دور جو ۽ ٽيون به ”ڪلهوڙن“ جي دور جو آهي.

پهاڪن جي ٺُڙ تاريخ ٻڌائڻ لاءِ وقت کپي، چاڪاڻ ته متن لَٺ جا ايترا ته ٺهن مٿان ٺهه چڙهيل آهن، جو اصليت ئي اوندهه ۾ نظر اچي ٿي. تنهن ڪري تحقيق جي ٿهہ ۾ وڃي، ڳوڙهي جانچ پڙتال ڪرڻ کپي. پر جيڪڏهن اسان، اندازًا ۽ قياس طور، هڪ پهاڪي کي، اصل ٻوليءَ مان خارج ڪري، ٻيءَ ٻوليءَ ڏانهن اُماڻيون ته اها نه رڳو اُن ملڪ جي وڏي حق تلفي چئبي، پر گويا امانت ۾ خيانت!

پهاڪن جي حق ۾، راءِ بهادر ڪوڙو مل چندن مل کلناڻيءَ ڪيرون، لهڻيون، جنهن پهريائين ”سنڌي پهاڪا“ نالي ڪتاب، 1889ع ۾ لکي، هِنَ ميدان تي، پهريون ادبي پَکُ ڏريو. ڪتاب ۾ تقريبًا، ٻارهن سؤ پهاڪا آندل آهن، پر اصليت آندل نه آهي، جنهن لاءِ آکي ٿو:

”اصل هرهڪ پهاڪو ڪيئن چوڻ ۾ آيو ۽
کهڙي وقت ۽ ڪيئن ڪم آڻجي، انهن جي
بيان ڏيڻ جو ارادو هوم ........ پر ائين ڪجي
ها، ته غريب غربو يا ڇوڪرو ٻاڪر وٺي
ڪين سگهي ها.“

ظاهر ٿيو ته وٽن مواد موجود هو، پر اسان جي سَرد مُهريءَ ڪان، پوريءَ پَر واقف هو، تڏهن ته ڇوڪر ٻاڪر جو عذر ڏيئي، ساڻو ۽ سَهندڙن تي ڪکَ رکي، اهو اشارو ڪيو اٿس. خير، ڪيئن به هجي، پر ڪتاب جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪيترا پهاڪا اڌو ڳابرا آهن:

1- جنهن جو بد بُنياد، تنهنجو ميوو منو نه ٿئي.

2- پائر ڪوٽ جا ڪُنگر، پُٽ گهر جي سونهن.

3- سَتي لَڪڙن ڪان موٽي، ته ڪتن هاب ٿئي.

4- اُٺ نه رُنا ٻورا رُنا.

مٿيان پهاڪا، در اصل هن ريت آهن:

1- ڪُوَنڻ کي پاڻيءَ جان، پيڙي پياريم ڪماند،

نکو زهر زمين ۾، نکو ڏاتوري ڏرپانڌ،
ڪمائي ڪم ذات سان، وجي تي وِڙواند،
جنهن جو بد بنياد، تنهن جو ميوو منو نہ ٿئي.
2- پائر ڪوٽ جا ڪنگر، پُٺ گهرَ جي سونهن،
وينا ڪن ورونهن، ڏُڃَڻ ڏوران ئي ڏري.
3- سَتي چڙهي ڏاگهہ، لهي تہ ٿئي ڪُتن ڪانون هاب.
4- اُٺ نہ رُنا، ٻورا رُنا،مينهن مٺان، ڇَپَر اُنا،
پونڪن چور تہ ڪُتا ٿنا،ٿِن شين جا، اُبتا پُنا. [1]

پوئين چوٽي، پيراٽي پنيري جو اُبتو توپو آهي، جنهن جي سمجهاڻي، مسٽر بولچند ڏيارام 1893ع ۾ مئٽرڪ (بمبئي يونيورسٽي) جي سنڌي پيپر ڪيندي، پڻ طلب ڪئي آهي.

بهرحال ان موضوع تي، اِها پهرين ڪوشش ورتل هئي، جنهن ڪري ٿورو اختلاف نظر اچي ٿو، ورنہ محنت جَس جوڳي آهي.

ٻيو ڪتاب، ديوان ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻيءَ جو ”گل شڪر“ نالي آهي، جو هن صاحب 1869ع ۾ لکي پورو ڪيو، ليڪن گورنمينٽ وري 1905ع ۾ شايع ڪرايو. محنت ڪان بہ پَهرَ گهٽايو ڪينهيس، پر اصليت آندل نہ آهي.

ٽيون ڪتاب ”پهاڪن جي حڪمت“ آهي، جو سنڌي زبان جي محسن اعظم، مرزا قليچ بيگ 1926ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هر ٻوليءَ جا پهاڪا الڳ الڳ آندا اٿس، پر مقصد جي هَدف ڪي تير نہ هنيو اٿس.

چوٿون ڪتاب ”گلقند“ آهي، جو آنجهاني پيرومل مهرچند آڏواڻي 1926ع ۾ شايع ڪرايو. جيتوڻيڪ اصليت آندل نہ آهي، تڏهن بہ محنت مڙني ڪان سرس ۽ سوائي ڪئي اٿس. سرگُواسي ڪيترا پهاڪا اڌورا ڏنا آهن:

1- ٻي سپ ڪا ويني ڏيي، ٻيني ڏيي اُٺ.
2- ڏچر گهوڙي، سُچر زال، ٻَئي ڪڏ پيا.

اسان ڪي وري، اهي چوٽيون، هن ريت هٿ آيون آهن:

---

[1] هڪ روايت مطابق، هڪ وڌيڪ مصرع: ڪتيم ٽي پاءُ تہ پنج پاءُ ڪُنا.

(ج)

1- ڳئون ۾ مينهن ويني ڏيي، بيني ڏيي اُٺ،
چاري اٽي[1] ڏجي سَڄَ[2]، ڳٺو اٽي[3] مُٺِ[4]،
جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پُٺِ.

2- ڏچر[5] گهوڙي، سُچر[6] زال،
چِڏي ڪٽڪ، ڳهاتا ٽِر،
اُڏارو وهانءُ، پنجئي نہ ٿيا.

هن پوئين چوٽيءَ کي "پنجڪا" چئبو آهي، ڇاڪاڻ تہ پنجن شين جو ذڪر آندل آهي.

ساڳئي قابل مصنف جو "پهاڪن جي پيڙهہ" پڻ شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ اصليت آندل آهي، پر هڪ تہ ڪتاب ننڍو آهي ۽ ٻيو وري مثالي بيان تي اڪتفا ڪيل آهي.

اسانجي ٻوليءَ ۾، جيڪي بہ پهاڪا آهن، سي يا تہ اصل ٻوليءَ جيان، جيئرا جاڳندا ڪم اچن ٿا، يا تہ ٻوريءَ مٿ سٿ سان. ڪن جو تہ بنهہ ترجمو اچي ٿو. ڪي وري ديسي (سنڌ ديس جا) بہ آهن.

**اصل ٻوليءَ وارا:**

1- ٻڙا ڪهاوڻ، ٻڙا دک پاوڻ،چوٽي ڪا دک دور.

2- ايڪ پنٿ، دو ڪاج. (هندي)

1- دراز ريش، خضر يا ابليس.

2- يڪ تندرستي، هزار نعمت. (پارسي)

1- آپٽي ڳهوٽ تہ نشا ٿيوئي.

2- آپٽا مال هي، روسون پيي ڪاسون پيي. (سرائڪي)

---

[1] چاري اٽي: چانورن جي اٽي
[2] سڄ: ترڻ جو زور
[3] ڳٺو اٽي: ڪٽڪ جي اٽي
[4] ڏجي مٺ: مٺ جو زور (ڏيڻ)
[5] ڏچر: ٿور-ڪائڪ، ٿورو ڪائيندڙ
[6] سچر: ڳهڻ-ڪائڪ، ڳهڻو ڪائيندڙ

**توريءَ مت ست وارا:**

1- جهڙو راجا، تهڙي پرجا.

2- نيچ نوڪري، اُتم کيتي، وڏنت واپار.(وڏو وياڪرڻ، پيرو مل، ص 354)

يا

اُتم کيتي، وڏندڙ واپار، نيچ نوڪري.

(پهاڪن جو ڪتاب ڀاڱو 2- روچيرام ص 84)

**مٿيان دراصل هن ريت آهن:**

1- يٿا راجا، تٿا پرجا. (سنسڪرت پهاڪو)

2- اتم کيتي، مدهم بيوپار،نِش چاڪري، بهيک لاچار.

هندي ڪهاوت (پهاڪو)

**ترجمي وارا:**

1- تکڙ ڪم شيطان جو.

2- ٻہ ڀائر ٽيون ليکو.

هيٺين زبانن جو ترجمو آهن.

1- التعجيل فعل الشيطان. (عربي)

2- دور براد، سوم حساب. (پارسي)

مٿي ڏيکاريل آهي تہ پهاڪن جي اصليت ڏيڻ لاءِ، جُڳَ گهرجن؛ چاڪاڻ تہ هرهڪ جي اصليت ڏيڻ، ائين آهي، جيئن پاڪي مان اُٺ لنگهائڻ. جيتوڻيڪ وس آهر اُڏيڙ ۽ اُکيڙ ڪئي ويئي آهي، پر سچ پچ تہ اکِ-کُٺُ جهنگ لڳو پيو آهي. جيڪڏهن ڪُچيلا ٻرُوٽا پاڙون پٽجن ها تہ جيڪر، هينئر وانگر، ڇٽا نہ هٽي وڃن ها. ڪوشش ڪري زمين کي ڪنهن حد تائين، هموار بڻايو ويو آهي. باقي مٿس تاريخي ۽ تحقيقي سانهَرُ گهمائڻ تہ انهن ئي قابل ڪيمياگرن جو ڪم آهي، جن جو قلم اڪسيري اثر رکي ٿو.

جناب زم، جنهن خلوص نيت سان، پنهنجا بيش بها ۽ قيمتي قلمي نسخا، اُڌ ڳالهائي ۾ پيش ڪيا، تنهن لاءِ، بنده وٽ ڪي بہ لفظ ڪونہ آهن، جن سان پوريءَ طرح، سندن ڳڻ ڳائي سگهي.

محترم جناب محمد خان شيخ (مالڪ پاڪستان پريس) جو ازحد

ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجو وَڙُ ڪري، پريس کي ڏني، ڪتاب لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري ڪم، جلد سُتڙُ تي سگهيو.

پريس جي عملي، ميان غلام مصطفیٰ خان، محمد عظيم انصاري ۽ محرم علي جا به مُجرا نه وڃائبا، جن اويل سويل به، پريس ۾ پئي ڪم ڪيو.

ڪتاب لکندي هيٺيان ڪتاب نظر مان گذريا:

## (عربي)

1- عَماني پراوربس- ليفٽيننٽ ڪرنل اي.ايس.جي جيڪر، رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بمبئي 1904ع.

## (پارسي)

1- امثال و حِڪم (چار ڀاڱا) علي اڪبر دهخدا تهران 1931ع.
2- فرهنگِ امثال- سيد مسعود حسن رضوي اديب،ڪتاب گهر- لکنئو 1937ع.
3- داستانئہ امثال (ٻہ ڀاڱا) مير قلي اصفهان 1945ع.
4- پرشن پراوربس، ايل.پي الولسٽن لنڊن 1954ع.
5- ”لُب تاريخ“ خانبهادر قادر داد خان سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

## (هندي)

1- ڪهاوت رتنا ڪر، نولڪشور لکنئو، 1926ع.
2- محاوره اور ڪهاوتين راشٽر ڀاشا پرچار سمت، ورڌا 1945ع.
3- راجستاني ڀيلون ڪي ڪهاوتين، شري ڦولجي ڀائي ڀيل، اُديپور 1945ع.
4- مالوي ڪهاوتين، رتن لال اُديپور، 1954ع.
5- ڪهاوتون ڪي ڪهانيان، مهابير پرساد رتن ساهتيہ نئين دهلي، 1960ع.

## (گجراتي)

1- گجراتي ڪهيوت سَنگره آشا رام دليچند شاهہ احمد آباد 1923ع.

## (تليگو)

تليگو پراوربس، ڪئپٽن ڪار، لنڊن 1880ع.

## (اردو)

1- محبوب الامثال (حاجي مولوي محبوب عالم) ڪارپردازان پيسہ اخبار لاهور، 1925ع.
2- مخزن الامثال، احمد الدين-لڌيانہ 1884ع.
3- امثال بي مثال، چرنجي لال دهلي 1886ع.
4- ضرب الامثال، شيخ احمد حسين خان لکنو 1886ع.
5- علم الامثال، محبوب عالم- گجرانوالہ 1888ع.
6- فلسفہ امثال، ذڪاءُ الله- مطبع مجتبائي دهلي، 1890ع.
7- گلدستہ الامثال و محاورات، چنون لال گپتا دهلي، 1893ع.
8- خزينة الامثال، سيد حسين شاهہ نولڪشور 1309ع.
9- ايشيا اور يورپ ڪي ضرب المثلين، ڪارپردازان پيسہ اخبار لاهور 1922ع.
10- نجم الامثال مولوي نجم الدين، ڪارپردازان پيسہ اخبار لاهور 1922ع.
11- اتاليق محاورات و ضرب الامثال، مولوي محمد وحيد غازيپوري همدم برقي پريس لکنئو 1935ع.
12- لغات خواتين،مولانا اشهيري پيسہ اخبار لاهور، ٿيون ڇاپو 1925ع.
13- گلدستہ محاورات مع ضرب الامثال، راءِ صاحب لالہ رگهونات منشي گلاب سنگ-لاهور 1931ع.
14- محاورات مع ضرب الامثال، ايم. عبدالرحيم ساقي حجازي پريس لاهور 1950ع.
15- ڪليد زباندانيِ، منشي گنيش لال-مطبع محب هند دهلي 1890ع.
16- تاريخ سنده عهد ڪلهوڙه، مولوي غلام رسول مهر- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1958ع.

## (سنڌي)

1- پهاڪا (ديوان ڪوڙومل) 1882ع.
2- سنڌي پهاڪا ڀاڱو 1 ۽ 2 (روچيرام ڄڳومل، ڪيمچند شيوارام بوڪ سيلر حيدرآباد 1895ع.

3- عجيب نُڪتا، روچيرام ڄڳومل، ڪيمچند شيوارام بوڪ سيلر حيدرآباد 1895ع.
4- گل شڪر، ديوان ڪيولرام گورنمينٽ سينٽرل بوڪ ڊيپو ڪراچي 1905ع.
5- ڀهاڪن جي حڪمت، مرزا قليچ بيگ حيدرآباد، 1925ع.
6- گلقند ڀاڱو پهريون يرومل مهرچند آڏواڻي 1940ع.
7- سنڌ جي مختصر تاريخ، راءِ بهادر آلومل ٽيڪمداس، گورنمينٽ سينٽرل بوڪ ڊيپو ڪراچي نائون ڇاپو 1892ع.
8- تاريخ سنڌ ڀاڱو 1 (مولوي نور محمد نظاماڻي حيدرآباد) 1933ع.
9- تاريخ سنڌ ڀاڱو 2 (مولوي نور محمد نظاماڻي حيدرآباد) 1934ع.
10- تاريخ سنڌ ڀاڱو 3 (مولوي نور محمد نظاماڻي حيدرآباد) 1939ع.
11- سنڌ جو پراچين اتهاس ڀاڱو 3 (دوارڪا پرساد شرما، حيدرآباد.
12- تحفة الڪرام (سنڌي) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

**(انگريزي)**

1- ڊڪشنري آف دي هندستاني پراوربس بنارس پريس انديا 1910ع.
2- هسٽورينس آف سنڌ، سر ايليٽ، ڪلڪتو ٻيو ڇاپو 1956ع.

**(قلمي نسخا)**

1- نگيرانِ سنده (فارسي) پنڊت موهن لال سيوستاني.
2- تاريخ سنده (فارسي) محمد صديق پيرزاده.
3- تاريخ سنڌ (سنڌي) محمد صديق پيرزاده.

**سنڌيلو**
اسلم منزل 1-9-1966ع
نزد پاور هائوس لاڙڪاڻو

# مِٺڙي ياد

پياري ڏيئَڙي، "ناوڙي"،
تيڏي مـِٺڙي نالَي لان، پيا پيش
ڪَريندا هان. تـَئين پـَهلا ساهه
٨ - اپريل ١٩٤٨ع تي چاتا،
آئون پـِڇلا ساه ١٤ -
فيبروري ١٩٦٢ع تي!
تيڏي مـِٺڙي ياد،
تيڏي اُداس ماءُ
پـِيـُو ڪوُن، جهور
گهـَتيا هـِي،
تـُـون ڪـَڏان پــِي، آسـا ڏِي
غمگـين دل اتـُون، نـہ لـَهـسينَ.

—— سنديلا

# اکرن جي وچور


| | صفحو | | صفحو |
|---|---|---|---|
| (الف) | ١ | (ڌ) | ٦٤ |
| (ب) | ١٦ | (ڏ) | ٦٥ |
| (ٻ) | ١٨ | (ر) | ٦٨ |
| (ڀ) | ٢٢ | (س) | ٧٢ |
| (ت) | ٢٦ | (ع) | ٧٧ |
| (ٿ) | ٢٨ | (گ) | ٨٣ |
| (ٽ) | ٢٩ | (ڳ) | ٨٩ |
| (پ) | ٣٠ | (گھ) | ٩٠ |
| (ج) | ٣٨ | (ل) | ٩١ |
| (ڄ) | ٤٦ | (م) | ٩٢ |
| (چ) | ٤٨ | (ن) | ٩٦ |
| (ڇ) | ٥٢ | (و) | ١٠٠ |
| (ح) | ٥٣ | (ھ) | ١٠٥ |
| (خ) | ٥٦ | (ي) | ١٠٨ |
| (د) | ٥٧ | * رايا | ١٠٩ |

# (الف)

## ١- اَڇي ڏاڙهي، اَٽو خراب

سنڌ جا ٻہ نواب، جي ڏنگئي پَلئي هئا، تن مان هڪڙي، هڪ اڇي ڏاڙهي وارو ماڻهو مقرر ڪيو، جو ٻئي نواب جي ڏِکي مان ڳَرڻ ڳَرڻ ڇوڪرا برغلائي ايندو هو، جن کان ڏکڻ ڏورن چارڻ ۾ ٻي خدمت چاڪري جو ڪم ورتو ويندو هو. ٻئي نواب، وري هڪ چالاڪ ڇيرو ڇوڪرو پاڻ وٽ رکيو هو، جو وري هُن نواب جي حد مان، اڇي ڏاڙهي وارن کي ڏنا سنا ڏيئي، ڪين مقرر سَراءِ ۾ آڻي ڪيندو هو، جتي انهن کان چَڪي پيهڻ جو ڪم ورتو ويندو هو.

هڪڙي ڏينهن پوڙهي ۽ ڇوڪري جو هڪ ٻئي سان پَلئہ پيو. پوڙهي پَهُ پڇايو تہ، "آءٌ، هن ڇوڪري کي هيناهيون مٺاهيون ڏئي، پنهنجي حد ۾ وٺي وڃان". ڇوڪري خيال ڪيو تہ "آءٌ، هن پوڙهي کي پاڻ سان وٺي وڃان".

ٻئي پنهنجي پَهن ڳهن ۾ مستُ ۽ مگن!

نيٺ جڏهن هڪ ٻئي جي ڏهہ بَدَهہ (روبرو) ٿيا، تڏهن ڇوڪرو ٺاڙهہ ڏيئي، روئندو روئندو، چاچا سائين، چاچا سائين، ڪندو، اچي پوڙهي جي پيرن تي پيو. روئي جو روئي پيو زارو زار! پوڙهي کي هن جي روئڻ تي رحم آيو، سو ڳراٽڙي پائي، پڇيائينس تہ، "ابا، روءُ نہ. خبر ڪر تہ روئين ڇو ٿو؟" ڇوڪري ڏاڍي ڏِنگَ پيچ ۽ ڦَند سان ڇَنڊُ ڪري، چيو تہ، "چاچا سائين، بابو ويچارو راهہ رباني وٺي ويو، اما ۽ ٽي پينرون ڇڏي ويو آهي. ڏوڪڙ پيسو، ۽ ٻَني ٻارو ٻہ آهي، پر سنڀالي ڪير؟ اما چيو تہ، "پُٽ، تنهنجو چاچو هتان رُسي هليو ويو آهي، اُن کي ڳولي ڦولهي اچ. ڏَس پَنڌَ ۽ پار پَتا، جيڪي ڏنا اٿس، سي سڀ چاچا، تو ۾ آهن، سو مهرباني ڪري هاڻي هَل، ۽ هلي سار سنڀال لهہُ. مطلب تہ ڇوري، اهڙا تہ حيلا هلايا، جو پوڙهو فريب ۾ ڦاسي ويو. ڇوڪري کي چيائين تہ، "پُٽ، ماٺ ڪر. روءُ رڙ نہ. مون سڀ ڪاوڙ ڇڏي. هل تہ هاڻي ئي هلون ٿا." ڇوڪر اڳيان، پوڙهو پويان. جڏهن مقرر سراءِ جي پرسان آيا، تڏهن ڇوڪري، پوڙهي کي چيو تہ، "چاچا، تون هل، انهيءَ جاءِ ۾. تہ آءٌ جهنگ جو خيال لاهيو ٿو اچان." پوڙهو

خوشيءَ سان سراءِ ۾ گهڙيو. اُتي ته اڳيئي جوان انتظار ۾ ويٺا هئا، جن پوڙهي کي پهچندو ڏسي، جهلي، چَڪَيءَ (جنڊ) تي ويهاري، ڪاسو اَن جو ڏيئي، چيائونس ته، ”پيهه اَنُ، نه ته سِر جو خير نه ٿيندءِ“. اتي پوڙهي سمجهيو ته، ”مار، چوڪرو راند هٿي ويو!“

پيلا، هڪ پيرسن، پيو جنڊ ڳورو ۽ اَن گهڻو، ويچارو سو ڪري به ڪري ڇا! جي ٽڪرَو ٽو هلائي ته اَنُ ڏارو پيو ٿئي، جي هوريان ته اَٽو نه پيو نِبري. اچي ويو سورن ۾! مٿانئس بيٺل ماٺهو، ٿورو ۽ ڏڏريل اَٽو ڏسي، کيس چون ته، ”پوڙها، هي ڇا ٿو ڪرين؟ اَجي ڏاڙهي ۽ اٽو خراب!“

مطلب: جڏهن ڪو ڪم، ڪنهن جي لياقت مطابق ڪيل نه ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

## ٢- آءٌ به ويندي پيڪي، مون به لهندي سِڪ:

ڪنهن ڪنوار کي، ساهرن ۾ گهڻو سک هوندو هو ته به پيڪن جي پيئي پچار ڪندي هئي ڇي، منهنجا لَک لهن پيڪا، قرب جا ڪوڏيا پيڪا! هڪ دفعي جڏهن پيڪي (پيءُ جي گهر) آئي، تڏهن ڪنهن ڳالهه تان، سندس ڀاڄائيءَ کيس ڪٽي ڏنو. آخر نتيجو اهو نڪتو، جو ڀاڄائنس، هن ويچاريءَ کي روئاري ڪڍيو. پوءِ ته ڪانئس پيڪن جي سِڪ به لهي ويئي.

مطلب: جڏهن ڪنهن کي، ڪنهن ڳالهه جو اجايو شوق ڪٽي، تڏهن ائين چئبو آهي، انهيءَ خيال سان ته آخر پڇيائيندين.

## ٣- آيا مير، پڳا پِير:

جڏهن ڏاڏا اچن، تڏهن هيٺا بيهي نه سگهن.

سنڌ ۾ ”ڪلهوڙن“ جي صاحبي ١٧٠١ع کان ١٧٨٢ع تائين هلي. ڪلهوڙن کي ”ميان“ ۽ ”پِير“ به ڪري سڏيندا هئا، ڇاڪاڻ ته ڪين ڪيترائي مريد هئا. اجا تائين پير ميان شاهل محمد عباسي (تعلقه قنبر - ضلع لاڙڪاڻه) ۽ پير ميان الياس عباسي (تعلقه ڏوڪري - ضلع لاڙڪاڻه) جي مقبرن تي سوين سائل ڍَرندا رهن ٿا، ۽ پنهنجون باسون باسيندا رهن ٿا.

جڏهن ”ڪلهوڙن“ جي حڪومت ڪمزور ٿي، تڏهن ”مير“ حاڪم ٿيا ۽ ”پير“ (ڪلهوڙا) پڇي، ميدان ڇڏي ويا.

سرگواسي پيرومل، ’فئلن صاحب جي ڪتاب جو حوالو ڏيندي، هن طرح بنياد ڏئي ٿو:

”آمروه جي شهر ۾، ميرانجي نالي هڪ شخص وٽ جادوءَ جو ڏيو هو، جنهن جي وسيلي، هن ڪيترائي ڪرامت جهڙا ڪم ڪيا، جنهنڪري هڪ وڏو پير ڪري ليکيندا هئس. هاڻ هو اتي جي ڪن ماڻهن ۾ اڃي واسو ڪندو آهي. امروه ۾ ٻيا ٻه ڪي پير جهڙوڪ: زين خان، ننهي ميان ماڻهن ۾ واسو ڪن ٿا، پر ڇون ته ”جڏهن مير (مرانجي) اچي، تڏهن ٻيا پير پڇيو وڃن“ جو هو ڪانئن وڏيڪ ڪلا وارو هو.“

## ۴- اَبو گسي، ڌيءَ وسي:

هندن ۾ رواج آهي ته ڌيءَ کي جهجهو ڏاج ڏين. ڪنهن سيٺئي، ڌيءَ کي ايترو ته ڏاج ڏنو، جو پاڙي وارن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. تنهن تي ڪنهن پاڙي وارن ائين چيو:

مطلب: اَبي جي ڪٽي، اَدي ڪپائي.
ڪمائي هڪڙو ته کائي ٻيو.

## ۵- اُتم ڪيتي، وڏنڌ واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار:

مطلب آهي ته ڪيتيءَ کي اول نمبر، واپار کي ٻئي نمبر، نوڪريءَ کي ٽئين نمبر ۽ پنڻ کي چوٿين نمبر يعني بيڪاريءَ ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

چون ٿا ته هڪڙي زميندار کي ڪا پٽر جي پٽي هٿ اچي ويئي، جنهن تي اها عبارت نقش ٿيل هئي. آزمائش خاطر، انهيءَ زميندار، تمام گهڻي زمين آباد ڪئي، مگر پاڻ ڪڏهن به پوک جي نظرداري ڪانه ڪيائين، اٽلو عيش عشرت ۾ وقت گذارڻ لڳو. اهو به نه ڏنائين ته پوک کي پاڻ آهي يا نه. پورو پاڻي مليس ٿو يا نه.

نتيجو اهو نڪتو، جو هو وڏي نقصان هيٺ اچي ويو. اهو حال ڏسي، غصي وچان، پٽر کي ڪٽي، زور سان زمين تي سٽيائين (جو سمجهيائين ته پٽر کي ڪيتيءَ وارا لفظ غلط لکيل آهن). اچا ان جي پوئين پاسي، جو هن اگهه ۾ ڏنو ئي ڪونه هو، هيٺيان لفظ لکيل نظر آيس: .

”ڪيتِي سِر سِيتي.“

اهي لفظ پڙهي، اهو زميندار ڏاڍو ڦِڪو ٿيو ۽ پنهنجي عيش عشرت کان هڪدم باز آيو ۽ چوڻ لڳو ته ”ڏوهه منهنجو آهي ۽ نه هن پٽر لکڻ واري جو!“

## ٦- اَٽو چي، گهوپاٽو:

هڪ جو، ٻيو مطلب وٺڻ.

ڪنهن سائل، هڪ در تي اچي، سَٽين هنئي. گهر جي مالڪ، نوڪر کي چيو ته ”قبر کي اٽو ڏي.“ نوڪر اٽو اکر ٻُڌو ئي ڪونه. هن سمجهيو ته شايد هو چوي ٿو ته ”فقير کي گهوپاٽو ڏي“. سو گهوپاٽو کڻي، فقير ڏي وريو. فقير پاٽيو ته گهوپاٽو (لٺ) کڻي، شايد مون کي مارڻ ٿو اچي، تنهنڪري ويچاري رکيو پيرن تي زور! مالڪ ويٺي سارو لقاءُ ڏٺو. بي اختيار، زبان مان نڪري ويس: اٽو، چي، گهوپاٽو.

## ٧- اُٺ ڪڏن سسئي!

جڏهن پنهونءَ جا پائر، رات جو چوريءَ، سسئي جي پاسي مان پنهون کڏي، ڪيچ روانا ٿيا، تڏهن سسئي ويچاريءَ صبح سان ڪاريءَ وارا ڪک ڏنا. پنيور کي باهه ڏيئي، اڪيلي سر، پيرين پيادي، ڏونگر ڏورڻ لڳي. هڪ پنڌ اٽانگو، ٻيو مسافري لنبي، ته به ويچاري پنڌ سٽيندي پئي ويئي، پر ڪٿي پنيور، ڪٿي ڪيچ! ڪنهن، سسئيءَ جي اهڙي حالت کي ڏسي ائين چيو:

مطلب آهي ته: پٽر ۽ پوٺي، رڻ ۽ راٽي، جهر ۽ جهنگ، ڏڙي ۽ ڏنگ کي پار ڪرڻ لاءِ اُٺ کپن. پيرين پيادو ڪيترو هلبو. اُٺ ئي سسئي کي ڪيچ پهچائي سگهندا. چاڪاڻ ته پنهونءَ کي به اُٺ تي کڻي ويا هئا.

مطلب: جڏهن ڪو ڏکيو پنڌ هوندو آهي، يا ڏکيو مسئلو درپيش ايندو آهي،

تڏهن ائين چئبو آهي.

## ٨- اُٺ نہ پہچي، هٽي ڀورن لتؤن

هڪ جي باھہ ٻئي مان ڪڍڻ.

جَت، اُٺَن تي مال لَڏيو، پاڻ ڀورن مٿان چڙهيو پيا وڃن. اُن کي تيز هلڻ لاءِ، خوب لتون پيا هڻن، پر لتون تہ اُٺ تائين پهچن ئي نہ پيون، تنهنڪري اُٺ جي تيزيءَ ۾ خيرڪو فرق پئي آيو. وري زور سان لتون پيا هڻن، تہ بہ اُٺن تائين نہ پيون پهچن، ۽ ڀورن کي پيون لڳن. تڏهن ڪنهن ڏسي ائين چيو.

## ٩- اَپڻا مال هي، روسُون پي، ڪائسُون پي:

پنهنجي ڪيل ڳالھہ، ڪِلي بہ قبولبي ۽ روئي بہ.

جَت، بصر سان ماني پيا کائين. بصرن جي بانس ۽ ڪَڙاڻ کان، سندن اکين مان پاڻي پيو وهي. ڪنهن چيو تہ "رو بہ پيا تہ کائو بہ پيا!" کلي چيائون تہ "اپڻا مال هي، روسون پي، کائسون پي".

## ١٠- اَپڻي گهوٽ تہ نشان تيوَئي:

پنهنجي، سنهنجي آهي. پرائيءَ ۾ اک، پنهنجيءَ ۾ هٿ.

پنهنجو ڀونو ڀارڻ ڪپي.

ڪن موالين، ڀنگ پئي پيتي تہ ڪنهن واٽهڙوءَ سوال تي لَپ گهُرين. پيالِي پِي، چيائين تہ، "هيءَ چُڪِي تہ نہ لڳي (نشو تہ ڪونہ ٿيو)! تنهن تي هڪ مواليءَ چيس تہ، "اَپڻي گهوٽ تہ نشان تيوَئي".

موالي ڏين ڪونڊن کي مُنهن، تن کي لَپ چَڪي مان ڪٿي ٿو نشو ٿئي!

## ١١- اَڌ کي ڇڏي، جو سڄيءَ پٺيان ڊڪي،

## تنهن کي سڄي تہ نہ ملي، پر اڌ ڪاڻ سِڪي:

نفعي جي لالچ ۾، نقصان سهڻ.

هڪڙو ڪتو قاصائيءَ جي دڪان تان، گوشت جو ٽڪرو کڻي ڀڳو: ڪتو. پر سان وهندڙ واه ۾ گهڙي ترڻ لڳو. جڏهن وچ تي آيو، تڏهن پاڻيءَ ۾ پنهنجو

پاچو ڏسي، پانيائين تہ ہيو ڪتو آهي، جو گوشت جو ٽڪرو وات ۾ کنيو ٿو وڃي. هن کي خيال ٿيو تہ اهو ٽڪرو بہ هن کان ڦريان. سو جهڙو وات ڦاڙي، ڪتي تي گُرڙ شروع ڪيائين، تهڙو پنهنجي وات وارو گوشت جو ٽڪرو، پاڻيءَ ۾ ڪِري پيس. تنهن تي ڪنهن عاقل ائين چيو.

ڪنهن وري هيئن ٻڌايو:

اڌ کي ڇڏي، جو سڄيءَ لئہ [1] ڏوئي،*

سو اڌ تہ وڃائي، پر سڄيءَ لئہ روئي.

## ١٢- اَڌ رات ٿي کڌ ۾:

ڪنهن ٺيڪيدار دايَن کي، کڌ کوٽڻ لاءِ ڏني. جڏهن داين ٿورو ڪم ڪيو، تڏهن اندازو لڳايائون تہ هن ڪم ۾ ڪَسُ لڳندي، تنهنڪري ڏينهن جو پرائو ڪم، ۽ رات جو نيڪي وارو ڪم ڪندا رهيا. ڏينهن جو ٺيڪيدار پڇين تہ، "ڪيترو ڪم ڪيو اٿو؟" هُو چون تہ، "سائين اڌ رات تائين ڪم ڪندا آهيون". ٺيڪيدار هنن جو معمولي ڪم ڏسي، سڙي ويندو هو، ۽ کين چوندو هو تہ "اوهان جي اڌ رات ٿي کڌ ۾."

مطلب: جڏهن ماڻهو، دل سان ڪم نہ ڪندو آهي، پر اجائي سجائي پيو هام هڻندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

## ١٣- اَدائي گهرن جو خير:

سڀ جو خير، سڄي جهان جو خير

قديم زماني ۾، ڀارت وَرش ۾ ادائي گهر ليکيندا هئا: گهر برهمڻ جو، گهر کَتريءَ جو ۽ اڌ گهر وَيشَ جو، اڇوت کي گهٽ ذات سمجهي، ڏانهس تہ مورڳو نهارڻ بہ پاپ سمجهندا هئا.

عربن ۾ وري گهر مسلمانن جو، گهر اهل ڪتاب (يهودين ۽ عسائين جو)، ۽ اڌ گهر ٻئي مذهب وارن جو شمار ڪيو ويندو هو.

ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ جيئن ڀارت جو نالو نہ رهيو، ۽ اسلامي حڪومت

---

[1] ڏوئي = ڳولي.

سبب سڀ هند واسي ٿي ويا، تڏهن پنگتي ورهاست ٿِي، وري بہ ادائي گهر سڏجڻ ۾ آيا. اُهي هئا: گهَر هندو، گهَر مسلمان، ۽ اڌ گهر اڇوت. سنڌ تي بہ اهو ساڳيو اثر رهيو، جنهن موجب گهر ”هندو“ گهر ”مسلمان“ ۽ باقي اڌ گهر ”باليشاهيءَ“ جو ڳڻجڻ ۾ آيو، ۽ اڄ تائين سنڌ ۾ اهي ئي ادائي گهر شمار ڪيا ويندا آهن.

ماڻهو عام طرح دعا گهرڻ وقت، الله تعاليٰ جي حضور ۾ عرض ڪندا آهن تہ: خدا ”خدايا! ادائن گهَرن جو خير گذارج، ۽ انهن جي صدقي اسان جو بہ!“

## ١۴- الله ڏيوَئِي، ميان ڏيوَئِي، صحبت نہ ڏيوَئِي

انڪاري ٽيڻ، نابري وارڻ

چون ٿا تہ ڪلهوڙن جي وقت ۾، حڪومت طرفان، چانڊڪي پرڳڻي جي ڪنهن حصي جو صحبت خان ڪاردار (مختيارڪار) هو. صحبت خان ايتري قدر تہ بخيل هو، جو ڪنهن کي بہ ماني ٽڪيءَ جي صلاح نہ ڪندو هو، ۽ نہ وري ڪا خيرات ئي ڪندو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ هڪ فقير، صحبت خان کان خيرات گهرڻ ويو. صحبت خان بيهڻ ئي نہ ڏنس. فقير ڇا ڪيو جو وقت جي ميان صاحب (ڪلهوڙي حاڪم) ڏانهن خيرات لاءِ ويو. ميان صاحب، فقير کي خيرات ڏيئي راضي ڪيو. فقير عرض ڪيو تہ ”سائين! اوهان جي خيرات اَگهِي، پر صحبت خان ڏِي بہ بہ اکر لکي ڏيو تہ اهو بہ مون مسڪين بڇڙيوال جي مدد ڪري.“ ميان صاحب، فقير کي، صحبت خان ڏانهن خط لکي ڏنو. جڏهن صحبت خان اهو خط پڙهيو، تڏهن بہ خيرات ڏيڻ کان پڙُ ڪدي بيٺو. چي: الله ڏيوَئي، ميان ڏيوَئي، صحبت نہ ڏيوَئي. يعني الله تو کي ڏئي، ميان (ڪلهوڙو حاڪم) تو کي ڏئي، پر صحبت نہ ڏيندءِ.

## ١٥- اَگهہ پئي بازار تہ بُنِي بہ جوار:

چون ٿا تہ ميرن جي وقت ۾، هڪ دفعي جڏهن ڏڪر پيو، تڏهن اَن تمام گهڻو مهانگو ٿي ويو. اگهہ ايتري قدر تہ چوٽ چڙهي ويا، جو سونُ برابر بہ اَن نٿي مليو.

هڪ ڪُڙميءَ وٽ ڳَنڍي، ٻُنِيءَ (مڪئي) جي پِرِيل هئي. ڪنهن ڀاڙي واري چيس ته، ”ادا، ڪهڙي اگهه ڏيندين؟“ چيائين، ”هيتري ڪم هيتري مڻ.“ ڀاڙيسريءَ چيس ته، ”ادا، اهو اگهه ته جوئر جو ٻه ڪنهن ڪڏهن نه ورتو آهي، تون وري نئينءَ مان پنهنجا اگهه وٺو ٿاهين؟“ تنهن تي مڪئيءَ جي مالڪ ائين چيو.

مطلب: جڏهن ڪنهن شيءِ جي قلت هوندي آهي، ۽ ڪاپو زياده هوندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

## ١٦- انڌو هاٿي، لشڪر جو زيان:

سڪندر اعظم، عيسوي سن کان ٣٢٧ ورهه اڳ سنڌ تي ڪاهه ڪئي، پر تنهن کان اڳ، پنجاب جي راجا پورس سان لڙيو. هن جي بهادري ڏسي، خوش ٿي، کيس پنجاب ملڪ واپس ڪيائين.

سڪندر جو لشڪر، گهوڙن تي هو، پر راجا پورس جي لشڪر جو ڪجهه حصو هاٿين تي هو. جڏهن سڪندر جي لشڪر جا تير، پورس جي هاٿين کي لڳا، تڏهن ڪي انڌا ٿيا، ڪي زخميا ۽ ڪي چرجي چتا ٿيا.

”پورس جا هاٿي، هزار ڪوششون ڪرڻ سان به غنيم جي طرف اصلي نٿي وڌيا، بلڪ اُلٽي پيرن، پنهنجي فوج کي چيپاٽيندا وٺي پيا“ (١).

اهڙي حالت کي ڏسي، ڪنهن ائين چيو.

مطلب: جڏهن ڪنهن شيءِ مان اهو ڪارج نه سَري، جو پهريائين سَرندو هجي، ۽ ان مان وري ساڳي ڪارج سرڻ جي ڪوشش ڪجي ته فائدي بجاءِ، نقصان ٿيندو.

## ١٧- انڌير نگري، چرٽ راجا
## ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاڄا:

جڏهن ڪو ظالم يا بي عقل حاڪم ٿيندو آهي، تڏهن ان جي حڪومت جو جلد ئي زوال اچي ويندو آهي، يا جڏهن ڪو حاڪم، رعيت جي حال کان

---

(١) تاريخ سنڌ صفحه ٦٣ - مولوي نور محمد نظاماڻي.

غافل ۽ بي پرواھ رھندو آھي، تڏھن ان جي دور ۾ ظلم ۽ مصيبت حد کان وڌيڪ لنگھي ويندا آھن. اھڙي وقت لاءِ ائين چئبو آھي.

ڳالھ ڪندا آھن تہ ھڪڙو گُرو، پنھنجي چيلي سان گڏ، تيرٿ ڪندي، ھڪڙي ڳوٺ ۾ اچي پھتو، جنھن جو نالو ”انڌيري نگري“ ھو. گروءَ، پنھنجي چيلي کي کاڌي پيتي جي شين خريد ڪرڻ لاءِ بازار ڏانھن موڪليو چيلي وڃي ڏٺو تہ مارا ھتي ”ڀاڄي“ بہ ٽڪي سير تہ ”کاڄا“ بہ ٽڪي سير! ھن ڇا ڪيو، جو ٽڪي ۾ کاڄن جو سير خريد ڪري، پنھنجي گروءَ کي اچي، چيائين تہ، ”گروجي، ھت ڏاڍو مزو آھي، ھر ھڪ شيءِ ٽڪي سير! ڏس، مان بہ ٽڪي ۾ کاڄن جو سير وٺي آيو آھيان، تنھنڪري ڪجھ وقت تہ ھِت رھي، مؤج ڪرڻ کپي. چڏيو تيرٿ ياترا جي پچر! ھھڙا سک ڪٿي نہ ملندا“

گرو نھايت سياڻو ھو، سو کيس چوڻ لڳو تہ ”ڀائي، ھن شھر جو نالو ئي ”انڌيري انگري“ آھي. ھِت رھڻ، خطري کان خالي نہ آھي. ھونءَ بہ ساڌن کي ھڪ ھنڌ ديرو دَمائڻ ٺيڪ نہ آھي. چوندا آھن تہ: ساڌو رَمندو ڀلو، پاڻي وَھندو ڀلو. مگر چيلو چوي تہ ”آءٌ ھرگز نہ ھلندس“. گروءَ گھڻو ئي سمجھايس، پر چيلو پنھنجيءَ تي ئي بيٺو! آخر گرو لاچار ٿي ھليو ويو.

چيلو، اُتان جا کِھَ مَلِيدا کائي، دُنبو ٻڻجي پيو. ھڪڙي دفعي، ڪنھن ڏٻري ماڻھوءَ تي خون جو الزام ثابت ٿيو، تنھنڪري کيس ڦاسيءَ جي سزا ملي ھئي. پر اتفاق اھڙو ٿيو، جو مجرم جي ڳچيءَ کان، ڦاسيءَ جي سِرڪڻ (ڦندو) وڏو ھئي، جنھنڪري راجا حڪم ڪيو تہ: ”ڪو ٿلھو متار ماڻھو آڻيو. جنھن کي ھن جي بجاءِ ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي!“ ڳولا ڪندي، حلوئيءَ جي دُڪان تان، چيلي کي کاڄا خريد ڪندي، ڏٺو ويو، جنھن کي پڪڙي وٺي آيا.

چيلي، اھڙو انڌير ڏسي، گھڻو پڇتايو ۽ گروءَ جا وَچَن ياد آيس. ھوڏانھن گروءَ کي بہ اھا کُڙڪ پئجي ويئي، سو ھڪدم ڦاسيءَ جي تختي وٽ پھچي ويو. گروءَ ڦاسيءَ ڏيندڙن کي چيو تہ. ھِن وقت. ڦاسيءَ تي چڙھڻ جو حق منھنجو آھي، تنھنڪري ڦاسي، منھنجي ڳچيءَ ۾ وجھو“. سپاھين پڇيس تہ. ”ڇو“؟ گروءَ جواب ڏنو تہ. ”ھن شُڀ سمي ۾ جنھن کي ڦاسي ايندي. سو سڌو سُرڳ ۾ ويندو،

شاسترن ۾ بہ ائين لکيل آهي سو: گروءَ کان اڳ ۾، چيلي کي سرڳ ۾ وڃڻ جو ڪو حق ڪونهي.

چيلو، گروءَ جي مامر پروڙي ويو. رڙ ڪري چيائين تہ ”نہ، گرو جي نہ، مان ئي ڦاسي کائيندس، ڇاڪاڻ تہ سپاهين مون کي ئي پڪڙيو آهي ۽ نہ اوهان کي!“

گروءَ چيلي کي گهڻو سمجهايو تہ ”ساڌن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ سرڳ جو حقدار ٿي نٿو سگهي.“ پر هنن جي ڳالهہ ڪنهن بہ نہ ٻڌي، اها راجا کي خبر ڏنائون.

جڏهن راجا اها ڳالهہ ٻڌي تہ سرڳ هٿ ڪرڻ جو هي ئي شُڀ سميہ آهي، تڏهن چيائين تہ: ”بس مون کي ڦاسي ڏيو!“ آخر راجا کي ڦاسي آئي، پر ”شڀ سميہ“ سبب ٻيا بہ ڪيترا سرڳ جا شائق، اتي ڦاسيءَ تي چڙهندا ويا! جڏهن گروءَ ڏٺو تہ گهڻائي پاپي ناس ٿي ويا آهن، تڏهن چيائين تہ ”هينئر اهو شُڀ سميہ سَماپَت ٿي ويو آهي، تنهنڪري وڌيڪ ٻيو ڪوبہ ڦاسيءَ تي نہ چڙهي.“

پوءِ گروءَ، چيلي کي چيو تہ: ”هن وقت ئي هتان ڪُوچ ڪرڻ گهرجي. هاڻي تو ڏٺو تہ هٽ ڪهڙو نہ انڌير لڳو پيو آهي!“

## ١٨- اَٽائي بہ ويئي، تاٽائي بہ ويئي، وري ڪپهہ جي ڪپهہ:

ڪئي ڪمائي چٽ.

ڪنهن پوڙهي آئيميءَ کي رستي تي پيشاب ڪندي، ننڍ جي پِنڪِي اچي ويئي. ڪو شاهينگ، اُتان اچي، لانگهائو ٿيو. جو ڪپهہ پڃائي، گهر ٿي ويو. هن، اَئيميءَ کي پنڪيءَ ۾ ڏسي، سندس پنڪو لاهي، ڪپهہ جو هڪڙو وڏو ٻُڙو متانس رکيو، هليو ويو. جڏهن اک کليس، تڏهن مٿي تي هٿ هڻي، ٻڙو ڏسي، ائين چيائين.

## ١٩- اونڌيون پاٽيون، پاسيرا ٽويا:

جڏهن ڪو تور يا ماپ ۾ گهوٻي هڻندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

هڪڙي ماڻهوءَ، ڪنهن واپاريءَ کان، سَستي اگهہ تي اَن اُڌارو ورتو. ۽ کيس

چيائين تہ: ”منهنجو اَن لهي تہ تو کي اوترو ڏيندس“.

جڏهن اَن ڏيڻ جو وقت آيو، تڏهن اَن جو اگهہ چوڻ چڙهيل هو، تنهنڪري هن کي دل ۾ گدڙ جاڳيو! پر مقرر ڪيل نموني تي، اَن ڏيڻ لاءِ ٻڌل هو. چاڪيائين جو اَن ڏيڻ مهل اوڌيون پاٿيون ۽ پاسيرا ٽويا ڪري اَن مَئڻ لڳو. اهو حال ڏسي، جنس واري وڃي قاضيءَ کي دانهن ڏني، جنهن گهرائي پڇيس. هن چيو تہ، ”سائين، ڏيڻ جو نمونو برابر اهو مقرر ٿيل آهي، پر اهو ٻولايل ڪونہ هو تہ اَن، ڪهڙيءَ طرح مَئي ڏبو؟ تنهنڪري اهو مون تي ڇڏيل آهي تہ ڪهڙي بہ نموني مَئي ڏيان؟“

ٻيون چوڻيون:

١- جَرٻٽ راجا، نڪا ساهمي نڪو وَٽ،
ڏئي بہ ٻُڪ، وٺي بہ ٻُڪ.

٢- اوڌيون پاٿيون، پاسيرا ٽويا،
تہ بہ وکري (١) ساجا، ماٺهو ٽوها (٢).

## ٢٠- اهو ڪم ڪجي، جو لعل بہ ليي ۽ پريت بہ رهجي اچي:

هڪڙي شهر ۾، بادشاهہ جي پٽ، وزير جي پٽ، قاضيءَ جي پٽ ۽ ڪوٽوال جي پُٽ جي پاڻ ۾ پريت هوندي هئي، ۽ چئني کي عام طرح ”چار يار“ ڪري سڏيندا هئا. هڪ دفعي چار ئي يار سفر ۾ نڪتا. ڪين رستي تي هڪ گهاٽي جهنگ ۾ رات پئجي ويئي. پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪيائون تہ، ”هڪڙو هڪڙو جٺو، واري تي پهرو ڏئي.“

پهريون پهر، بادشاهہ جو پُٽ، پهرو ڏيڻ لڳو، ۽ ٻيا سمهي پيا. اجا گهڙي ڪن مس گذري تہ سندس نگاهہ هڪڙي نانگ تي وڃي پيئي، جو چانڊوڪيءَ رات ۾ پنهنجي ”مَڻ“ ڪڍي ان سان راند ڪري رهيو هو. بادشاهہ زادي کي 'مَڻ' جي

(١) وکري = وکر وکڻڻ وارا، واپاري ساجا = خوش، آسودا.
(٢) ٽوهيا = سکڻا، خالي، سُڃا، غريب.

خاصيت جي خبر هئي، سو چا ڪيائين جو مِٽيءَ جو ڀڪ ڀري، ڪٽي نانگ جي اکين ڏي اڇلايائين، جنهنڪري هو انڌو ٿي پيو، ۽ شهزادي، اها مڻ کڻي، ڪيسي ۾ وڌي.

ٻئي پهر تي، وري وزير جو پٽ پهري تي اُٿيو، ۽ چونڪي ڏيڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ، هن جي به نانگ تي نظر پئي ۽ اَن جي ”مَڻ“ هٿ ڪري، پنهنجو وقت گذاري پاڻ سمهي پيو ۽ قاضيءَ جو پٽ پهري لاءِ اٿيو.

ٽئين پهر ۾، قاضيءَ جي پُٽ به پهرو ڏنئي، اهڙيءَ طرح هڪڙي ”مَڻ“ هٿ ڪئي ۽ ان کان پوءِ، ڪوتوال جو پٽ، پهري لاءِ اُٿيو. انهيءَ به هڪڙي ”مَڻ“، ٻين دوستن وانگر هٿ ڪئي.

هر هڪ دوست کي، جيڪا ”مَڻ“ هٿ آئي هئي، سا درحقيقت ”لعل“ هئي. ڪوتوال جو پٽ، جنهن ٻين دوستن جيترو مال نه ڏٺو هو، نه وائنو هو، تنهن دل ۾ خيال ڪيو ته ڏسان ته هنن وٽ به ڪا مون جهڙي قيمتي شيءِ آهي يا نه؟ تنهنڪري ٽنهي سمهيل دوستن جي سامان ۽ کيسن جي تلاشي وٺي، هر هڪ جي کيسي مان لعل ڪڍي، پنهنجي لعل سان گڏ، سُٿڻ جي ابداٽي ۾ لڪائي ڇڏيائين.

شهزادي، وزير زادي ۽ قاضيءَ جي پُٽ، پنهنجي پنهنجي لعلن جي چوريءَ جو احوال، هڪ ٻئي کان به لڪائي ڇڏيو. مگر افسوس ٽنهي کي هو.

اُنهيءَ جهنگ مان لنگهڻ کان پوءِ، هڪڙو وڏو شهر نظر آين، جنهن جو بادشاهه نهايت انصاف پسند هو. هي سڀ بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ آيا ۽ بادشاهه وٽ، انهن لفظن ۾ فرياد داخل ڪيائون ته لعل به ليي، پريت به رهجي اچي. بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي ويچار هيٺ اچي ويو. گهڻوئي خيال ڪيائين، مگر ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيس. دربار مان آئي، محلات ۾ ويو. نه ڪنهن سان ڳالهايائين نه ٻولهايائين، وڃي پلنگ تي پاسيرو ٿي پئجي رهيو. شهزادي، جا سندس وَڏوَر نياڻي هئي، تنهن سندس اهو حال ڏسي، سمجهي ورتو ته: ”بابا، اڄ ڪنهن وڏيءَ مونجهه ۾ آهي.“ اهو خيال ڪري، پيءُ وٽ آئي ۽ پڇيائينس ته: بابا سائين، ٻيو ته خير آهي؟ اڄ ايتريقدر، ڪهڙي ڳالهه جو ويچار آهي؟“ بادشاهه کيس ٻڌايو ته

”اڄ مون وٽ فيصلو آيو آهي ته: لعل به ليي، پريت به رهجي اچي. انهيءَ مونجهه منجهائي وڌو آهي. شهزاديءَ چيس ته، ”اهو فيصلو سولو آهي، منهنجي حوالي ڪريو ته آءٌ پاڻيهي فيصلو ڪنديس.

ٻئي ڏينهن تي، بادشاهه چار ئي ماڻهو (شهزادو، وزير زادو، قاضيءَ جو پٽ ۽ ڪوتوال جو پٽ) شهزاديءَ ڏي موڪليا. شهزاديءَ چين ته، ”آءٌ، اوهان جو فيصلو ڪنديس، مگر شرط اهو آهي ته اوهين اَٺ ڏينهن مون وٽ ماني کائو. يعني: اوهان مان، روزانو هڪڙو، مون وٽ اچي، پنهنجي ماني کائيندو، پوءِ پنهنجي ٽن دوستن جي ماني ڪٽي پيو ويندو. هنن قبول ڪيو.

پهرئين ڏينهن شهزادو، ماني کائڻ ويو. شهزاديءَ کيس ماني ته کارائي، مگر جنهن کٽ تي، هو ماني کائي رهيو هو، تنهن تي هڪڙو لعل به رکيائين، مگر شهزادي، ان ڏي نهاريو به ڪونه، چاڪاڻ ته هن، انهيءَ کان به وڌيڪ قيمتي لعلون، پنهنجي گهر ۾ ڏسي ڇڏيون هيون. هو پاڻ ماني کائي، شراب پيئي ٽنهي دوستن جي ماني ڪٽي هليو ويو. اهڙيءَ طرح ٻئي ڏينهن وزيرزادو ويو. شهزاديءَ، ان جي کٽ تي به لعل رکيا، مگر وزيرزادي، اک ڪٽي، انهن ڏانهن نهاريو به ڪونه. ٽئين ڏينهن، وري قاضيءَ جي پٽ جو وارو آيو، جنهن جي اڳيان شهزاديءَ ٽي لعل رکيا. مگر هن انهن ڏي ڪوبه توجه ڪونه ڪيو. چوٿين ڏينهن، ڪوتوال جي پٽ جو وارو آيو. شهزاديءَ، ان جي اڳيان به ٽي لعلون رکيون. ڪوتوال جو پٽ، جنهن ڪڏهن به اهڙو اُچو ۽ اعليٰ شراب نه پيتو هو، سو هتي پيئڻ سان مدهوش ٿي ويو ۽ لڳو بڪ بڪ ڪرڻ. شهزاديءَ کي چوڻ لڳو ته: ”شهزادي صاحبه! تو وٽ رڳا ٽي لعل آهن، مگر مون جهڙي غريب وٽ، انهن کان به گهڻو بهتر ۽ وڌيڪ قيمتي چار لعل آهن.“ ائين چئي، انهيءَ مدهوشيءَ جي حالت ۾، اُهي پنهنجي سٿڻ جي اُبداٽي مان ڪڍي، شهزاديءَ جي آڏو رکيائين. شهزاديءَ اُهي چار ئي لعل، پاڻ وٽ رکي ڇڏيا ۽ دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي، جو چور لڌائين.

پنجين ڏينهن واري تي، وري بادشاهه زادو آيو. ان کي ماني کارائي، خوش ڪري، انهن چئن لعلن مان، هڪڙو لعل ڏيئي چيس ته: ”ڪڻ پنهنجو لعل ۽ سَڃاڻ ته اُهو اٿيئي يا ڪو ٻيو؟“ هن جواب ڏنو ته، ”هائو اهو منهنجو لعل آهي. اهڙيءَ طرح واري وتيءَ سان، سيني کي پنهنجو پنهنجو لعل ملي ويو ۽ ڪنهن کي به خبر ڪانه پيئي، ته اهي ڪنهن وٽان نڪتا. اهڙيءَ طرح لعل به لڌائون ۽

پريت بہ رهجي آين.

مطلب: جيڪڏهن ڪو معاملو درپيش اچي تہ ان کي اهڙي نموني نبيرجي، جو معاملو بہ نہ ٿهي وڃي ۽ محبت بہ نہ وڃي.

## ٢١- اِهو سون ئي گهوريو، جو ڪَن ڇني:

اهو ڪم ئي گهوريو، جنهن مان فائدي بدران نقصان يا خرابي ٿئي.

ايران ۾، نوشيروان کان بہ اڳ، ڪَنَ جو زيور، "سونو والو" هوندو هو. "روپو" ۽ "لوهو والو" ڪنيز (ٻانهيءَ) جو هوندو هو. پوءِ "سونن دُرن" جو رواج نڪتو ۽ پوءِ نوشيروان جي ڏينهن ۾، "موتين جي دُرن" جو رواج پيو. انهيءَ وچ ۾ ترڪستان جي زالن ۾ "مَرواريد" ۽ "سونن جهومڪن" جو رواج پيو. نوشيروان جي حرمَن، "جهومڪن" جي گهر ڪئي. تنهن تي نوشيروان فرمايو: "يا دو گوش بايد، يا دو نيلم." يا ڪنن جو خير گهرو، يا (ٻِرا) جهومڪ (دو نيلم) پايو. (لغت - ملا همداني گورگاني) اج تائين ايران ۾ جهومڪن جو رواج نہ پيو آهي.

نوشيروان جي فرموده جو ترجمو ٿيو: اهو سون ئي گهوريو، جو ڪَن ڇني.

## ٢٢- اهڙي جٽ ڪيائينس، جهڙي ٻرڙو ڪري ٻارن سان:

جوکي جٽ يا تعدي ڪرڻ.

هڪ دفعي ٻرڙو (مسلمانن جي هڪ ذات)، پنهنجي دوست جي گهر، مهمان ٿي ويو. صبح سان، مهمان کي نيرن ڪرائي، گهر جا ڀاتي، رُنبي تي ويا ۽ مهمان کي چيائون تہ "ٻارڙن جي سار سنڀال ڪج.

اجا اڌ ڪلاڪ مس گذريو تہ ٻارن روئڻ شروع ڪيو. ويچارو مهمان، گهڻو ئي ٻارن کي پرچائي، پر ٻار ماٺ ئي نہ ڪن! جڏهن مهمان کان ڳالهہ زور وٺي ويئي، تڏهن ٻارن کي ڳُنديءَ ۾ وجهي ڇڏيائين. جڏهن منجهند جو، گهر جا ڀاتي، رونبي تان موٽيا، تڏهن مهمان کان ٻارن جو پڇيائون. مهمان، ڳنديءَ جو ڏسَ ڏنن.

اهڙيءَ آڻ سهائيندڙ حالت کي ڏسي، ڳنهن انين چيو.

## ٢٣- اُهي تُنيائي مري ويا، جيڪي گهيٽا ڏِيندا هئا:

سخي مرد اُٿي ويا.

تنيا، جناب غوث بهاءُ الدين زڪريا ملتاني (٥٦٦-٦٦٦هـ) جا مريد آهن، جي پاڻ کي فقير گهر سڏائين ٿا.

”ملتان وارن بزرگن جا ڪيترائي خدا رسيدا مريد سنڌ ۾ ٿي گذريا آهن، جن مان ڪيترن تي تہ زبردست ميلا بہ لڳندا آهن. جيسلمير جي هندو راجا جو نوجوان راجڪمار، حضرت غوث بهاءُ الدين جي بيعت حاصل ڪري مسلمان ٿيو، جنهن کي روحاني فيض سان مالا مال ڪري، پوءِ حڪم ڏنائين تہ، ”سنڌ ۾ وڃي رهہ ۽ روحانيت جي تبليغ ڪر.“ مخدوم عبدالله پراڻن هالن ۾ اچي رهيو ۽ وڏو فيض بخش بزرگ ٿي گذريو هو“.(١).

سنڌ ۾، غوث صاحب ۽ ان جي جانشينن جا ڪيترائي مقرر ڪيل خليفا هئا. جيئن: جام ڏاتار (مقبرو ڳوٺ ڪڏڙي تعلقہ سنجهوري جي نزديڪ)، سخي داد واهي (درگاهہ داد واهہ جي ڪناري تي تعلقہ نوشهره فيروز ۾)، خليفہ ونهيون (مقبره نصرپور شهر پران)، درويش سينهڙو (مقبرو ٽنڊوالهيار پران)، مخدوم عبدالرحمان (سامارو شهر جي نزديڪ) وغيره.(٢).

تنيا فقيرن مان بہ ڪي خليفا هوندا هئا، جي ڳوٺ ڳوٺ مان، مريدن کان گهيٽو وٺي، پيرين پيادو، مرشد سائين حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني جي درگاهہ شريف تي ويندا هئا. خليفن سان گڏ، هزارين ماڻهو بہ شامل هوندا هئا. محترم الله بخش تنيي فقير جي روايت موجب: ١٩٢٠ع کان خليفن، پيرين پيادو گهيٽن نيڻ جو رواج بند ڪيو. هينئر تہ سنڌ مان پيرين پيادو ڪوبہ ڪونہ وڃي. جنهن کي درگاهہ شريف جي زيارت جو شوق ٿئي، سو ريل تي چڙهي، اُتي نذرانو ڏيئي اچي.

هينئر جيئن تہ هر ڪو پنهنجيءَ ۾ پورو آهي، تنهنڪري اهڙو ڪوبہ تنيو ڪونہ آهي، جو پيرين پيادو گهيٽو ڏيئي اچي. تنين جي اهڙي حالت کي ڏسي، ڪنهن ائين چيو.

(١) تاريخ سنڌ پاڳو ٽيون صفحو ١٩٧-١٩٨ عبدالغني عبدالله.

(٢) تاريخ سنڌ پاڳو ٽيون ٢٠٠-٢٠١ عبدالغني عبدالله.

# (ب)

## ٢٤- ٻُچڙو ڪتو، ڏٽي پٽائي:

ڪنهن گهر وٺان، ڪي ٻه چٽا لنگهيا ته ڪتي مٿن رومڙ (اُلر) ڪئي. هڪ دوست، ٻجو (ٻونڊو) ڏيئي، چيس ته ”لک لعنت هجي، تنهنجي ڌاريندي ءَ (ڌاريندڙ - مالڪ) کي“. پر ڪتي ٻهڻ کان بس نه ڪئي پوءِ، ٻهٽڙي لٺ پيو ڪوڙيس، تڏهن ٻئي دوست چيس ته، ”هي ڪتو، فلاڻي دوست جو آهي، متان دل ۾ ڪري!“ تنهن تي لٺ ڌري ڪري، ڪتي کي چيائين ته، ”ڪتا، تو نه لڄ، پر تنهنجي ڌٽيءَ لڄ“. يعني اي ڪتا، تنهنجي لڄ نٿي ماري، پر تنهنجي ڌٽيءَ جي!

مطلب: جيڪو ٻچڙي هلت هلي ٿو، سو پنهنجن ڌڻين کي پٽائي (گاريون ڏياري، گهٽ وڌ ڳالهرائي) يا بدنام ڪري ٿو.

## ٢٥- ٻَخت ڏِئي پِيڙو، ته دال مال سِيرو:

دال مان سيرو يعني اٽ هوند مان يا سَجائيءَ مان آسودگي.

ڳالهه ڪندا آهن ته ڪنهن پوليس عملدار سان، سندس وڏو آفيسر، ايترو ته ناراض هو، جو هو ڪيس پوليس ٿاڻي تي ويٺو به نه سهندو هو. اجا هڪڙي پاسي کان نوڪري ڏيئي، ٿاڻي تي مس پهچندو هو ته سندس آفيسر، وري ڪيس، ڪنهن نئين ڪم پويان پجائيندو هو. مطلب ته سندس سارو ئي مهينو انئين گذرندو هو.

هڪڙي دفعي اهو نئيو عملدار، رات جي وقت اجا ٿاڻي تي پهتو ئي مس ۽ ماني کائي، پورو ٿڪ به نه پڳو هئائين ته وڏي عملدار گهرائي چيس ته، ”فلاڻو ماڻهو، ڪنهن ڏوهه ۾ گهربل آهي، وڃي ڪيس پڪڙي اچ“. هيءُ ويچارو، حڪم جو ٻڌو! ”حاضر سائين، چئي، گهوڙي تي لانگ ورائي روانو ٿيو. بيگاهه وقت جي ڪري، سڙڪ ڇڏي، جهنگ مان هڪڙي ڦٽل ڪڙيي جو ڪپ ڏيئي، اُن ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو، جنهن ۾ گهربل ماڻهوءَ، جو ڏس مليل هوس. اوچتو گهوڙي جي سنبت، ڪنهن اهڙيءَ سخت شيءِ سان لڳي، آواز ڪيو، جهڙو ڪنهن ٿامي جي برتن کي ڏڪ لڳڻ سان، آواز ٿيندو آهي. هو اهو آواز ٻڌي هڪدم گهوڙي تان

کي هٿ اچي وڃي، تہ مان جيڪر هڪدم ساٿس چنبڙي وڃان ۽ سندس ننهن، پنهنجي تيز ڏندن سان ڪتري، بيڪار ڪري ڇڏيان!“ ٻئي چيو تہ، ”اڱ جيڪر سندس نَڪَ ۾ چڪ پائي، لڙڪي پوان!“ ۽ ٽئين وري الاپيو تہ، ”آءٌ جيڪر ڪن ۾ هٿ وجهي، پڪڙي ڪٽي وجانس!“

اهڙيءَ طرح خيالي پلاءُ پچائي رهيا هئا. هڪڙو پوڙهو ۽ تجربيڪار ڪئو، جو چُپ چاپ سندن ڳالهيون ٻڌي رهيو هو، تنهن کي چيائون تہ، ”چاچا! اوهين ماٺ ڪيو ويٺا آهيو، ڇو ڪجهہ ڪڇو ئي نٿا؟ ڪا صلاح تہ ڏيو“! پوڙهي جواب ڏنن تہ ”پُٽَ، اوهين آهيو نادان. اجايون ڳالهيون ڪري، پيا ٿا خوش ٿيو! جڏهن هن رڳو هڪ دفعو ”مياٺو“ ڪئي تہ ڳوليا بہ نہ لڀندا. ٻليءَ کي بعد ۾ پڪڙجو، پهريائين رڳو اُن جي ”مياٺو“ کي تہ پڪڙيو!

اهو ٻڌي، سيئي ڪئا، ٻليءَ جي ”مياٺو“ کان ڊڄي ڀڄي ويا!

## ٣٤- ٻني سائي جي سائي، ڳاهِي ٻڪئي جو ٻکيو:

هڪڙي ڪڙميءَ کي، شهر جي ٻاهران، ڪو زمين جو ٽڪرو هو، جنهن ۾ پوک ڪندو هو. ڪڙمي ويچارو، ”کيتي سرسيتي“ تي عمل ڪندڙ هو، پر تڏهن بہ ڪو گاهي (گاهہ ڪندڙ)، سندس ٻنيءَ مان، گاهہ ڪري ويندو هو، ڪڙميءَ ڏاڍي تاڙ رکي، پر گاهي، اهڙي اک وٺي، گاهہ ڪندو هو، جو ڪڙمي کيس پڪڙي ئي نہ سگهندو هو. جڏهن ڪڙمي تنگ آيو، تڏهن ڪنهن سجڻ سان سور سَليائين، جنهن چيس تہ ”مون کي سرزمين هلي ڏيکار“. جڏهن ٻئي زمين تي آيا، تڏهن ڪڙميءَ، هن کي اهي گاهہ وارا هنڌ ڏيکاريندو رهيو، جتان گاهيءَ گاهہ ڪيو هيو. جڏهن سڀ هنڌ ڏسي رهيو، تڏهن دوست چيس تہ، ”گاهي تہ گاهہ ڪري ويو، پر انهن جاين تي ٻني سائي لڳي پيئي آهي. ٻني سائي جي سائي، گاهي ٻڪئي جو ٻکيو“.

مطلب: جڏهن ڪنهن جي چوري ٿئي، تڏهن ان کي دم دلاسي ڏيڻ لاءِ، ائين چون. جيئن گاهي سچو هوندو آهي ۽ ٻني سائي. اهڙي نموني چوري ڪندڙ کي بہ ”روهين رلا مٿي ڪَلا“ هوندا.

اختيار ڪيائين.

دنيا ۾ اهو ڀهريون ئي پيرو هو، جو ڀاءُ، ڀاءُ کي ماريو. انهيءَ وقت کان ڀاڪو مشهور ٿيو.

## ٣٧- ڀائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽ گهر جي سونهن، ويٺا ڪن ورِونهن، ڏُڇڻ، ڏورائين ڏري.

ڪنهن غريب کي، اهڙو ته ڀاڳ لڳو، جو جنهن شيءِ ۾ هٿ وجهي، تنهن ۾ برڪت! ڪيس، ٽي ڀائر هئا، جي ڀڻ لڏي لُڪِي لائق ٿيا ۽ سڀ ڪمائڻ کي لڳي ويا. هن کي چار پٽ به ٿيا، جي اڄ ننڍا سيان وڏا جي مثال، جوان ٿي پيا. مطلب ته غريب جو ويڙهو ئي پنهنجو! جڏهن ڀائر، ڀاڻ ۾ رهاڻ ڪندا هئا، تڏهن مخالفن جي ڇاتي ڇڄي پوندي هئي. وري جڏهن پٽ به، ڪُنرِو ڪري اچي آڏو ويهندا هئس، تڏهن ته دشمنن کي، اُتان سينو ساهي لنگهي سگهڻ جي مجال ئي نه ٿيندي هئي.

اُنهن جي ايڪي ۽ الفت کي ڏسي، ڪنهن سالڪ ائين چيو:

"ڀائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽ، گهَر جي سونهن،
ويٺا ڪن ورونهن، ڏُڇڻ، ڏورائين ڏري."

مرحوم رئيس فتح خان اها چوڻي وري هيئن ٻڌائي:

"ڀائر ڪوٽن ڪونگرا، پُٽ گهَرن جي سونهن،
ڏيون، ڏرمر ڀاليون، جي اَبي-اَما وِرُونهن، (١)
سجڻ ساٿوري ٿيا، ڪُونڌن سندي ڪُونهن، (٢)
ڏُجڻ ۽ ڏُونهن، پريان ئي پوءِ پيا." (٣)

## ٣٨- ڀَرِي ڀيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو:

غريب جو واهي الله.

اڳي، درياهه تي گهٽو ڪري پليون ڪونه هونديون هيون، جنهنڪري واپار ۽

---

(١) ڏرمر ڀاليون ڏيون - نڪاح واريون، شريف، سلڇڻيون، ورونهن - وندر.

(٢) ساٿوري - ساٿ ڏيندڙ، مددگار، ڪونڌن - پهلوانن، ڪونهن - طاقت.

(٣) ڏجڻ - دشمن، ڏونهن - ڏنڀ، طعنو تنڪو، پريان ٿي پوءِ پيا - پري کان ئي پٺي ويا.

ماڻهن جي اچ وڃ، ٻيڙين تي ٿينديءَ هئي. هينئر بہ درياھ تي اهڙا ڪيترائي پَتَڻ آهن، جن تان ٻيڙيون اچن وڃن ٿيون.

ڳالھ ٿا ڪن تہ هڪڙي ٻيڙي، اجا ڪناري ڪان ٿورو اڳيرو هلي تہ ٻيڙي ٻڏڻ جو انديشو نظر آيو. ناکئي چيو تہ، ”ڪجھہ ماڻهو لهن، ورنہ ٻيڙي درياھ داخل ٿيندي.“ هر ڪنهن ائين پئي چيو تہ: ”مان نہ لهان!“ پلا، لهي سو لهي ڪير! آخر انهيءَ ڳالھ تي متفق ٿيا تہ سڀ ماڻهو صف ٻڌي ويهن، جنهنجو بہ ”نائون“ نمبر اچي، سو ٻيڙيءَ مان لهي. ڳڻپ شروع ٿي. اول ئي اول نائون نمبر خير سان هڪڙو واڻيو آيو. ٻيو نائون نمبر بہ واڻيو آيو. ٽيون لڳا نائون نمبر بہ واڻيو آيو.

مطلب تہ ائين ڪرڻ سان پنجويھ ماڻهو لهي بيٺا، جي سڀ ئي واڻيا هئا. واڻين جي اهڙيءَ رحم جوڳيءَ حالت کي ڏسي، ڪنهن ائين چيو.

## ٣٩- پڳي سان ئي پير، جيسين رَتو راس ٿئي:

ٿوري گهٽي يا سادي سودي چيز سان ئي ڪم کي هلائڻ ڪپي.

اڳي چرخي يا ائٽ جو رواج گهڻو هوندو هو، شاهوڪار زالن جا ائٽ رنگين، سهڻا ۽ قيمتي هوندا هئا.

هڪڙيءَ عورت جو ائٽ پجي پيو. هاڻي ويچاري سُٽ ڪيئن ڪَتي! ڪنهن ڏاهيءَ کي ائٽ ڏيکاريائين، پر هُن چيس تہ، ”ڪنهن ڪاريگر کي ڏيکار“. هاڻي ويچاري ڇا ڪري! ويهڻ بہ نہ پيو اچيس، ڇاڪاڻ تہ زالن جي ونڊر ئي گهر جو ڪم ڪار آهي. پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيائين تہ: ”ادي، ٻن ڇئن ڏينهن لاءِ، چرخو تہ اُڌارو ڏينم، جو سندم چرخو پجي پيو آهي“ تنهن تي ان ساهيڙيءَ اُمالڪ چئي ڏنس تہ، ”ادي، پڳي سان ئي پير، جيسين رتو راس ٿئي.

مطلب تہ پڳل ائٽ سان ئي ٿورو گهڻو ڪم ڪار ڪندي رهُ، جيستائين رتو (ڳاڙهو، جنديءَ چڙهيل ائٽ) نهي تيار ٿئي.

## ٤٠- پُلي پُلي پاڻ آئي، سا بہ نہ چئجي پُلي:

ٻهراڙيءَ جو مال اڪثر ٻيلي ۾ پيو چرندو آهي، ۽ رات جو وٿاڻ ورندو آهي. اهڙي مال کي ”گور“ چئبو آهي جيڪڏهن ڪو ماڻهو، ”گور“ ڍور کي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو تہ هرگز وٺي نہ سگهندو.

هڪ ماٺهو جا ڏور، ٻيلي ۾ چرڻ ويا. سڀ ڏور، شام جو، پنهنجي وٿاڻ (ڀاڻ ڀاٽو) تي وريا، باقي هڪ ننڍڙي وڇ نـه موٽي. مالڪ کي ڏاڍو خيال ٿيو. رات جو ڳولهين ٻـ ڳولهين ڪٿي! آخر ٻوئين رات اَسر جو ڀاٽهي، پنهنجي ڀاٽي تي آئي. تنهن تي گهر جي مالڪ ائين چيو.

مطلب: جيڪڏهن ڪو ٻچڙي ڪم کان باز اچي تہ جئبو تہ هن گويا اهو ڪم ڪيو ئي ڪونہ.

## ۴۱- ڀَنگان جيهان چيز ٻـڏن، لُنڍي رووي ڪٽڪ ڪُون:

هر ڪنهن کي پنهنجي دل واري شيءِ وڻي.

ڪٽڪ ۽ ڀنگ جي ٻوک، هڪ ٻئي جي پرسان ٿيل هئي، وچان صرف وڏو ٻَنو ٻـڌل هو. اوچتو مينهن اهڙو وسيو، جو ٻـئي فصل، ڀاٽيءَ هيٺ اچي ويا. ڪٽڪ جي ٻوک ڪندڙ هاريءَ جي زال، اهو زيان ڏسي، روئڻ لڳي. موالي بہ اُتان لانگهائو ٿيو، جنهن مائيءَ کي روئندو ڏسي، ائين چيو.

(ت)

## ۴۲- تَپ ڙي دانِگي ڇهہ مهينا، ڪُپ مهمان ٻارهن مهينا:

ڪنهن ماڻهوءَ وٽ، سندس هڪڙو دوست مهمان ٿي آيو. چوڻيءَ مطابق: مهمان: تا؟ روز! پر هيءُ يار، تہ چلو مُنڊي لاهي ويهي رهيو ۽ موٽڻ جي ڪري ئـي ڪانہ پيو! جڏهن هفتو ڪن گذريو، تڏهن مس مس سندس واتان اِهي لفظ نڪتا تہ، ”سڀاڻي صبح جو ويندس“. مائي ويچاري، جا ردّ پچاءَ ۾ مختلف ڪاڌن رڌڻ ڪان بيزار ۽ ڪڪ ٿي پيئي هئي، تنهن ڪي دل ۾ البت خوشي ٿي. ٻئي ڏينهن صبح جو سويل، مائي چا ڏسي تہ مهمان اجا سِيٽيو سمهيو پيو آهي ۽ ڪيس گويا وڃڻ واري وائي آهي ئي ڪانہ! سو سڏ ڪري چيائينس تہ، ”ادا، سج ٿـو اُيـري، اُٿـو“. مهمان چيو تہ، ”ادي، چڱو جو اُٿاريئي. مون ڪي پاڻ وڃڻو آهي، پر جلدي ڪري، ڪو نيرن لاءِ ٿُڪر پور تيار ڪري وٺ!

مائيءَ جي تہ ڪيس، نيراني ئي اُماڻڻ جي مرضي هئي، مگر هن جو نيرن جي فرمائش ڪئي. سو خيال ڪيائين تہ هاڻي ڍَريءَ رفتار سان ڪم ڪريان، تہ من دير ٿي وڃڻ جي ڊپ کان، هيءُ نيرانو ئي هليو وڃي. اهو ارادو ڪري، دانگيءَ ڪي چُلهہ تي چاڙهيندي، چيائين، ”تَپ ُ ڙي دانگي ڇهہ مهينا!“ مهمان ٺهہ پهہ وراڻيو، ”ڪَپ ڙي مهمان، ٻارهن مهينا!“

مائيءَ مجبور ٿي، آخر تڙ تڪڙ ۾، ٻہ لولا ٺَـڦي، مهمان مان جانِ خلاصي ڪئي، جو هونءَ سمجهائين تہ، ”هيءُ ماريو نيرن ڪرڻ ڪان سواءِ، هرگز ڪونہ ويندو.“

## ۴۳- تيسمار خان:

ٽيهن سان لڙڻ وارو يعني وڏو پهلوان.

هڪڙ سپاهي، گيڻو وقت بيڪار ويهي ويهي، گهَر جي سڃي ملڪيت وڪڻي، کائي ويٺو. جڏهن ڏٺائين تہ ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي، تڏهن زال ڪي چيائين تہ ”مان. سڀاڻي روزگار جي تلاش ۾ ٻاهر وينـدس تنهنڪري واٽ جي ڪاڌ

خوراڪ لاءِ ڪجهہ تيار ڪري وٺ“ سندس زال، چُوريءَ جا ٽيھہ لڏون تيار ڪيا. اتفاق اهڙو بڻيو، جو جنهن اُکريءَ ۾ ڪَٽ سَٽ ڪري، لڏون ٺاهيا ويا هئا، تنهن ۾ ڪو ڪاريهر نانگ وڃي ويٺو هو. رات جو ڪُٽ سَٽ ۾، اهو نانگ بہ ڪٽجي سڃجي، ذرا ذرا ٿي، چُوريءَ سان چُوري ٿي ويو! اُن مان ٽيھہ لڏون ٺهيا. جوٽس، لڏون تيار ڪري، ڪنهن ڪپڙي ٽڪر ۾، هَڙ ٻڌي ڏنس، جا ڪٽي، صبح جو ڪنهن طرف راهي ٿيو. هلندي هلندي، جڏهن ڏينهن ٽَٽو، تڏهن اُج ۽ بُک ستايس، تنهنڪري هڪڙي کوھہ جي مٿان بيٺل وڻن جي ڇانو هيٺ وڃي ويٺو، تہ اوچتو اُتي هڪڙا ٽيھہ رهزن اچي نڪتا. اُنهن کيس ڌمڪائي چيو تہ، ”جيڪي آٿئي، سو ڪڍي ڪر ٻاهر، نہ تہ تو سان بہ – ٻاڏي ڪرڻا پوندا.“ هن پنهنجي بي ڪَسي ۽ بي وَسي جو بيان ڪيو، مگر رهزنن کي ڪوبہ رحم روح ۾ ڪونہ پيو. جڏهن سپاهيءَ ڏٺو تہ، ڪجهہ ونڊ کان سواءِ نہ ڇڏيندا، تڏهن کين ٻڌايائين تہ، ”مون وٽ، فقط ٽيھہ لڏون آهن، ضرورت ۾ اچن تہ حاضر آهن.“ انهن بدمعاشن، اهي لڏون بہ نہ ڇڏيا! پاڻ ۾، هڪڙو هڪڙو ڪري، ورهائي کنيائون ۽ ڪائي اُتي جو اُتي خلاص ڪيائون.

سپاهي، اڳتي هلي، ڪنڌ ڦيرائي ڏسي تہ سڀني جو حال اُبتر ٿي رهيو آهي! ڪو ڪِريو پيو آهي، تہ ڪو ڇَڙيون پيو هڻي، تہ ڪنهن کي وري سڪرات آئي آهي! سپاهيءَ خيال ڪيو تہ هئا سڀئي سگهارا ۽ تندرست، مگر اوچتو ئي اوچتو هيءُ ڇا ٿي وين! موٽي اچي ڏسي تہ سڀئي رب کي وڃي پرتا آهن! سپاهيءَ، وري سپاهيانہ نمونو اختيار ڪري، ٽيهن ئي جي نَڪن ۽ ڪَنن جون چوٽيون ڪپي، اُتان پنهنجا پير پٽيا. هلندي هلندي اچي، هڪڙي شهر ۾ پهتو. انهيءَ شهر جو دستور هو تہ هر ڪو نئون آيل ماڻهو، پهريائين بادشاهہ وٽ ضرور پيش ڪيو ويندو هو. جڏهن هيءُ سپاهي، بادشاهہ وٽ پيش ٿيو ۽ ڪانئس خبر چار پڇي ويئي، تڏهن هو، پنهنجن وڏن جي بهادريءَ جي ساراهہ ڪرڻ لڳو. بادشاهہ چيس تہ ”وڏن کي ڇڏي، تون پنهنجي پهلوانيءَ جي ڪا ڳالهہ ڪر.“ اِهو ٻڌي، بادشاهہ کي چيائين تہ، ”قبلا سائين! هيڏانهن ايندي، مون ٽيھہ رهزن ماريا آهن، ثابتيءَ لاءِ، سندن نَڪن ۽ ڪَنن جون چوٽيون اجهي عرض آهن.“

اُهي تيهہ ئي ڏاڙيل هئا، جن سڄيءَ حڪومت ۾ انڌير مچائي ڏنو هو، سوين قافلا ڦريا هئائون ۽ هزارين ماڻهو ماريا هئائون، مگر ڪنهن کي بہ هٿ ڪين ايندا هئا. بادشاهہ، اها ڳالهہ ٻڌي، نهايت خوش ٿيو ۽ سپاهيءَ کي گهڻو انعام سان سرفراز ڪيائين.

اُهو سپاهي، رستي ويندي، جڏهن ماڻهن کي نظر ايندو هو، تڏهن هو هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا تہ، ”اهو تيسمار خان وڃي رهيو آهي.“ اهو پهاڪو، انهيءَ وقت کان وٺي رائج ٿيل آهي.

## (ٿ)

## ۴۴- ٿانءُ ڪٽي هڪڙو ۽ ٺِڪر پَٽجي گهڻن تي:

ڏوهہ هڪڙو ڪري ۽ ان جي عوض لوڙهين گهڻا.

چون ٿا تہ سسئيءَ جي مزار تي آيل هر مسافر کي ٻہ مانيون ۽ وَٽو کير جو ملندو هو. هڪڙي دفعي ڪو آيل مسافر، کير کائڻ بعد، وَٽو ڀاڃ سان ڪنيو ويو. انهيءَ کان پوءِ ماني تہ بدستور ايندي رهندي هئي، مگر کير، وَٽي جي بدران ٺڪر جي جمني ۾ ملڻ لڳو!

انهيءَ تان ڪنهن سالڪ چيو آهي:

”ٿانءُ ڪٽي هڪڙو ۽ ٺِڪر پڄي گهڻن تي.“

## (ٿ)

## ۴۵- ٿَڪَ ٿڳي، جَڳَ ڪي، سياڻو ٿڳي، ٺَڳَ ڪي:

چون ٿا تہ ڪنهن شاهوڪار جي، پيريءَ ۾ پُٽ ڄڻيو هو. تنهنڪري شهر جا ماڻهو، توڙي آس پاس جا، ڪيس مبارڪون ڏيڻ ويا ۽ ڪيترا تہ مصرين جا ٿالهہ ۽ ٻيا تحفا کڻي ويا. هڪڙو مهاڻو، جو سندس در جو دائما دعاگو هو، سو بہ ٻہ پلا کڻي، وٽس ويو. شاهوڪار جي دل ۾، هن غريب مهاڻي جي غريباڻي تحفي ايڏو تہ اثر پيدا ڪيو، جو کيس ڏهہ ڪلدار رپيا ڏنائين. جڏهن ڪنهن لوڀيءَ، هيءَ ڳالهہ ٻڌي، تڏهن خيال ڪيائين تہ: شاهوڪار کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ، هڪڙو سادو سُودو تحفو کڻي وڃان تہ جيئن ان جي عوض ڪجهہ وڌيڪ ڪمائي اچان. اهو خيال ڪري، هڪڙو متارو ڏُنبو، اڍائي روپين ۾ خريد ڪري، شاهوڪار وٽ تحفي طور کڻي ويو. شاهوڪار تہ هن کي ڏُرئون ئي سڃاڻندو هو، سو عجب ۾ پئجي ويو تہ ڪيئن اڄ هن ڏُنبو آندو آهي! پڇيائينس تہ، "ڏُنبو گهڻي خريد ڪيو اٿئي؟" چيائين تہ، "سائين، اڍائي روپين ۾". شاهوڪار قصي کي تاڙي ويو، سو هن کي چيائين تہ، "تو بہ تحفو آندو آهي، پر مان تو کي، ان ڪان بہ سٺي چيز ٿو ڏيان". لوڀيءَ ڏاڍو خوش ٿيو. پر جڏهن ڏنائين تہ شاهوڪار، هن لاءِ، هڪ پلو آندو آهي، تڏهن تَرو ئي لڳي ويس. شاهوڪار چيس تہ، "گهڻو اڍائي روپين ۾ آندو آهي تہ مون وري هي پَلو، پنجن روپين ۾ ورتو هو، جو تو کي ڏيان ٿو": لوڀيءَ دل ۾ چيو تہ، "مون بہ گهڻن کي ٺڳيو، پر هن تہ مون کي بہ ٺڳي ورتو. جڏهن ماڻهن ۾ اها ڳالهہ عام ٿي، تڏهن ڪنهن ائين چيو.

مطلب: جيڪو گهڻو لوڀ ڪندو، سو ضرور نقصان پائيندو.

## (پ)

### ٤٦- پارسي، گھوڙي چاڙھسي:

سنڌ ۾ عربن، عربي علم جو رواج وڌو. ٺٽو، نصرپور ۽ چوٺياريون (ضلع سانگھڙ) عربي علم جو مرڪز ھئا. ٺٽو، تہ سومرن کان وٺي، عربي ۽ پارسيءَ جو خاص مرڪز ھو. جڏھن سنڌ ۾، مغلن جو دور آيو، تڏھن ٺٽو، حيدرآباد، نصرپور، ھالا، ڦنبر، بکر، شڪارپور وغيره تعليمي گھر ھئا. دفتر جي زبان پارسي، تہ خلجي ۽ ارغونن کان وٺي ھلندي آئي. حڪومت بہ ڪن مدرسن کي گرانٽون ڏيندي ھئي، خاص ڪري ميان يار محمد ڪلھوڙي جي وقت ۾ ٺٽو، جو ايراني مسافرن جو گھر ھو، تنھن پارسيءَ کي خوب زور ورتايو، ايتري قدر، جو حڪومت ۾ وڏا عھدا بہ پارسي دانن کي مِلڻ لڳا. ميرن جي وقت ۾ بہ، دفتري بولي پارسي ھئي، جنھنڪري ھر ھنڌ پارسي علم ادب جو چرچو وڌي ويو.

ڪنھن ڳوٺاڻي جو ڇوڪرو پارسيءَ جي تحصيل ڪري، جلد ئي ممتاز عھدي تي فائز ٿيو. ٻيا ڳوٺاڻا، ھن کي خوشحال ۽ سکيو ستابو ڏسي، چوڻ لڳا:

"پارسي، گھوڙي چاڙھسي."

مطلب تہ علم واري جو مانَ آھي.

پر جيڪڏھن پڙھِئي کان پوءِ بہ، ڪنھن کي نوڪري نہ ملي، تہ چئبو تہ ڪَرمَن ۾ ڪا ڪاڻ اٿس، جو سندس بخت نہ يڙايو. تنھن تي ڪنھن ائين چيو آھي:

"پڙھي پاسي، وڪٽي ڪڙَ تيلُ
ڏِسو، ھِيءَ قسمت جو کيلُ."

### ٤٧- پاڻ ڏاڍن سان پاند اٽڪائڻ:

ھڪڙي لومڙي، شڪار جي ڳولا ۾ نڪتي. ھڪڙي اُٺ کي سمھيل ڏسي، ڏاڍي خوش ٿي. سمجھائين تہ مئل آھي. ھن جي اوجھري گھَر گھِلي ھلجي تہ بھتر سو چا ڪيائين، جو پنھنجو پڇ، اُٺ جي پڇ سان ٻڌي. گھلڻ تي ھئي تہ اُٺ

سجاڳ ٿي، اٿي بيٺو. ويچاري لومڙي ٽنگجي پئي. اڻ هلي ته هيءَ به ويچاري لڙڪندي هلي. وات تي، ٻيءَ لومڙيءَ پڇيس ته، ”ادي، اڄ ڪاڏي چڙهائي آهي؟“ وراڻيائين ته، ”پيڻ پاڻ ڏاڍن سان پڇ اٽڪايو اٿم، سندن مرضي، جيڏانهن ڪٺي هلن.“

ٻي چوٽي آهي: پاڻ ڏاڍن سان پلئو اٽڪائڻ.

مطلب: پاڻ ڏاڍن سان وهنوار ڪرڻ يا دوستي رکڻ ڪري ضرور نقصان پوندو.

## ۴۸- ٻَڪي ماني ڇڏجي، پر سنگت نه ڇڏجي:

چڱا ماڻهو پنهنجو نقصان سَهندا آهن، پر دوستي نه ڇڏيندا آهن، پوءِ ڀل ته اها ڪٺي ڪيتري به ٿوري وقت جي هجي.

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙو شخص، رستو وٺيو پئي ويو ته وات تي هڪڙو ماڻهو مليس، جو پڻ انهيءَ طرف وڃي رهيو هو. ڳپل پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ، سانجهيءَ ڌاري، ٻئي ڄڻا اچي، هڪڙي ڳوٺ وٽ پهتا. انهيءَ ڳوٺ ۾، پهرئين ماڻهوءَ جو هڪڙو دوست رهندو هو، تنهنڪري هي ٻئي ڄڻا، انهيءَ وٽ آيا، انهيءَ خيال سان ته رات، انهيءَ دوست وٽ رهي، وري صبح جو راهي ٿجي. مگر حالي احوالي ٿيڻ ڪان پوءِ، جڏهن ماني تيار ٿي وئي، تڏهن هو پيو دوست، پنهنجي دوست ڪان موڪلائڻ لڳو ۽ چيائينس ته، ”رات، اسان جو هن ڳوٺ ۾ رهڻ ٺيڪ نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته اسان کي، جنهن ڳوٺ ڏانهن هَلڻو آهي، سو هتان گهٽي پنڌ تي آهي. اجا پنڌ ڪري به سگهون ٿا، تنهنڪري هل ته فلاڻي ڳوٺ ۾ هلي رات گذاريون، صبح جو اُتان نڪرنداسين ته پوري وقت تي پنهنجي منزل مقصود تي پهچي سگهنداسين.“ هن، اها ڳالهه ٻُڌي. جواب ڏنس ته ”دوست، ٻڪي ماني ڇڏيندس، ليڪن توکي نه ڇڏيندس، هل ته هلون“. ائين چئي، ميزبان کان موڪلائي، اڳتي روانا ٿيا ۽ وڃي گهربل ڳوٺ ۾ رات گذاريائون.

جڏهن ڪم ڪار لاهي. ٻئي دوست موٽيا. تڏهن اُنهيءَ ڳوٺ ۾ آيا، جتان ٻَڪل ماني ڇڏي هليا هئا. ماڻهن ٻڌاين ته. ”انهيءَ اوهان جي دوست جي گهر تي، اُن رات ڌاڙيلن چڙهائي ڪري. مالڪن کي ماري. سندن سڀ مال متاع ڪٺي

ويا. جيڪڏهن اوهين اُن رات اتي رهو ها تہ اوهين بہ ضرور موت جو شڪار ٿي ويا ها.“

سچ چيو اٿن تہ: پڪي ماني چڏجي، پَر سنگت نہ ڇڏجي.

## ۴۹- پنج ئي آڱريون برابر نہ آهن:

سڀ ماڻهو هڪ جهڙا نہ آهن.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪڙو شخص، ڪنهن ماڻهوءَ وٽ وڃي مهمان ٿيو. جنهن پوريءَ طرح مهمانداريءَ جا فرائض بجا آندا. جنهنڪري اهو ماڻهو خوش ٿيو. موڪلائڻ مهل، ان شخص چيس تہ، ”دوست، جڏهن جڏهن اوهان جو هن شهر ۾ اچڻ ٿئي، تڏهن منهنجي گهر کي، پنهنجو گهر سمجهي، بي حجاب ايندا ويندا ڪريو“.

اتفاق سان ڪجهہ سالن گذرڻ کان پوءِ، اهو شخص، وري انهيءَ ماڻهوءَ جي دروازي تي پهتو. جنهن وٽ اڳ مهمان ٿي، رهي ويو هو، تڏهن معلوم ٿيس تہ گهر ڌڻي فوت ٿي ويو آهي ۽ هاڻي سندس ننڍو پٽ گهر جو وڏو ۽ سنڀاليندڙ آهي. هيءُ شخص، انهيءَ سان مليو ۽ کيس ٻڌايائين تہ، ”مان اڳ ۾ بہ، اوهان جي پيءُ وٽ، هتي رهي ويو هوس ۽ هينئر بہ آءٌ، اوهان جو مهمان آهيان“. هن جواب ڏنس تہ، ”ڀلي رهو، جيڪو حال هوندو، سو ونڊينداسين.“ ائين چئي مهمان کي، اوطاق ۾ ويهاري، پاڻ گهر هليو ويو. مهمان کي رات جي ماني تہ نہ ملي، پر سياري جي موسم هوندي، بسترو بہ ڪونہ مليس! انهيءَ ڪري ويچارو مهمان، ڪجهہ بُک جي ڪري ۽ ڪجهہ ٿڌ جي ڪري، نهايت پريشان حالت ۾، اَسُر ڏيئي، اُتان نڪتو ۽ سڌو مسجد ۾ اچي، ساهہ پٽيائين. اُتي نماز پڙهڻ بعد، جڏهن ڪانئس احوال پڇيائون، تڏهن سچي ڳالهہ ٻڌايائين تہ، ”هن نموني، آءٌ فلاڻي، شخص وٽ رهي ويو هوس جنهن ڏاڍيون خدمتون ڪيون هيون. وري ڪالهہ شام آيس تہ منهنجي دوست جو پٽ، جيڪو هاڻي گير جو وڏو ٿيو آهي، تنهن مون کي ماني تہ ڪانہ کارائي، پر اُنلو ساري رات سِئيءَ ۾ سُڪايو اٿس. مان تعجب ۾ آهيان تہ هو ڪهڙو تہ لائق انسان هو ۽ هيءُ اُن جو پٽ ٿي ڪري، ڪيڏو نہ نالائق ۽ ذليل ثابت ٿيو آهي“. سيني يڪ زبان ٿي جواب ڏنس تہ، ”ادا، هڪڙي هٿ جون پنج آڱريون

ئي هڪ جيڏيون يا برابر نہ آهن تہ پوءِ بہ پيائر، هڪ جهڙا ڪيئن ٿي سگهندا؟“
ان ڪان ونئي اهو ضرب المثل ٿيو آهي تہ: پنج ئي آگريون برابر نہ آهن.

## ٥٠- پنهنجي ڪئيءَ جو نَڪو وِيُج، نَڪو طبيب:

هڪڙي ڪڙميءَ کي، جهنگ جي پَر ۾، بَنِيءَ جو ٽڪرو هو، جتي سندس گهر بہ هو. هڪڙي لومڙي، روزانو رات جو اُن ڪڙميءَ جون اچي، ڪڪڙيون چورائي ويندي هئي. ڪڙمي ويچارو، ڪافي ڪوشش ڪندو هو، پر هوءَ هٿ ئي نہ ايندي هيس.

هڪڙيءَ رات، لومڙيءَ کي ڪنهن ڦند سان ڦاسايائين. ڪيس، اُن تي ڏاڍا خار هئا، تنهنڪري لومڙيءَ کي سخت سزا ڏيڻ جي خيال کان، سندس پُڇُ کي گهٽيون اڳڙيون ويڙهي، ڪٽي باهہ ڏنائين. لومڙيءَ کي جو تَو آيو سو ڪڙميءَ جي بنيءَ مان، ٽڪڙي پڄندي ويئي. نتيجو اهو نڪتو، جو ڪڙميءَ جو سارو ڪٽڪ جو پَڪل فصل سڙي خاڪ ٿي ويو. ڪڙميءَ گهٽو ئي پِٽيو ڪُٽيو، پر ڏوهہ ڪنهن کي ڏئي!

”پنهنجي ڪئِيءَ جو نڪو ويج، نڪو طبيب!“
مطلب: هٿ جي ڦَٽِي، دارُو نہ پَٽي.

## ٥١- پهرئين ڏينهن ٻلي مارڻ:

پهرئين ڏينهن (بر وقت) رعب جمائڻ.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪي پنج دوست، جن پاڻ ۾ وعدو ڪيو هو تہ، ”اسان مان ڪو بہ شادي نہ ڪندو. ڪجهہ وقت تائين تہ هو پنهنجي انجام تي پورا رهيا. آخر منجهائن، هڪڙي جي شادي، ڪنهن بدمزاج عورت سان ٿي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي پٺيان، ٻين ٽن بہ شادي ڪئي، جن مان هر هڪ کي بہ اتفاق سان پهرئين جهڙيون عورتون پڙيون! باقي پنجون، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ شادي ٿي، تنهن جي زال، خوش خصال ۽ نيڪ افعال هئي.

هڪ دفعي، پهريان چار دوست، اچي پنجين وٽ مهمان ٿيا. هُو انهيءَ جي عورت جي پنهنجي مڙس سان فرمانبرداريءَ واري روش، حُسن اخلاق ۽ فهم و

فضيلت ڏسي، عجب ۾ پئجي ويا. جو هو پنهنجي زال جي طرفان، حد کان وڌيڪ ڏڪويل هئا! آخر، ڪو خلاصو وقت ڏسي، ڪانئس سندس زال جي پر پٺ پڇيائون ته، ”دوست، تُنهنجي زال ههڙي فرمانبردار ڪيئن ٿي!“ هن جواب ڏنو ته، ”پائو رات جو خير جي شادي ٿي گذري، صبح جو آءٌ، ناشتو ڪري رهيو هوس ته هڪڙي ٻلي ”مياءُو مياءُو“ ڪندي مون ڏانهن اچي رهي هئي. مون ڇا ڪيو، جو پرسان پيل لٺ کڻي، اک وٺي، اهڙي نڪاءَ ڪرائي ماَنس، جو چڙي ئي ڪانه هنيائين. بس، اُهو ڏينهن، اُهو شينهن! منهنجي زال جي دل تي منهنجي رعب جو اهڙو ڪو ڏڪو وهجي ويو، جو مجال، جو ڪا چُون چَران ڪري!“

هي چار ئي دوست، ڪانئس موڪلائي، جڏهن پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ پهتا، تڏهن ماني کائيندي جيئن هر هڪ جي آڏو ٻلي ”مياءُو مياءُو“ ڪندي، ٿي آئي، تيئن اُن کي ڏنڊي جي ٺوڪَر ڏيندا ماريندا ويا! مگر هر هڪ کي سندس زال وٽان، ساڳيو ئي اهو جواب مليو:

”پهرئين ڏينهن ٻلي ماري مڙسي ڏيکارين ها، هاڻي ڇا هڻ ايندءِ“.

## ٥٢- پيٽ ۾ ڪُئا:

سخت بُک - ڇِتي بُک.

هڪڙي ماڻهوءَ کي هميشه پيٽ ۾ سُور رهندو هو. هڪڙي ڏينهن اُن کان نهايت بيتاب ٿي، بادشاهه وٽ لنگهي ويو ۽ وڃي عرض ڪيائين ته، ”جهان پناه، پنهنجي حڪيم کي حڪم ڪيو ته: مون کي پيٽ جي سُور کان ڇڏائي يا اهڙي ڪا دوا ڏئي، جو آءٌ هِن عذاب جي جيئڻ کان مري وڃان!“ بادشاهه پنهنجي حڪيم کي، هن غريب جي علاج لاءِ حُڪم ڪيو. حڪيم، اهو حُڪم ٻڌي، ٻه اڍائي سير پُڳڙا گهُرايا. انهيءَ شخص کي حڪم ڪيائين ته، ”هي پڳڙا کاءُ.“ هُو، جيترا گهٽي ۾ گهڙا کائي سگهيو، اوترا کاڌائين. پڳڙن کائڻ کان پوءِ، کيس اچي سخت اُڃ لڳي. حڪيم کي عرض ڪيائين ته، ”مون کي پاڻي پياريو.“ حڪيم کيس پاڻي نه ڪونه پياريو، اُلٽو حڪم ڏنائين ته، ”هن جون ٽنگون ۽ ٻانهون ٻڌي، کيس وڻ ۾، اهڙيءَ طرح لڙڪايو، جو سندس ٽنگون مٿي ۽ ڪنڌ هيٺ ٿئي! هڪدم حڪم جي تعميل ٿي وئي. سندس هيٺان هڪڙو ڪُونار پاڻيءَ

سان پيريل، رڪايو ويو. لڙڪڻ شرط، گهٽي خشڪي ۽ اُج سبب، ان غريب جو وات ڦاٽي ويو. هيٺان ڀاڻي ڏسي سندس وات مان هڪ ٻئي پٺيان ٽي ڪنا، ڀاڻيءَ جي ڪونار ۾ ٽپي پيا. ڪُن جو پيٽ مان نڪرڻ ۽ سندس پيٽ جو درد هڪدم دفعي ٿي ويڙ.

بادشاھ پڇيس تہ، ”توکي ڪيئن خبر پئي تہ هن جي پيٽ ۾ ڪنا آهن؟“ حڪيم عرض ڪيو تہ، ”سائين، آءٌ ڀاڻ هن وانگر ڪانير هوس. روزانو شام جو جهنگ مان ڪانيون ڪري، گهر موٽندو هوس، هڪ دفعي ڪانيون ڪري، سج ٻيٺي گهر آيس، ڀاڻي پيئڻ جي خيال کان، گهڙامنجيءَ ڏانهن ويس. ڏسان تہ ننڍڙا ڪنا، دلن جي ڪنارن تي ويٺا آهن. اجا دِلي مان ڀاڻيءَ جو ڪُپڙو پريان تہ ڏسان تہ ٻہ - چار ننڍڙا ڪُنا، منجهس پيا آهن. جيڪڏهن اوندھ هجي ها تہ ضرور ڀاڻي پي وڃان ها ۽ ڪنا بہ پيٽ ۾ داخل ٿي وڃن ها. هاڻي جڏهن تہ هي ڪانير آهي، تڏهن مون کي يقين ٿيو تہ هي ڪنهن ڏينهن دير سان گهر آيو آهي ۽ ڀاڻيءَ سان گڏ ننڍڙا ڪُنا بہ ڳِهي ويو آهي. وري بادشاھ پڇيس تہ ”ڀلا مريض کي ڀڳڙا چو کارايءِ؟“ عرض ڪيائين تہ، ڀڳڙا، مريض کي هن ڪري کارايم تہ جيئن ڪُن کي خشڪي کٽي. ڀاڻيءَ جو ٽانءُ، هن ڪري رکيم تہ جيئن مريض کي اکين جو ڏيؤ هجي. بادشاھ حڪيم جي حڪمت ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس جهجهو انجام ڏنائين.

## ٥٣- پِيرَ کي ڪم نڪاءُ سان:

هڪڙي ماڻهو ڪنهن پير تي باس باسي تہ: جيڪڏهن منهنجي دل جي مراد پوري ٿيندي تہ تنهنجي در تي اچي، ناريل پڇيندس (۽ بعد ۾ ورهائي ڇڏيندس). جڏهن هن جي مراد پوري ٿي، تڏهن ڏوڏو (ڀہڻ جو) کٽي اچي، پير جي در تي پڳائين. ڪنهن چيس تہ، ”پِيرن سان بہ ائين نڳي!“ تنهن تي وراڻيائين تہ، ”پِير جو ڪم نڪاءُ سان.“

## ٥۴- پِيرُوءَ وارا پنج سپارا:

پِيرُو، ذات جو پَنڌ هو. قرآن شريف ياد پڙهندو هو. مائٽ پڇندا هئس تہ،

”ڪاوان سپارا پڙهندا هين.“ چوندو هو تہ، ”پَنجان سپارا“ وري جڏهن مهيني کن کان پوءِ پڇنس، تہ بہ پِيرُو جو اهوئي پنجن سپارن وارو جواب! پڇاڙيءَ تائين پنجن سپارن کان مٿي نہ چڙهي، نہ چڙهيو. تنهنڪري ائين ئي مشهور ٿي ويو.

مطلب: جڏهن ڪو، ڪم جي رفتار ۾ اضافو نہ آڻيندو آهي ۽ ساڳين انڊن تي قائم هوندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

## ٥٥- پيسا ئي پاٽي ۾:

رقم ئي ڇٽ.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪڙو واٽيو، گهوڙي تي چڙهيو، ڀهراڙيءَ مان، مکڻ توري وڻڻ پئي ويو. واٽ تي هڪڙو واهہ هو. جنهن مان لنگهڻو پيس. جڏهن گهوڙو، واهہ جي ڀيءَ پر تي آيو، تڏهن گپ ۾ ڦَٿي پيو. واٽئي ويچاري گهوڙي کي گهڻوئي ڪُنيو، پر گپ کان ٻيرٻاهر نڪرنس ئي نہ! ڪنهن ڏنار کي چيائين تہ، ”گهوڙي کي پويان، بہ - چار لَڪڻ هڻ“ ڏنار، گهوڙي کي اهڙا تہ بہ - چار لڪڻ هنيا، جو گهوڙو، اڳَتي اُڇل ڏيئي، ڪناري تي پهتو، پر گهوڙي جو تَنگُ ڇِڄي پيو، جنهن ڪري واٽيو ويچارو، سامان (ٽِين، ٻورو، تارازي، وٽ، پيسا وغيره) سوڌو، پوئتي پاٽيءَ ۾ ڪِري پيو. واٽيو تہ نڪتو، پَر ويچاري جي هَڙَ، جنهن ۾ پئسا ٻڌل هئا، سا پاٽيءَ ۾ گم ٿي ويئي. انهيءَ تان چوڻ ۾ آيو تہ پئسا ئي پاٽيءَ ۾ يا هَڙَئي هلاڪ.

## ٥٦- پئنچن ۾ پرميشر:

مُکيءَ جي پُٽ، هڪڙي دفعي پيءُ کان پڇيو تہ، ”هي جو عام چوڻي آهي تہ: پئنچن ۾ پرميشر آهي، سا اها ڳالهہ ڪيئن آهي؟“ پِڻس جواب ڏنس تہ، ”وقت اچڻ تي پاڻهي ڏسي، ثابت ڪندين. هن وقت، انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏي ڏي.“ اها ڳالهہ ڇوڪري کي نہ وڻي، سو پيءُ کان ڪاوڙ جي منهن ڏيئي نڪري پيو ۽ سڄ لٿي ڏاري وڃي ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ پهتو. اُتي هڪڙي پائيبند کي چيائين تہ، ”اڄ رات تنهنجو مهمان آهيان.“ پائيبند ڏٺو تہ هيءُ مُکيءَ جو ڇوڪرو آهي، تنهنڪريْ ڪيس گهڻي خاطريءَ سان، پنهنجي گهر ۾ رهايائين. ڇوڪري کي سمهڻ لاءِ جيڪا کٽ مِليل هئي، تنهن ۾ ڪي ڏاڍا مُنگهڻ هئا، جن سڄي رات ننڊ ڪرڻ ئي ڪانہ ڏنيس.

انهيءَ پائيبند کي ٻہ زالون هيون. وڏيءَ مان اولاد ڪونہ هوس، باقي ننڍيءَ مان هڪڙو پٽ هوس، جو اڃا ماءُ کي ٿڃن تي هو. پائيبند جي ننڍي زال جو ڪو آشنا هو، جنهن سان، اُن رات ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو انجام هوس. اڌ رات جو، اُهو آشنا اچي ويو، مگر اونداهہ سبب، بيخبريءَ ۾، معصوم ٻار تي چڙهي ويو، جنهنڪري اهو لتاڙجي مري ويو. زال اهو حال ڏسي، آشنا کي پٺي وڃڻ لاءِ چيو تہ، متان مٿس الزام اچي. مُکيءَ جي چوڪري، سمورو لقاءُ پئي ڏٺو. پوءِ رَنَ وٽي دانهون ڪيون. چي: منهنجي پَهاجَ، وير وڃان، منهنجي آبهم ٻچڙي کي، گهُٽي ماري ڇڏيو آهي.

صبح جو، اهو فيصلو، مُکيءَ وٽ ويو. مُکي جو پٽ بہ وڃي، پيءُ جو پاسو وٺي، ويهي رهيو ۽ خيال ڪيائين تہ، ”اڄ سڀ پئنچ ڪنا ٿيندا. ڏسان تہ ڪيئن ٿو پئنچن ۾ پرميشر پَر گهٽ ٿئي. جڏهن سموري پئنچات گڏ ٿي. تڏهن مُکيءَ انهيءَ پائيبند جي ٻنهي زالن کي، ڌار ڌار ڪوٺين ۾ بند ڪرائي ڇڏيو.

پيريائين پائيبند جي وڏي زال کي سَڏ ٿيو، جنهن تي معصوم ٻار جي مارڻ جو الزام هو. انهيءَ مائيءَ کي، مُکيءَ حڪم ڪيو تہ، ”پنهنجي پيشگير (پَڙي) کي اهڙيءَ طرح هٿ ۾ ڪري گهُمي ڏيکار، جيئن تنهنجون پِنيُون ظاهر ٿين تہ پوءِ تو کي بي قصور سمجهي ڇڏيو ويندو.“ مائيءَ جواب ڏنو تہ، ”ذلت جي زندگيءَ کان، عزت جو موت بهتر. ڀلي مون کي مارائي ڇڏيو، باقي مان ائين هرگز نہ ڪنديس“ ان جو اهو جواب ٻُڌي، مُکيءَ، ان کي ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪرائي، فريادي عورت کي گهرائي، ساڳي فرمائش ڪئي. انهيءَ مائيءَ خيال ڪيو تہ: منهنجي پِنين ظاهر ڪرڻ سان، منهنجي پَهاج جو سِرُ ويندو، تنهنڪري جلدي ڪري، پِنيون ظاهر ڪريان تہ عمر جو لُڙ لهي پوي، اڃا هلڻ جو خيال ڪيائين تہ مُکيءَ هَڪل ڏيئي، چيس تہ، ”او بي شرم عورت، تون پنهنجي پٽ جي پاڻ جوابدار آهين. تون شريف عورت نہ ٿي ڏسجين. ضرور تو وٽ، ڪو تنهن جو آشنا آيو هوندو، جنهن اونداهہ ۾ تُنهنجي پٽ کي لتاڙيو هوندو.“ پوءِ ان عورت کي سزا ملي.

مُکيءَ جي پٽ، جڏهن پيءُ جو اهو فيصلو ٻڌو ۽ ڏٺو، تڏهن دَنگ رهجي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو تہ: پئنچن ۾، برابر پرميشر آهي.

مطلب: پئنچن ۾ گويا ڏٺي پاڻ آهي، جيڪي چون، سو مڃڻ گهرجي.

## (ج)

### ٥٧- جتي لوہي هجن، تتي ٹوڳي بک نہ مرن:

هڪ دفعي ٹوڳيءَ، لوہيءَ کي اچي، چيو تہ ”ادا، مهمان آيا آهن، پلائي ڪري ديڳڙو ڏينم.“ ٹوڳيءَ ٻئي ڏينهن ديڳڙي ۾، هڪ ننڍي ديڳڙي وجهي، آڻي ڏنس ۽ چيائينس تہ، ”ادا، تنهنجو ديڳڙو، منهنجي گهر ويامي پيو هو، اها ديڳڙي ڄڻائين“

ٻئي دفعي، ٹوڳيءَ چيس تہ، ”ادا، اڄ گهڻا مهمان آيا آهن، جيڪي ديڳڙا هجنئي سي ڏينم.“ لوہيءَ چاڪيو، جو گهر جا سڀ ديڳڙا ميڙي سيڙي ڪٽي ڏنس.

ڪيترا مهينا گذري ويا تہ ٹوڳيءَ، لوہيءَ کي منهن بہ نہ ڏيکاريو. هڪ دفعي واٽ پنڌ، ٻئي گڏ جي ويا. لوہي چيس تہ، ”ادا، ديڳڙا؟“ چيائين تہ، ”ادا، افسوس، جو تنهنجا ديڳڙا تہ سڀ مري ويا.“ لوہيءَ چيس تہ، ”اهو وري ڪيئن؟“ ٹوڳيءَ چيس تہ ”ادا، جيڪڏهن ديڳڙا ويامندا آهن تہ مرندا بہ آهن“ تنهن تي ڪنهن ٻڌي، ائين چيو.

### ٥٨- جَرُ نِئيس، پر جيڏِي نہ نِئيس:

ڪنهن مائيءَ، درياهہ جي پر تان، مڇيءَ جو ڏنيرو لڌو. ٻيءَ چيو تہ، ”اِهو منهنجو آهي“ هُن جي ڏيڻ کان، ڏنيري لهڻ واريءَ، ماڇين ڏنيرو ڪٽي درياهہ ۾ اُڇليو. اکري معنيٰ تہ: جَرُ = جَل (پاڻي) پلي ڪٽي، پر ڪا جيڏي، سَرتِي نہ ڪٽي. جيڪي ٻُڌو سَهن، پر ڏِنو نہ سهسائن، تن لاءِ ائين چئبو.

(گل شڪر)

هڪ سَٺ سال جي پوڙهي سپورنج ڳالهہ ڪئي تہ، ”جڏهن ٢٠ سالن جو هوس، تڏهن اُنهيءَ پهاڪي جي اصليت حاذق حڪيم ميان سعد الله بوبڪائيءَ، هن ريت ٻڌائي:

بوبڪن جي پر واري مهاڻڪي ڳوٺ ”آريسرو“ جا مير بحر، منڇر تي مڇي ۽ پکي ماريندا آهن ۽ سندن زالون وري ڪُڙمي ڪٽي، پر واري پَٻڻ جي ڍوري مان مَڇي ماريندين آهن. ٻن ڏيراڻين مڇي ٿي ماري. ننڍيءَ ڏيرياڻيءَ جي واري ۾

ٿوريون ننڍيون ڪُرڙيون آيون، پر وڏيءَ ڏيرياڻيءَ جي واري ۾ هڪڙو ڪُرڙو ۽ ٿوريون ڪُرڙيون پڻ آيون. ننڍيءَ ڏيرياڻيءَ، دعويٰ ڪئي تہ ڪُرڙو ڪيس ملي، ڇاڪاڻ تہ جو ڪُڙهي سندس هئي. اَڌو اَڌ حصي تي بہ نہ نهيون. ساڙ وچان وڏيءَ ڏيرياڻيءَ، ڦٿڪندڙ ڪُرڙو، ڪٽي پاٽيءَ ۾ اُڇليو! چي:

''جَرُ نئيس، پر جيڏي نہ نئيس!''

## ٥٩- جنهن پنهنجي لاهي ڪَڇَ ۾ ڪئي، تنهن کي پَرائي لاهڻ ۾ ڇا:

جنهن کي عزت ئي ڪانهي، تنهن کي ٻين جي عزت جو ڪهڙو قدر.

نقل آندل آهي تہ: هڪڙي ڪميٽي ماڻهوءَ جي دل، ايتري قدر تہ وڏيل هئي، جو سڀ ڪنهن تي آيو رهندو هو. نہ ڏسندو هو ڇڱو، نہ لڱو، هر هڪ سان ڳنڍيو بيٺو هوندو هو.

هڪڙي پيري، هڪ نيڪ مرد، سان اچي جهيڙو جونيائين ۽ هن ويچاري کي، ڏاڍو گهڻ وڏ ڳالهايائين. مگر هن پير مرد ماٺ ڪيو ويٺي ٻڌو ۽ آخر بنا ڪُڇڻ جي اتان هليو ويو. اهو حال ڏسي، ماڻهو ڏاڍو حيران ٿيا. هنن کي گهڻو تعجب انهيءَ ڪري ٿيو، جو اُهو نيڪ مرد، جيڪڏهن صرف اشارو ڪري ها، تہ انهيءَ ڪَميٽي کي، ٻُج ٻُج ڪري ڇڏين ها. آخر انهن ماڻهن مان هڪڙي ڄڻي، ڪانئس خاموشيءَ جو سبب پڇيو. نيڪ مَرد جواب ڏنو تہ، ''بابا، هو پنهنجي پڳ لاهيو، هٿ ۾ ڪيو بيٺو آهي، تنهن کي ٻين جي پڳ لاهيندي، ڪهڙي ويرم لڳندي! جيڪڏهن ڳالهہ کي ڊگهو ڪنداسين، تہ اجا بہ اسان جي وڏيڪ بي عزتي ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ گهڻا ماڻهو ٻڌندا، تنهنڪري ايتري ۾ ئي خير!

## ٦٠- جنهن جو بد بنياد، تنهن جو ميوو منو نہ ٿئي:

چون ٿا تہ هڪڙو بادشاهہ، پنهنجي اميرن وزيرن سان، شڪار تي نڪتو. بيابان مان لنگهندي، بادشاهہ سلامت هڪڙو اَڪ جو ٻوٽو ڏٺو، جو ڏاڍو سهڻو پئي لڳو. گهوڙي تان لهي، ٻوٽي کي چڱيءَ طرح ڏٺائين ۽ سمجهائين تہ ڪنهن ولايت جي ميوي جو ٻج اُڏامي، هت آيو آهي، ڪوشش ڪري هن جي ڦرُ (ميوو) کائجي. حڪم ڏنئي تہ، ''هن ٻوٽي جي پوريءَ طرح پرداخت ڪئي وڃي.

جڏهن تيار ٿئي، تڏهن دربار ۾ پهچايو وڃي.“ هتي تہ فقط اِشاري جي دير هئي. ڪوهہ ڪجي ويو ۽ ڪمند جا چيچڙا لڳي ويا. هر روز ڪمند جي رَسُ، ٻوٽي کي ملڻ لڳي. ٿوري وقت کان پوءِ، ٻوٽي بہ ڦرُ جهليو. جڏهن اَڪ جون انبڙيون وڏيون ٿيون، تڏهن مالهي ٿالهيءَ ۾ وجهي، دربار ۾ کڻي آيو. بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اميرن، وزيرن خواه دوستن کي گهرايائين. جڏهن انبڙيون ڪپيون ويون، تڏهن اندران، ڪپہ جيان تاندورا نڪتا! بادشاهہ اهو ڏسي، حيران ٿي چيو تہ، ”محنت ئي رائگان!“ اتي ڪنهن وزير چيو تہ:

ڪُوَڻ کي پاٽيءَ جيان، پِيڙي پياريم ڪماند،
نڪو زهر زمين ۾، نڪو ڏاتوري ڏَر پاند،
ڪمائي ڪم ذات سان، وڃي ٿي وِڙواند،
جنهن جو بَد بُنياد، تنهن جو ميوو مِٺو نہ ٿئي.

ڪُوَڻ، ڪُ= خراب + وَڻ = خراب وڻ. ڪماند = ڪمند. ڏاتورو = هڪ نشيدار قسم جو ٻوٽو. ڏر پاند = ٻوٽو، ڌرتي يا زمين ۾ لڳل پاسو يا ٻيخ (؟). وِڙواند = نيچ، ذليل، مفت، بي فائده.

مطلب آهي تہ نيچ ماڻهوءَ مان، ڪڏهن بہ چڱائي نہ ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ هو اصالت کان مجبور آهي.

ڪُلَ شَيءِ يرِ جعُ اِليٰ اصلِه (سيڪا شيءِ پنهنجي اصليت ڏي موٽندي آهي).

ٻيون چوٽيون:

١- ٻجُ خرابو تہ نِجُ خَرابو.

٢- ڏوٻي منجهہ درياءَ، تہ بہ اوجهہ نہ ڇڏي اوجهري.

## ٦١- جني لاَءِ مُونڊ مونڊايم،

## سيئي سور سامهون آيم:

ڪنهن ڳوٺ ۾، هڪڙو سُست ماڻهو رهندو هو. هن کان ڪوبہ ڪم ڪونہ پڄندو هو، تنهنڪري گهر وارن جي هر وقت ٺُس ٺِٺڪار پيئي پوندي هئي. پوءِ هن، پاڻ جهڙي دوست کان صلاح پڇي، تہ هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ دوست چيس

تہ، ”مٿو ڪوڙائي، ساڌن جي سٿ ۾ داخل ٿي وڃ، جو ڪين مفت جي ماني ملندي آهي.“

هن ائين ڪيو ۽ ڀوءِ ڪنهن ساڌوءَ وٽ ويو، جنهن پڇيس تہ، ”ڪهڙو ڪم ڄاڻندو آهين. اسان جي جماعت ۾ توکي ضرور ڪو نہ ڪو ڪم ڪرڻو پوندو؟“

هن چيو تہ، ”جيڪڏهن ڪم ڪرڻ اچيم ها تہ گهر کان ٻاهر ڇو نڪران ها؟“ ڀوءِ دل ۾ چيائين تہ، ”مار! جتي لاءِ مُونڊ مُنڊايم، سيئي سور سامهون آيم.“

## ٦٢- جيسي ڪو تيسا ملا:

هڪڙو ساڌو، تيرٿن تي وڃڻ وقت پنهنجي هڪ پاڙيسري وٽ، پتل جا باسڻ، امانت رکي ويو ۽ جڏهن موٽي آيو، تڏهن اچي پاڙيسريءَ کان ٿانون جي گهُرَ ڪيائين. هن جواب ڏنس تہ، ”مون کي نهايت افسوس آهي، جو تنهن جي ٿانوَن جي حفاظت بہ ڏاڍي ڪيم، ليڪن انهن کي گهُٽا کائي ويا! هو ويچارو، اهو جواب ٻُڌي ڪِکو وِکو ٿي ويو، مگر دل جي ڳالهہ، دل ۾ رکيائين.

هڪ دفعي اُن ساڌوءَ، ڀوڄن تيار ڪري، پاڙي جي ٻارڙن کي کارايو. ٻيا سڀ ٻارڙا کائي ويا، مگر انهيءَ پاڙيسريءَ جي ٻارڙي کي، پنهنجن ٻارن سان الڳ ويهاري کارايائين. کاڌي کائڻ بعد، اُهو ٻار، ساڌو جي ٻارن سان راند روند ۾ لڳي ويو ۽ کانئس جڻ تہ گهر وڃڻ ئي وسري ويو.

جڏهن اُن پاڙيسريءَ، ٻين ٻارن کي آيل ڏٺو ۽ پنهنجي ٻار کي ڪو نہ ڏٺائين، تڏهن راجا وٽ دانهين ويو. راجا چيس تہ، ”تنهنجو جنهن ۾ شَڪ شُبهو هجي، تَنهن جو نالو ٻڌاءِ.“ هن پنهنجو شَڪ، ساڌوءَ ۾ ظاهر ڪيو، جنهن جي گهران کاڌي کائڻ کان پوءِ، ڇوڪرو موٽيو ئي ڪو نہ هو.

اِهو احوال ٻڌي، راجا هڪدم ساڌوءَ کي گهرايو ۽ کانئس پاڙيسري جي ڇوڪري لاءِ پڇا ڪيائين. ساڌوءَ جواب ڏنو تہ، ”مهراج، مون ڏٺو تہ هن کي منهنجي روبرو سِرڻ کڻي ويئي!“ راجا حيرت ۾ پئجي، چيس تہ ”بيوقوف هيڏي ساري ڇوڪري کي سِرڻ ڪيئن کڻي سگهندي؟“ هن عرض ڪيو ”مهراج، ڇوڪري کي سِرڻ ائين کڻي ويئي، جيئن پتل جي ٿانون کي گهُٽا کائي سگهن ٿا.“

مهراج پڇيو ته، ”اها ڳالهه ڪيئن آهي؟“ ساڌوءَ جواب ڏنو ته، ”منهنجي هن دوست کان پڇو.“ راجا کي جڏهن پوري قصي جي خبر پيئي، تڏهن اُن کي پتل جا برتن ڏياريائين ۽ پيءَ ڏُر کي چوڪرو مليو.

اصل چَوِڻي هِن نموني آهي:

جيسي ڪو تيسا ملا، سُنئي راجا پيل،
پتل ڪو گهڻ کا گئي، چوري ڪولي گئي چيل.

## ٦٣- جيڪي ڪُلهو ڏيندا، سي توڙ رسائيندا:

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙو شخص، پنهنجا ٻار ٻچا وٺي، ڪنهن وهانءَ تي پئي ويو. اڌ رات جو مرد جي اک لڳي ويئي ۽ گاڏي هلندي رهي. اوچتو جو عورت ڏسي ته مار، هڪ ڏاند ۽ هڪ مرد، گاڏي ڪاهيندا ٿا هلن! اهو حال ڏسي، عورت، آهستي پنهنجي مرد کي چيو ته، ”ميان، اُٿو، جو چور هڪڙو ڏاند ڪاهي ويو آهي ۽ ان جي عوض پاڻ ڪُلهو ڏيئو ٿو هلي.“ تنهن تي مرد چيس ته چَري، جيڪي ڪُلهو ڏيڏيندا، سي ضرور توڙ سائيندا.“ اهي لفظ ٻڌي، چور ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ ڏاند موٽائي ڏنائين.

مطلب: بارُ کڻندا باري، ناهي ڪم ڪَچَن جو.

## ٦٤- جيسين لَلو کٽي لٽ،

## تيسين ڪَرهه وجي اُجهائي:

هڪ دفعي لَلي جي مائٽ سان ڪو پاڙيسري وڙهيو. جڏهن لَلي کي خبر پيئي، تڏهن جوش وچان اٿيو لٽ ڳولڻ. آخر لٽ لڌائين، وري پٽڪو ٻڌائين، وري جُوتو پاتائين. جيستائين سنبري ئي سنبري، تيستائين جهڙو (ڪَرهه) ٺري (اُجهامي) ويو. ڪنهن اهو رنگ ڏسي، ائين چيو.

چوڻي: جيسين ڊائو متو کنهي،
تيسين بکئي جو ساهه وڃي.

مطلب: جيڪڏهن ڪو ڪم ڪرڻو هجي ته هڪدم ڪجي، ڪم - همت ماڻهوءَ جي مدد تي اعتبار نه ڪجي.

## ٦٥- جُمن چارڻ وارو سوال:

جمن، ذات جو چارڻ، ضلعي خيرپور ميرس جو ويٺل هو. نابين، مسڪين ۽ ڪمزور هو. اکين جي روشني ۽ نَريني اولاد لاءِ، حضرت پيران پير عليه الرحمت جي مدح چئي اٿس.

فرزند تون حَسنينَ جو، آءٌ سائل تو ثـَقلينَ جو،
درگهَ مٿي دن رَين جو، او جر مَنگان عَينينَ جو،
دارُون تئين دارينَ جو، يا پير پيران بادشاهه.

مٿين بند ۾ اکي جي بينائيءَ لاءِ، ”اوجر مَنگان عَينينَ جو“ چيو اٿس. ٻئي بند جي هڪ مصرع ۾ چوي ٿو:

”توکان مَنگان، هڪڙو پسر.“

سندس مدح مقبول ٿي ۽ کيس ارشاد ٿيو ته: جيڪڏهن تون هڪڙو سوال گهُرندين، ته اهو بارگاهه ايزدي ۾ اجابت ۾ ايندو. جمن هي سوال ڪيو:

”ماڙيءَ تي نُنهن ڏڌُ ولوڙيندي ڏسان.“

هي هڪ وڏو سوال هو، جنهن ۾ جمن جا مڙئي مطلب اچي وڃن ٿا: پهرين ڳالهه ته وري جوانيءَ ۾ اچي، ٻيو ته کيس پٽ ڄمي، ٽيون ته سندس پٽ شادي ڪري ۽ چوٿون ته پٽ جي زال يعني سندس نُنهن، ماڙيءَ تي ڏڌُ ولوڙي! اهي سيئي سوال گڏي، مٿيون هڪڙو سوال گهريائين. انهيءَ ڪري عام چوٽي تي ويئي ته: جمن چارڻ وارو يڪو سوال.

چون ٿا ته سندس مَن گهُريا مطلب پورا ٿيا.

جمن چارڻ جي باري ۾ مورخن ۽ محققن جا مختلف خيال آهن، جي هيٺ درج ڪجن ٿا.

مرحوم محمد صديق پيرزاده لکي ٿو:(١)

”تمام مسڪين هو ۽ نامرد، بيمار سخت، سڄو جسم ڦٽ ڦٽ ٿي پيو هوس، جنهن درد کان مداح حضرت غوث اعظم جيلانيءَ جي چيائين ..............

(١) تاريخ سنڌ - قلمي صفحو ١٣٢.

”فقير، جڏهن لاچار ٿي پيو، تڏهن ڪي ماٺهو ڪٺيءَ جي جهولي ۾ ڪٽي، وڃي سخي سُپڙ ڏاتار جي مسافرخاني ۾ ڦٽو ڪري آيس. ڄام سُپڙ کي سندس زال بيبي گنجانه چيو ته، ”اسين ٻئي زال مڙس، هن فقير جي واسطي ڏٺيءَ جي درگاه ۾ متوجه ٿي، دعا گهُرون ته مالڪ شِفا ڏئيس“ پوءِ ٻئي متوجه ٿيا. اِرشاد ٿين ته اوهين ٻئي ڪُندريُون ڪٽي، وڃي حَسبَ نَديءَ جي پرسان، ڪَهڙن مان پيرون چونڊي، ڪٽي آٽي جمن کي کارايو. هنن ائين ڪيو ۽ جمن چڱو ڀلو ٿيو.“

”پوءِ سخيءَ چيس ته، ”هاڻي فقير، توکي موڪل آهي، پنهنجي ڳوٺ وڃ“ فقير چيو ته ، ”ڳوٺ ڪجهه به ڪونه آهي.“ ڄام، چيو ته، ”توکي فجر جو ڏات ڏيندس.“ ڄام رات جو گهر ۾ ڳالهه ڪئي ته: فجر جو ٿالهه مُهرن ۽ موتين جو ڀري رکندس، پوءِ فقير جمن کي چوندس ته ٻنهي هٿن ۾ جيڪي کٽي سگهين، سو کڻ“ پوءِ فقير کي بيبي گنجانه اچي چيو ته، ”جڏهن ڄام آمر ڪريئي ته جيڪي ٻنهي هٿن ۾ کٽي سگهين، سو کڻ، تڏهن گهوڙن جي طنبيلي ۾ وڃي، هڪ هٿ اولاهين ڪِليءَ ۾ وجهج، ٻيو هٿ اوڀارين ڪِليءَ ۾ وجهج“ فجر جو جڏهن فقير اچي حاضر ٿيو، تڏهن ڄام ڏاتار، آمر ڪيس ته، ”جيڪي کٽين، سو کڻ.“ فقير جمن، گهوڙن جي ڪُڙهه ڏي هليو. ڄام ۽ امير وزير گڏيا وَيس. جمن هڪ هٿ، گهوڙن جي طنبيلي جي ڪِليءَ ۾ وڌو ۽ ٻيو هٿ، ٻيءَ ڪِليءَ ۾. انهيءَ طناب ۾ ٣٠٠ گهوڙا هئا، جي ڄام سڀ ڏنس. ڄام پڇيس ته ”اها صلاح ڪنهن ڏنءِ؟“ چيائين ته، ”بيبي گنجانه.“ ڄام چيو ته، ”اها سخا بيبي گنجانه جي آهي. هاڻي ترس ته سَنجَ سونهري نهرائي ونون ۽ پوءِ ٻانها ۽ سئس گهوڙن لاءِ ۽ خرچ راه جو، سڀ ڄام ڏيئي، روانو ڪَيسُ. جڏهن هلڻ لڳو، تڏهن بيبي گنجانه چيس ته، ”منهنجا پائر، ڪوهستان ۾ آهن، انهن وٽ به مهمان ٿج“ جڏهن ڪوهستان ۾ آيو، تڏهن انهن ڄامن وٽ اچي منزل ڪيائين. انهن ٽڪائي، خدمتون ۽ مهمانيون ڪري ۽ روپا سنج گهوڙي جا نهرائي ڏنس ۽ خرچ ڏيئي روانو ڪيس.“

”آخر فقير، با خيريت اچي ڳوٺ پهتو. پرٹيو، اولاد ٿيس، ۽ ماڙيءَ تي نُنهن، چاڏي ڏڏ جي ولوڙيندي ڏٺائين ................ ان جي نسل مان ٻيو به جمن چارڻ

شاعر پئدا ٿيل آهي.“

جمن چارڻ جو سخي سپڙ ڄام وٽ وڃڻ جو پڪو اُهڃاڻ محترم ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ جي تصنيف ”ٻيلاين جا ٻول“ مان پڻ ملي ٿو.(١).

”چون ٿا تہ ڪو سنڌ جو سوالي، هڪ سؤ گهوڙن جي گهُر جو قصد ڪري آيو. سخي سپڙ ڄام وٽ دير تہ هئي ڪانہ. سو يڪدم سؤ گهوڙن ساڻ پنهنجي پُٽ چوٽي کي ساڻس گڏ چاڙهي روانو ڪيائين، جو هن سوالي کي حفاظت سان سنڌ جي سرحد تائين اُماڻي آيو ۽ موڪلائڻ وقت اهي سؤ گهوڙا کيس سونپيائين.“

اسان جي خيال موجب اهو اشارو جمن چارڻ ڏانهن ئي آهي.

---

(١) ٻيلاين جا ٻول. صفحہ ٨٣-٨٤

## (ج)

## ٦٦- ڄائو پُٽ لَتِي سِڪَ، پرڻيو پُٽ پيئي پِڪَ:

ڪنهن سِڪايل کي، سالن کان پوءِ الله نوازيو. وڏا شادمانا ڪيائين. پلا جو پيڙهيءَ ۾ ڪَڻ پيدا ٿيس، پوءِ خوشي ڇو نہ ڪندو! ڇوڪرو، اڃ نندو سياڻ وڏو، اڃي جوان ۽ شادي لائق ٿيو. پٽس وڏي دل ڪري، ڪنهن بنيادي گهر مان شادي ڪرايس. ڪجھ وقت تہ صلح سانت ۾ گذريو، پر پوءِ آهستي آهستي سَسَ ۽ نُنهن جي وچ ۾ ترشِي وڌندي ويئي. آخر حالت اڃي اتي بيٺي، جو گهر ۾ سڄو ڏينهن گهِپي ۽ ڪِلڪِل لڳي پيئي هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن پيءُ، پُٽ کي چيو تہ، ”ابا، زال تي ضابطو رک“ پُٽ وراٽيو تہ، ”بابا، اوهان زور آور آهيو، هوءَ ويچاري گگدام! اما، هر گهڙيءَ پيئي لوئيس ۽ وڙهيس، تہ بہ ويچاري ڪُڇي ئي ڪين، اوهين پاڻ پنهنجي زال تي ضابطو رکو!“

جڏهن پٽس اِهي لفظ ٻُڌا، تڏهن چيائين تہ:

”ڄائو پُٽ لَتِي سِڪَ، پَرڻيو پُٽ پيئي پِڪَ!“

## ٦٧- ڄَڻيءَ سُٽ پُسايو، واڻئي وِڌَس وَٽِي، ڄَڻيءَ ليکي واڻيو مُنو، واڻئي ليکي ڄَٽِي:

اڳي دستور هوندو هو تہ ائٽ تي سُٽُ ڪتي، زالون دڪانن تي وڃي وڪڻنديون هيون.

ڳالھ ٿا ڪن تہ ڪنهن ڄَٽيءَ (اڻ پڙهيل زال)، سُٽ ڪتي، پاٽيءَ ۾ پسائي رکيو. جڏهن ٿورڙو سُڪو، تڏهن واڻئي جي دڪان تي ڪٽي ويئي. واڻيئي هڪدم سهي ڪري ورتو. تنهنڪري مقرر وزن بدران ڳري وزن وارو وٽُ، تارازيءَ جي ٻئي پُڙَ ۾ وڌائين. ڄَٽي ويچاري خوش ٿي تہ واڻئي کي ٺَڳيو اٿم. جڏهن پيسا وٺي گهر موٽي، تڏهن ڪنهن عاقل سان اها ڳالھ ڪيائين تہ مان واڻئي کي، هن نموني ٺَڳي آئي آهيان. واڻئي جي حِرفت کان هو بخوبي واقف هو، تنهنڪري چيائين تہ:

جَـــنّيءَ سُـــتّ پـــُسايو، واٽـئـــي وِڏَس وَنّـــِي،

جَـنّيءَ ليڪـي واٽيـو مُنـو، واٽـئـي ليڪـي، جَـنّـي،

مٿي سائي جٿي.

## (ج)

### ٦٨- پاڙ ۾ چانڊيا مگسي:

هَڏ ڪَپ ويري، دشمن.

هيءُ پهاڪو، چانڊڪا پَرڳڻي جي پيدائش آهي، جنهن کي هينئر لاڙڪاڻو ضلعو چون ٿا.

چانڊيا ۽ مگسي، ٻئي بلوچ قوم جا جابلوُ ماڻهو آهن ۽ هڪ ٻئي سان دنگئي پَلئِي پڙ.

هڪ روايت مطابق، جڏهن چانڊڪا جاگير، ميان آدم شاهه (عباسي) ڪلهوڙي کي، مغلن کان ملي، تڏهن سندس ڪارپرداز غيبي خان هو. اُن وقت جهَلَ جو سردار زَئي خان هو، جنهن کي عام طرح مگسي خان ڪري چوندا هئا (؟)[٣] جهَل جو پرڳڻو (خِطو)، پوءِ ميان شاهل محمد عباسيءَ هٿ ڪيو، سو ٻه چانڊين جي مدد سان. ميان شاهل محمد عباسيءَ جي ڪاهه جو فقط اهو سبب هو، جو مگسي، ميان جي فيصلن موجب نه هلندا هئا، جنهن کي ميان صاحب، پنهنجي بي عزتي سمجهندو هو، اگرچ چانڊيا توڙي مگسي، ٻئي سندس مريد ٻه هئا. مگسين کي انهيءَ تي مَنيان لڳي ته چو گيگهيرن (ساڳيو گهگهو ڏيندڙ ۽ هم ذات يا چانڊين بلوچن)، ميان شاهل محمد جي چَرچ تي اسان تي چڙهائي ڪئي؟ جيتوڻيڪ مگسي، ظاهري طرح خاموش رهيا، پر اندروني طرح منصوبا سِٽيندا رهيا ته ڪهڙيءَ طرح ٻه چانڊين کان وير وٺجي. انهيءَ ڪري ٿوريءَ گهڻيءَ تان پاڙ ۾ اٽڪندا هئا.

سندن عداوت جو ٻيو سبب اهو معلوم ٿي سگهيو آهي ته چانڊڪا جو هڪ

---

※ "مگسي" جو استعمالي اُچار "منگسي" آهي. "مگسي"، چون ٿا ته اصل "مگسي جي واديءَ" جا هئا. جا رياست جهَل کان. سؤ کن ميل اولهه طرف آهي. انهيءَ واديءَ ۾ مگس يعني ماکيءَ جي مک گهڻي هئي، پر قحط ساليءَ سبب، اها مگس، جهَلَ جي چشمي واريءَ واديءَ جي طرف کان اُڏامي هتي آئي ۽ هنن جا پوئنير ماکيءَ جي مک جو پيڇو ڪري، اچي جهَلَ وادي ۾ ويٺا. تنهنڪري هنن پاڻ کي "مگسي" چوايو. ورنه هو ڪن جي خيال موجب. لاشاري بلوچ جي ڪيڙ آهي.

امير ماڻهو، جهَل مان هڪ خاندان تي سخت حملو ڪري آيو. مگسين، وري اهڙا ڏهه حملا ڪيا. انهيءَ ڪري گويا جهنگ ڪي باهه لڳي ويئي. ٻنهي جي وچ ۾ وڏو جهيڙو ٿيو، جنهن ۾ ايترا ماڻهو مئا، جو ميدان ئي رت سان رڱجي ويو! انهيءَ واقعي کي ترَ جا ماڻهو ”ماهو“ سَڏڻ لڳا. آخر ٻنهي ڌُرين جو فيصلو، ميان شاهل محمد عباسيءَ جي جَرڳي ڏنو.

(نگران سنده. باب قديم اقوام سنده.)

## ٦٩- چَٽي چَنيجَن جي پرڻ تي پيئي:

چنيجا ۽ پَرڻ، موري تعلقي (ضلعي نواب شاهه) ۾ ٻه ڳوٺ آهن، جي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن. چنيجن ۾ هڪڙو هِندو سيٺيو رهندو هو، جنهن جي ڪن ماڻهن سان اٽيٽ ٿي پيئي. انهن ماڻهن کي، هر وقت اهو خيال رهندو هو ته سيٺئي جو سر ڪٽجي. هڪ دفعي سيٺ کي ڌاڙو هڻڻ ويا، پر رات جو وڳڙي ۾ رستو ڀلجي، وڃي پَرڻ تي ڪڙڪيا. ڌاڙو ته هنيائون، پر سندن مطلب سِڌ نه ٿيو. ڪنهن انهيءَ واقعي کي ٻڌي، ائين چيو.

مطلب: جڏهن هڪ جو ڏوهه، ٻئي تي اچي، تڏهن ائين چئبو آهي.

## ٧٠- ڇڳو جن لِکيو، مَدو سي نه پَسن،

## توڙي رڻ رهن، ته به ڪندون ڪائن ڪير سان:

جن جي قسمت ۾ ڇڳو لکيل آهي، سي ڪٿي به هوندا ته سک پيا پَسندا.

چون ٿا ته هڪڙي بادشاهه جهنگ ۾ محلات ٺهرايو هو. جڏهن راڻيءَ سان شڪار تي ويندو هو، تڏهن اُتي آرامي ٿيندو هو. هڪ دفعي شڪار ڪندي، راڻي ۽ بادشاهه جدا ٿي ويا. راڻيءَ ته جلد ئي محلات ڳولي لڌو، پر بادشاهه اچا نه آيو.

هڪ مسافر، بادشاهه جي محلات وٽان لنگهيو. مسافر کي ٿَڪَ ماندو ڪري وڌو، جنهنڪري محلات جي ڪُنڊڙيءَ ۾ کٽ تي سمهي پيو. جڏهن اُٿيو، تڏهن بک بي حال ڪيس. محلات جي الماڙي کولي ڏٺائين ته منجهس ڪنڊ ۽ کير پيا آهن. کير ڪنڊ پي، وري سمهي پيو. اتفاق اهڙو ٿيو، جو بادشاهه به اتي آيو. ڏسي ته هڪ ماڻهو، کٽ تي اَهليو پيو آهي. وري متي وڃي ڏسي ته سندس راڻي پلنگ

تي سُتي پيئي آهي. بادشاهہ کي غيرت آئي. مسافر کي اُتاري، پنهنجي شهر ڏانهن سزا ڏيارڻ خاطر، وزير ڏانهن هڪ خط لکي ڏنائينس. جڏهن شهر پهتو تڏهن وزير کي اهو خط ڏنائين. وزير پڙهندي، هڪدم اڌ حڪومت جو ڪيس ڏنو. قدرت ڪريم جي، جيڪي اکر بادشاهہ، غريب جيِ سزا لاءِ لکيا هئا مثل سزاوار آهي = بي معنيٰ لائق آهي. سي انعام جي صورت ۾ تبديل ٿي ويا. غريب جي اها ڳالهہ ٻُڌي، ڪنهن ائين چيو.

## ٧١- چورَ جي ڏاڙهي ۾ ڪکُ:

چون ٿا تہ هڪ قافلي مان ڪنهن سيٺ جو مال چوري ٿي ويو. سيٺ، هڪدم سيني کي گڏ ڪري، چيو تہ، "منهنجو مال چوري ٿي ويو آهي، جنهن ڪنيو آهي، تنهن جو پتو پئجي چڪو آهي ۽ ان جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪَکُ آهي." چورَ بہ ان مجموعي ۾ موجود هو. ان کي دل ۾ شَڪُ جاڳيو تہ، مُبادا منهنجي ڏاڙهيءَ ۾ ڪکُ هجي چو نہ ڪڍي ڇڏيان. اهڙيءَ طرح چور ظاهر ٿي پيو ۽ سمورو مال مليو.

مطلب: عيبدار هميشه پنهنجي هر هڪ ڳالهہ سان سچاتو وجي ٿو. يا شخص، ڪنهن جي طعني کي پنهنجي طرف گمان ڪري، تڏهن انهيءَ جي نسبت ائين چئبو آهي.

اردو: چور کي داڙهي مين تنڪا.

## ٧٢- چور کي چون تہ گهڙ ٻنس گهر ۾،
## ياڳئي کي چون تہ چور، گهر ۾ گهڙيو اٿئي:

اهو مثال، اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪم آڻبو آهي، جنهن ۾ هِنَ جي، هُنَ سان ۽ هُنَ جي جي، هِنَ سان گلا يا شڪايت ڪري، ٻن ڌرين جي وچ ۾ جهڳڙي وڌائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪڙي ڳوٺ ۾، هڪڙو اهڙو شخص رهندو هو، جنهن جي عادت هوندي هئي تہ جڏهن بہ ڏسندو هو، تہ ٻن ڌرين جي وچ ۾ معمولي ڇڪتاڻ ۽ جهڳڙو شروع ٿيو آهي، تڏهن ڇا ڪندو هو، جو جدا جدا اوقتن تي،

لِڪي ڇَپي، ڀنهي ڏرين سان پيو ملندو هو ۽ انهن کي ڪجھ سچيون ڳالهيون تہ ڪجھ مرچ مصالح لڳائي، اهڙي تہ نوع سان ٻُڌائيندو هو، جيئن هو پاڻ ۾ وڙهي پون! پر ٻنهي ڌرين کي اهو تاڪيد ڪندو هو تہ، ”بابا، مان آهيان خير وارو، مهرباني ڪري منهنجو نالو پُليو پُلايو بہ نہ کڻجو!“

انهيءَ شخص جي شرارت جو اهو نتيجو نڪتو، جو روزانو ٻنهي ڌُرين جي پاڻ ۾ جَهڳڙي لڳي پيئي هوندي هئي، بعضِ تہ رَت وَهائڻ تائين بہ نوبت پهچي ويندي هئي.

آخر ڳوٺ وارن کي، سندس شرارت ۽ شيطانگيريءَ جو پتو پئجي ويو، جنهنڪري ڳوٺ ئي ڇڏي وڃڻو پيس.

## ٧٣- چور نہ، تہ چاڪي ئي سَهِي:

ڪنهن ڳوٺ ۾ چوري ٿي. وقت جي قاضيءَ، پوليس تي زور رکيو، تہ ڪنهن بہ صورت ۾ ، چور پيدا ڪيو وڃي. هاڻي پوليس ڇا ڪري! پيرو لڳي تہ پتو پوي! جڏهن پوليس کان سچو ڏوهي ليي نہ سگهيو، تڏهن ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، هڪڙي غريب چاڪِيءَ کي ڳِهلي وٺي آيا. قاضي، اُن چاڪيءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو. چاڪيءَ کي آيل ڏسي، پوليس ڏانهن منهن ڪري، چيائين تہ:

”چور نہ، تہ چاڪي ئي سَهِي.“

مطلب هيءُ آهي تہ: موقعي مهل تي، ڪم نپائڻ ۽ جند ڇڏائڻ لاءِ هِڪ جي، ٻي ڪبي آهي، تہ ان وقت اهو پهاڪو استعمال ڪيو ويندو آهي.

## ٧۴- چورن مٿان مور:

چون ٿا تہ ڪن چورن، چوري ڪري، جهنگَ ۾ سامان لاٿو. جڏهن ورهائڻ شروع ڪيائون، تڏهن هڪڙو سونو هار بہ ڪڍي، ميدان تي رکيائون. وڻ تي مور ويٺو هو، جنهن جي نظر وڃي، هار تي پيئي. سو لامارو ڏيئي، اهو هار کڻي ويو. تنهن تي چورن مان هڪڙي ائين چيو.

مطلب: جڏهن ڪو، ناجائز طريقي سان، ڪا شيءِ هٿ ڪري ٿو ۽ پوءِ ڪو ٻيو ماڻهو، ڪانئس اها شيءِ (سڄي يا اڌ) کڻي وڃي ٿو، تڏهن ائين چئبو آهي.

## (چ)

### ٧٥- چِتي ڪوريءَ واري ڏيگهه:

ڳالهه ڪرڻ وقت، اجائي، اينگهه ڪرڻ، بيجا ڳالهائڻ اجائي بڪ ڪرڻ.

چِتو، رامڻ ڪوريءَ جو شاگرد هو. چون ٿا تہ ساهتي پرڳڻي جو وينل هو. جڏهن پنهنجي اُستاد رامڻ ڪوريءَ وٽ اُٽاوت جو ڪم سکندو هو، تڏهن بہ ڳالهائڻ وقت، اجائي ڏيگهه ڪندو هو. هڪ دفعي رامڻ پٽڪو لاهي، پاسي ۾ رکي لڳو اُٽڻ. سندس چِڪڻ وارو حُقو پڻ، پٽڪي پر سان رکيو هو. اتفاقاً هڪڙي چڻنگ وڃي، پٽڪي تي پيئي. چِتو، اهو حال ڏسي، وسائڻ جي بجاءِ، رامڻ جو ڌيان، اينگهه ڪري، هن طرح ڇڪائڻ لڳو.

جــناب حضــرت، اُســتادَ رامــڻَ جـــي،
حُقــي مــان، هڪــڙي چڻنــگ اُڏامــي،
وڃــي دســتار مبــارڪ تــي پيئــي آهــي!

جيسين چِتي، اهي لفظ چئي پورا ڪيا، تيسين رامڻ جي پٽڪي جو ڳپل حصو سڙي ويو.

جڏهن ڪم سِکي رهيو، تڏهن جوڙيون ڪٽي، وڪڻڻ ويندو هو. ٻيا ڪوري پنج پنج جوڙيون کپائي اچن، پر هيءُ مڙس، هڪ جوڙي بہ مس کپائي، ڇاڪاڻ تہ ڏيگهه ڪرڻ، سندس عادت ٿي ويئي هئي. جوڙيءَ وڪڻندي، وٺي پنهنجي اَٽيل ڪپڙي جي تعريف ڪندو هو. چي: ”هيءَ جوڙي مضبوط آهي، سندس نِڪري پَڪي آهي ڌاڳو پَڪو اٿس. گهاٽي اَٽيل آهي، تمام گهٽو چوڙ ڏيندي، ڏادي سَستي آهي، ٻَرُ بہ وڏو اٿس ۽ ڪار ۾ سڳو نہ ڳرندس وغيره!“

پَلا، جيڪڏهن هر هڪ گراهڪ سان، ايڏي ڏيگهہ ۽ بَڪ شَڪ ڪبي تہ ڪم جو جلدي اڪلاءُ، ڪيئن ٿيندو!

(ح)

## ٧٦- حَنُوُد ڪاسائي واري ڳَڌَ:

ڳالهه ڪندا آهن ته ڪنهن سَمي، سيوهڻ سنڌ جو تخت گاهه هِو، جنهن جو حاڪم، همنڪ نالي هَو. هو قلعي اندر رهندو هو.

هڪڙي دفعي، ڪنهن ڏورانهين ڏيهه جا چار چٽا: بادشاهه، وزير، ڪوتوال ۽ بادشاهه جو غلام شڪار ڪندي، منجهه ڊنڊ تي، پکين جي شڪار لاءِ اچي نڪتا. شڪار بعد، شام جو گهوڙن تي سوار ٿي، سيوهڻ آيا. سامهون بادشاهي قلعو نظر آين. خيال ڪيائون ته قلعي اندر هلي، مهمان ٿي رهجي، پر دروازو بند هو. سَڏَ تي قلعي اندران جواب آيو ته، ”حاڪم بيمار آهي، تنهنڪري گهڻو گوڙ شور نه ڪريو. تنهن کان سواءِ، سج لٿي کان پوءِ، قلعي جو دروازو بند رهندو آهي.“ هنن خيال ڪيو ته ”اتي ئي قلعي پرسان، واري وَنيءَ تي پهرو ڏيئي، را ڪاٽيون.“ پهريائين ڪوتوال جو وارو آيو ۽ باقي ٽي چٽا سُمهي پيا. اجا اڌ ڪلاڪ مَس گذريو ته اوچتو شينهن اچي، مٿانئس ڪَڙڪيو، هٽي ڪوتوال جا بيرا ڪري وڌائين. ڪجهه وقت کان پوءِ، ٻئي پَهر لاءِ وزير اُٿيو. ڪوتوال جا هڏا ڏسي، سمجهائين ته ”ڪوتوال کي شينهن کائي ويو آهي ۽ هڏا ڇڏي ويو آهي.“ پهَرو ڏيندي، کيس اُج ڏاڍو ماند ڪيو، جنهنڪري پر واري تلاءَ تي پاڻي پيئڻ ويو. اُتي جيئن پاڻي پئي پيتائين، تيئن هڪ وڏي مڇي، کيس گهِلي ويئي. وري ٽئين پهر لاءِ، بادشاهه اُٿيو ڇا ڏسي، ڪوتوال ۽ وزير ٻئي غائب! هڏن کي ڏسي، سمجهائين ته، هڪ ته شينهن جو لقمو ٿي ويو، باقي ٻئي لاءِ، خيال پئي ڪيائين ته ڪيڏانهن ويو. بادشاهه کي اُج ڏاڍو ستايو، جنهنڪري تلاءُ تي پاڻي پيئڻ ويو. اُتي وزير جي پگ پئُسِي، يقين ٿيس ته ڪوتوال کي شينهن کائي ويو آهي ۽ وزير، پگ ٻاهر رکي، پاڻي پيئڻ ويو آهي ته کيس ڪو مانگرمڇ ڪٽي ويو آهي. مٿس اهڙي ته هيبت طاري ٿي، جو پاڻي پيئڻ کان سواءِ ئي موٽي آيو. هيئنر غلام جو وارو هو، پر بادشاهه هن کي اُٿارڻ مناسب نه سمجهيو، ڇاڪاڻ ته سمجهائين ته ويچاري، سڄو ڏينهن جاڪوڙ ڪئي آهي. بادشاهه قلعي جي ديوار سان ٽيڪ ڏيئي ويچار

ڪرڻ لڳو ته ايتري ۾ ڪُڪُڙن جا دَسَ شروع ٿي ويا. ان وقت حنود ڪاسائي، هميشه جي دستور موجب، پنهنجي گهران نڪتو. سندس گهر ۾ دڪان گڏوگڏ مٿان هئا، جنهنڪري ڪڏ تي نالو ئي پئجي ويو: حنود ڪاسائيءَ واري ڪڏ. هن جي عادت هوندي هئي ته سويل صبح جو اُٿي، ڪنهن ماڻهوءَ کي هٿ ڪري، ڪيس ڪهي، گوشت وڪڻندو هو. جنهنڪري ملڪ ۾ حنود ڪاسائيءَ جو وڏو ڌهڪار هو. حنود کي ڪو هٿ به نه لائيندو هو، ڇاڪاڻ ته وڏو پهلوان هو. تنهن کان سواءِ وٽس تيز اوزار به هوندا هئا. انهيءَ ڪري ڪو اڻ واقف يا شهر جو ڪو ڪمبخت سج اُڀرڻ کان اڳ ۾، گهر کان ٻاهر نڪرندو هو. اڄ صبح جو قلعي طرف گهمڻ آيو. بادشاهه تي نظر پيس، جو قلعي جي پَر ۾ ڪُرنڊڙو ٿيو پيو هو. هن کي اُٿاري، گهر وٺي آيو. اڃا بادشاهه کي ڪُهڻ تي هو ته ڪيس خبر پيئي ته شهر جو حاڪم همنڪ گذاري ويو آهي، جنهنڪري شهر جو ڪاروبار بند رهندو. بادشاهه کي ڪجهه وقت لاءِ مهلت ته ملي، پر ساهه سڪي ويس.

شهر جي حاڪم کي ڪو اولاد ڪونه هو، جنهنڪري وصيت ڪئي هئائين، ته، "منهنجي مرڻ کان پوءِ، قلعي جو دروازو کوليندي، جيڪو پهريون ماڻهو مُنهن پوي، تنهن کي تخت تي ويهارجو." دروازو کوليندي ئي، غلام دروازي پر سان سُتل ڏٺائون. سڀ امير، وزير، غلام، ادب سان، مٿانس بيهي رهيا. جڏهن غلام اُٿيو، تڏهن اچرج ۾ پئجي ويو ته هي ڇا؟ تنهن تي غلام پنهنجي ٻوليءَ ۾، هنن کي چيو ته، اوهان چريا ٿيا آهيو يا مان؟" وزير سمجهيو ته شايد پڇي ٿو ته، "سيوهڻ جي بادشاهي ملي آهي يا نَنّي جو ڪو نڪرو به." هنن هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته، "سائين، ٻئي بادشاهيون، اوهان جون آهن." آخر غلام کي سمجهه اچي ويئي ۽ هو سيوهڻ جو حاڪم ٿي ويو.

اها خبر، بنا دير سڄي شهر ۾ وڄ وانگر ڦهلجي ويئي. جڏهن حنود ڪاسائيءَ کي اها خبر پئي، تڏهن به هٿ نيون مُنهن پٽڻ لڳو. چي: اڄ ويو به قلعي جي طرف هوس. جيڪڏهن ڪجهه وقت ترسان ها ته ضرور دروازو کوليندي مون کي ئي عملي جا ماڻهو ملن ها ۽ آءٌ ئي بادشاهه ٿيان ها." پوءِ ته اچي بادشاهه تي مَنيو. ڪٿان جو، ڪٿان پيو اچي! چي، "هي نياڳو، مُنهن نه پوي ها ته اڄ، مان ئي بادشاهه هجان ها." هڪدم ڏند ڪَرٽي، ڪاتي ڪٺي اُٿيو. بادشاهه

ڪي ڏڪٽي وٺي ويئي. حنود کي چيائين تہ، ”منهنجي مارڻ ۾ چا هٿ ايندئي. وڌ ۾ وڌ، منهنجي گوشت مان، ٻہ - چار روپيہ ڪمائيندين. ٻيو چا! تون مون کي جيئندان ڏي تہ مان توکي جهجهو ڏنُ ڏيندس.“ هن کي تہ اهائي ڳالهہ کپندي هئي، چاڪاڻ تہ پيسي جو پُٽ هو. ڪاتي ڪٽي ڦٽي ڪيائين. بادشاهہ رومال جي چئن ڪُنڊن تي، ٻہ مصرعون (مصرع مصرع جو اڌ هر هڪ ڪُنڊ تي) لکي، حنود کي ڏنائين تہ وڃي، نئين حاڪم کي ڏي تہ توکي ڊِئي ڇڏيندو. مصرع هي آهي:

يڪي شير خورد يڪي خورد ماهي،
يڪي بندي خانہ ء، يڪي بادشاهي.

ڪاسائي رومال ڪٽي، نئين حاڪم کي ڏنو. حاڪم کي ذرا شَڪُ جاڳيو، پر پوريءَ طرح پروڙي نہ سگهيو، سو هن بہ وري چئن ئي ڪُنڊن تي لکي موڪليو:

ڪسي شير خورد و ڪسي خورد ماهي،
ڪسي بندي خانہ ء، ڪسي پادشاهي.

اهو رومال، ڪاسائيءَ آڻي، بادشاهہ کي ڏنو، جنهن وري لکي موڪليس:

ڪوتوال را شير خوردو، وزير را خورد ماهي،
بادشاهہ بندي خانہ ء، غلام پادشاهي.

هينئر تہ هن کي سمجهڻ ۾ دير ئي ڪانہ لڳي. هڪدم بادشاهہ کي آزاد ڪرايائين ۽ حنود کي بہ چڱو عهدو ڏنائين.

هينئر جو حنود کي چڱو عهدو مليو، جنهنڪري ڪاسائڪو ڌنڌو ڇڏي ڏنائين ۽ ماڻهن جي دلين مان بہ آهستي آهستي اهو ڊپ لهي ويو.

حنود واري ڪڌ، اڄا تائين سيوهڻ ۾ قائم آهي، جنهن جي ايراضي، تقريباً پنجن جريبن ۾ ٿيندي.

حنود ڪاسائي واري ڪڌ مان مطلب آهي: اها خوفناڪ اُونهي ڪڌ، جا پير جي ئي نہ، چاڪاڻ تہ ورهين ڪان وٺي ان ۾ ماڻهن جا هڏا اُڇليندو هو.

جڏهن، ڪو ظالمانہ ڪم ڪندو آهي ۽ سندس پيٽ نہ ڀربو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

---

# (خ)

## ٧٧- خانَن جِي خاني، مانيءَ مان معلوم:

ميزبان جي بيلائپ يا آسودگي، سندس مانيءَ مان ئي معلوم ٿيندي آهي. چون ٿا تہ خان خانان بيرم خان (جيڪو اڪبر بادشاهہ جو اُستاد ۽ سنڀاليندڙ هو)، ڏاڍو مهمان نواز هو. هر مهمان کي، مانيءَ ۾ مُهرون بہ گڏائي ڏيندو هو. انهيءَ ڪري هر مهمان جي واتان، اها ئي وائي نڪرندي هئي تہ "جڏهن سَچو پَچو خان (خان خانان) آهي، تڏهن تہ مهمانن کي مانيءَ سان مُهرون بہ ڏئي ٿو." پوءِ هر زبان تي اهو مثال هوندو هو تہ، "خانان جي خاني، مانيءَ مان معلوم"، جنهن تان هيئنر مروج ٿي ويو آهي: خانن جي خاني، مانيءَ مان معلوم.

## (د)

### ۷۸- دراز رِيش، خِضر يا اِبليس:

ھڪڙي پڙھيل، ھڪ ڏينھن ڪنھن ڪتاب ۾ ڏٺو تہ: ڊگھي ڏاڙھي، بيوقوفيءَ جي علامت آھي. دل ۾ چيائين تہ، ائين ڪيئن ٿي سگھي ٿو. ڏاڙھي جوعقلن سان ڪھرو تعلق! منھنجي ڏاڙھي ڪيڏي نہ وڏي آھي. پر مون کي تہ ڪنھن بہ بيوقوف نہ سڏيو آھي. پَڪَ ئي پَڪ، لکندڙ ئي بيوقوف آھي.' پر وري خيال آيس تہ، ان چوڻيءَ کي، آزمائي تہ ڏسجي. جيڪڏھن مان پنھنجي ڏاڙھيءَ جو، چپو ڪن گھٽايان،تہ ڪھڙو ھَرج!' سو، چا ڪيائين، جو قينچيءَ جي ڳولا ۾ لڳي ويو، پر لھي نہ سگھي پوءِ، ھن چيو تہ، 'قينچي نہ ملي تہ ڪوبہ فڪر ڪونھي، ھيءَ بتي بہ ساڳيو قينچيءَ جھڙو ڪم ڏيندي.' پوءِ ڪاڏيءَ کان، ڏاڙھيءَ کي زور سان مُٺ وڌائين ۽ ٻئي ھٿ سان، مُٺ کان ھيٺ بچيل ڏاڙھيءَ کي ڪٽي باھہ ڏنائين. باھہ تہ جلدئي مچي ويئي، سندس ھٿ کي لڳي ۽ دانھن ڪري، وسائڻ جي خيال کان، ھيڏي ھوڏي ڀڳو، پر باھ اچي مُنھن کي ورتس، ھٽي لھسي وڌائيندس. جڏھن اسپتال مان موٽيو. تڏھن اچي ساڳيون ڪتاب جو صفحو کوليائين ۽ حاشيہ تي لکيائين: مون خود ان چوڻيءَ کي آزمايو آھي، اھا بلڪل سچي آھي.

### ۷۹- دلوراءَ جي نگري:

دلوراءُ، پنيوراءُ ۽ چُنو، آمر جا پٽ ھئا(۱). دلوراءَ جي نگري (شھر) ڪيئن ناس ٿي، تنھن لاءِ، ھيوز، تحفتہ الڪرام جوحوالو ڏيندي لکي ٿو: (۲).

'چون ٿا تہ الور جي خاتمي بعد، دلوراءُ، برھمڻ آباد ۾ رھڻ لڳو. ڪيس چُنو امراني، پٽ آمر، نالي ڀاءُ ھو. ننڍي ھوندي ئي خداتعاليٰ ڪيس، اسلام جي رحمتن ڏانھن مائل ڪيو، تنھنڪري شھر ڇڏي، وڃي قرآن شريف حفظ ڪيائين

(۱) تاريخ سنڌ (قلمي نسخو) محمد صديق پيرزاده ص ۸۴.
(۲) گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ. ص ۱۴۰-۱۴۱.

۽ اسلام جا ارڪان ۽ عقائد سکيو. جڏهن موٽي آيو، تڏهن سندس دوستن عزيزن، کيس شاديءَ لاءِ ستوهه پريو، مگر هي پڙ ڪڏي بيٺو. تنهن تي ڪنهن طنعي طور چيس تہ: 'پَل تہ هي، تُرڪ (مسلمان)، ڪعبي ڏي وڃي ۽ فلاڻي ناليري عرب جي ڌيءُ سان شادي ڪري' خوش قسمتيءَ سان، هن حج تي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو. ان وقت سندس پاءُ جوان هو. جڏهن هو، منزل مقصود تي آيو، تڏهن هن، هڪ عورت کي، دڪان تي قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول ڏٺو. هي بيهي ٻڌڻ لڳو. تلاوت ڪندڙ (عورت) پڇيس، 'تون ڇو بيٺو آهين؟' چيائين تہ، 'قرآن ٻڌڻ لاءِ. جيڪڏهن تون مهرباني ڪري مون کي مختلف قرائتون سيکاريندين تہ مان تنهنجو ٻانهو ٿي رهندس.' عورت جواب ڏنس تہ منهنجي اُستاد، فلاڻي جي ڌيءَ آهي، جيڪڏهن تون پنهنجو ويس بدلائي، زناني پوشاڪ پهريندين تہ مان توکي ان وٽ وٺي هلنديس.' هن ائين ڪيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾، ڪنواري عورت اڳيان پهچي ويو. اُها قاري عورت ڪمالات ڪانسواءِ علم نجوم ۾ پڻ ماهر هئي. هڪ دفعي ان عورت (جنهن چُٽي امراني کي بيبي اُستاد وٽ، قرائت سکڻ لاءِ ويهاريو هو)، بيبي اُستاد کان پنهنجي ڌيءُ جي طالع بابت پڇيو. بيبي اُستاد کيس باقاعدي جواب ڏنو. پوءِ چُٽي بيبي اُستاد کي چيو تہ، 'جڏهن توکي ٻين جي حال جو پتو پئجي سگهي ٿو، تڏهن تون پنهنجي بنسبت ضرور ڄاڻندي هوندينءَ؟' عورت وراڻيو تہ، 'اُهو چڱيءَ طرح ياد ڪيل اٿم. تو هاڻي خود پنهنجي بخت ۾ نهاريو آهي.' عورت وڌيڪ چيو تہ 'منهنجي سڱابندي، سنڌ جي هڪڙي رهاڪوءَ سان ٿيڻي آهي' چُٽي پڇيس تہ، 'ڪڏهن؟' عورت جواب ڏنو تہ، "جلدئي" چُٽي سلسلہ ڪلام جاري رکندي، پڇيس تہ، "اهو ماڻهو ڪٿي آهي؟" عورت حساب ڪري ٻڌايس تہ، "تون ئي اهو ماڻهو آهين." جڏهن ان طرح چٽي جي قسمت جو پردو کوليو ويو، تڏهن قاري نينگر چيس تہ "هاڻ هليو وڃ ۽ هن ويس ۾ وري نہ اچج! اهي لَٽا لاهي ڇڏ ۽ جهڙو آهين، تهڙو ظاهر ٿي ۽ منهنجي ٻانهن گهُر، ڇاڪاڻ تہ مان تنهنجي قسمت ۾ لکيل آهيان." پوءِ پنهنجي مائٽن (پيءُ، ماءُ) کي احوال ٻڌائي، چُٽي امرانيءَ جي وَني بني."

'چُٽو (ڪجهہ وقت کان پوءِ' پنهنجي حسين زال فاطمہ کي پاڻ سان گڏ،

سنڌ وني آيو. جڏهن هي دلوراءَ جي شهر وٽ پهتو، تڏهن ظالم بادشاهہ هيءَ رسم ٺاهي ڇڏي هئي تہ، نيون شادي شده عورتون، پهرين دفعي هن ڏي آنديون وڃن. ڇُنو پنهنجي پاءُ وٽ ويو ۽ کيس اهڙي بدنام ڪندڙ عمل کان، باز اچڻ لاءِ سمجهايائين، مگر سڀ دليل رائيگان ويا. آخرڪار هڪ ڏينهن، جڏهن ڇُنو پنهنجي گهر ۾ موجود نہ هو، تڏهن دلوراءَ سندس گهر هليو ويو. هن فاطمہ جي حسن جي گهڻي تعريف ٻڌي هئي، جنهنڪري کيس ڏسڻ جي تمنا ٿي. اها خبر، فاطمہ جي مڙس کي تيزيءَ سان پئجي ويئي، جو هو پنهنجي پاءُ جي نيت کي، لِڪ ڇَپ ۾، جاچڻ لاءِ موٽي آيو. ظالم (پاءُ) جي ناپاڪ مقصد کي سهي ڪندي، پنهنجي لڪڻ واريءَ جاءِ کان ذوڪيندو، پنهنجي نوجوان پاڪدامن گهر واريءَ کي، سندس تنگ ڪندڙ چنبي کان نجات ڏياري ۽ فوراً شهر ڇڏي هليو ويو. هڪ آواز ٿيو، جنهن چيو تہ، 'هي شهر عنقريب، بادشاهہ جي ظلمن سبب زمين دوز ٿيندو. جنهن کي بہ هي اطلاع ملي تہ پل پنهنجو پاڻ بچائي.''
''ڪن ٿورن ان تي عمل ڪيو ۽ خبردار رهيا. پهرين رات هڪ پوڙهي عورت، جنهن ائٽ تي سُٽ پئي ڪتيو، جي برڪت سان، ٻيءَ رات هڪ گهاٽي پيڙيندڙ يعني چاڪيءَ جي محابي آفت نري ويئي ۽ ٽينءَ رات سڄوئي شهر زمين دوز ٿي ويو. فقط هڪ منارو، عبرت خاطر وڃي بچيو!''

مرحوم محمد صديق جي قلمي نسخي ۾ لکيل آهي: (۱)

''هڪ ڏينهن اوچتو، راءُ ڇُني جي گهر لنگهي ويو. ڇُني جي زال عربياڻي منهن ڍڪي، اندر هلي ويئي. جڏهن ڇُنو گهر آيو، تڏهن زال ڳالهہ کيس، جنهنڪري ٻئي زال مرد، ٽي راتيون دربار خدائي ۾ متوجه ٿيا ۽ زاريون ڪيائون. ڇِپ پيئي يعني واري اُني ۽ زمين ڏبي، (جنهن کان) شهر غرق ٿيو.'

ڇُنواُمراني، پوءِ سيوهڻ ۾ اچي رهيو، جنهن کي سيوهڻ وارا ڇُنو اُمراني چوندا آهن(۲). متس ڇگو گنبذ اڏايل آهي. اگڻ توڙي پتين تي ڪاشيءَ جون سرون لڳل آهن. اولاهين پت تي هي ڪتبو لڳل آهي:

---

(۱) تاريخ سنڌ (قلمي نسخو)- محمد صديق پيرزادو. صفحو ۵۴.
(۲) آزاد سنڌ نمبر الوحيد - ص ۷۳

بـــدورِ شهنشاهہ شـــاهِ جهان،
خــديـــوخرمنـــد صاحبقران،
چون خلدِ برين روضہ شاهہ جهتہ،
بنا ڪـــرد نــــواب ديندار خـــان،
ز سالِ بَـنايَش طــلـــب داشتند،
"بهشتي بروئي زمين' شـــد عيان.

(سياڻي حاڪم، صاحبقران شهنشاهہ شاهہ جهان جي وقت ۾ نواب ديندار خان، چڱي درويش جو بهشت جهڙو مقبرو تيار ڪرايو. ان جي ٺهڻ جي سال بابت، گهر ڪيائون (تہ جواب آيو) هڪڙو بهشت، زمين جي مٿاڇري تي ظاهر ٿيو آهي.)

مرحوم محمد صديق پيرزاده جي قلمي نسخي مان، هيءَ روايت پڻ ملي ٿي(١):

"راجا دلوراءَ جي پيڻ جي ڌيءَ جي شادي ٿي. انهيءَ پيڻ اچي، راجا کي ايلاز آزيون ڪيون، تہ پيڻ جي عزت رکي پر راجا نہ مڃيو. چيائين تہ، "انجام بادشاهي نہ پڄندس. هم بستر نہ ٿيندس، بلڪ محلات ۾ انهيءَ وقت ايندس." پيڻ پڇيس تہ،"ائين بہ ساڳي بدنامي ٿيندي، اصل نہ اچ." راجا نہ مڃيو. آخر نااُميد ٿي موٽي پٽيندي ويئي تہ، منهوٺ ٿرڙا، شل ڇپ پونديِ، بنياد ئي ناس ٿينديِ.'

'ڌيءَ جي قدرت سان، جنهن وقت شادي ٿي، انهيءَ وقت، راجا پنهنجي محلات مان نڪري، شاديءَ واري محلات ڏي روانو ٿيو. اوچتو آسمان ۾ غبار پيدا ٿيو، ڳاڙهي واري وسڻ لڳي، جنهن ۾ سڄو شهر غرق ٿي ويو."

هي واقعو ڪهڙي دور سان تعلق ٿو رکي، تنهن لاءِ هيوز لکي ٿو(٢):

"جيڪڏهن سيدعلي مڪي، ان وقت چُڱي سان گڏ بغداد مان سنہ ١٠٢ع ۾ سنڌ ۾ آيو تہ پوءِ شهر جي تباهي، هنن ٻنهي جي سنڌ ۾ وارد ٿيڻ بعد فوراً ئي سمجهڻ گهرجي."

هيوز جي لکيت کي، پيرزاده جي نسخي مان وزن ملي ٿو(٣):

"سيد علي مکي در سنہ ٤٠٠هـ حکومت بني عباس درملک سنده نزديک

(١) تاريخ سنڌ - ص ٧٦
(٢) دي گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ - ص ١٤٢
(٣) تاريخ سنڌ فارسي (قلمي نسخو) محمد صديق پيرزادو - ص ٧٦

جبل لک آري پسگر دائي سيوستان تشريف فرما شد. بمع دو پسر و يک برادر زاده........ در آنڻ جائي سکونت کرد. درآن ملک حکومت راجہ دلورائي بود."

(سيد علي مکي ۴۰۰هہ ۾ بني عباس جي حڪومت ۾ سنڌ ملڪ جي لڪي جبلن جيٰ ويجهو، پنهنجي ٻن پٽن ۽ هڪ ڀائٽي سان سيوهڻ ۾ تشريف فرما ٿيو...... انهيءَ جاءِ تي رهائش اختيار ڪيائين، جتي دلوراءِ جي حڪومت هئي.....)

## ۸۰- دِلِي دُور اَست:

مطلب حاصل ڪرڻ ۾ اجا دير آهي.

چون ٿا ته شهنشاهه جهانگير، هڪڙو تمام تيز رفتار قاصد، ڪنهن خاص ضروري ڪم لاءِ، ملڪه نورجهان ڏانهن، لاهور کان دهلي روانو ڪيو، اُهو قاصد، اهڙو ته تيز رفتار هو، جو اُن جهڙا ڪي ٿورا ماڻهو پيدا ٿيا هوندا. هُن، بادشاهه کي چيو ته، "آءٌ هڪ ڏينهن ۾ دهليءَ پهچي ويندس ۽ ٻئي ڏينهن واپس، سائين جن وٽ پهچي ويندس" هلندو هلندو جڏهن اچي دهليءَ کي ويجهو پهتو، تڏهن رستي تان ايندڙ، هڪ پوڙهيءَ کان پڇائين ته، 'هتان دهلي ڪيترو پري آهي؟" پوڙهيءَ چيس ته، "خدا نه ڪري دهلي دور!" مگر قاصد، انهيءَ جو مطلب سمجهيو ته اجا دهلي پري آهي. انهيءَ ڪري اُتي ئي دل شِڪستو ٿي مري ويو!

بادشاهه کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو ارمان ٿيس ۽ سندس تيزرفتاريءَ جو قدر ڪندي، سندس قبر تي، عاليشان عمارت اڏايائين، جا دهليءَ کان ڏهن ميلن جي پنڌ تي، اڄ تائين موجود آهي ۽ "پيلڪ" جي مقبره جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ عمارت جي نهڻ جو سال ۱۱۳۳هہ مطابق ۱۷۲۰ع آهي.

## ۸۱- دودو ڏُوڙ، چنيسر چائي:

پونگر سومري کي ٻه زالون هيون. پهرين زال لوهاريءَ مان، هڪ پٽ چنيسر ۽ هڪ ڌيءَ ٻاگهل. ٻيءَ زال سومريءَ (ڏاڏي پوٺيءَ) مان، دودو هئس. دودو ننڍو پٽ هوس. جڏهن پونگر مري ويو، تڏهن اميرن امرائن، وڏي پٽ چنيسر کي پڳ

ٻڌائي. چنيسر چيو تہ، اَما ڪان پڇي اچان تہ پوءِ پَڳ ٻڌندس.“ مجلس مان اُٿي ڪڙو ٿيو. اميرن امرائن چيو تہ، ’جيڪو اچ ماءُ ڪان موڪلائڻ ويو آهي، سو ڪيئن ملڪ هلائيندو، تنهنڪري دودي کي پڳ ٻڌائي، تخت تي ويهاريائون ۽ چنيسر موٽي پشيمان ٿي، گهر وڃي ويٺو.

پيٽس ٻاگهل، رات ڏينهن طعنن سان تپائي ڏنس:

”اڄي هيوسين ٻہ ڄڻيون، هاٺي ترڙي ٿياسين ٽي،

چرخو چندن عاج جو، اما آڻي ڏي.“

انهن طعنن، چنيسر جي زندگي زهر ڪري وڌي. آخر ڪو ٻيو حيلو وسيلو نہ ڏسي، دهليءَ جي حاڪم علاءُ الدين خلجيءَ ڏانهن ويو. محمد صديق پيرزادو لکي ٿو:(١)

”خلجيءَ کي عرض ڪيائين تہ: هن چنيسر، پيڻ ٻاگهل جو سڱ توکي ڏيڻو ڪيو آهي، مگر منهنجو ننڍو ڀاءُ دودو، اعتراض ٿو وٺي........ بادشاهہ سنڌ ڏي ايلچي موڪليو. جڏهن ايلچي، ڪوٽ وڳهہ ۾ آيو ۽ سومرن کي خبر معلوم ٿي، تڏهن سومرن، قاصد جا ٻئي ڪَنَ ڪَٽي ڪڍيا. قاصد موٽي، دهليءَ ويو. قاصد چيو:

ٻن ٻاگهي ۽ ٻارَ ٻاگهيءَ جا ٻَن،

جو ويندو وڳهہ ڪوٽ، ڪٽائي ايندو ڪَن.

بادشاهہ علاءُ الدين، وڏو ڪٽڪ، سنڌ تي چاڙهي موڪليو. جتان بہ لشڪر پئي لنگهيو، اتان جا ماڻهو، اهو ڳوٺ ڇڏي ٿي ويا. علاءُ الدين جي هيڏي ساري ڪٽڪ کي ڏسي، عام چوٽي ٿي ويئي:

ڪُتيءَ جو پونڪندي، پڇو نڪري پيو،

مَري ويئي، پر لشڪر نہ ڪُٽو.

اُباوڙي ۽ اَروڙ جون جنگيون ڪٽي، سکر پهتا ۽ چانڊڪا ڪانپوءِ، حيدرآباد مان ٿيندا، وڳهہ ڪوٽ پهتا. سخت جنگ لڳي. ميدان رت سان رڱجي ريٽو ٿي ويو. گهڻا سومرا مري ويا. آخر دودي جا پٽ ۽ چنيسر جا پٽ مارجي ويا. جڏهن چنيسر جو پٽ ننگر (جو دودي جو نياٽو هو) مُئو تہ سگهڙ چيو:

(١) تاريخ سنڌ - قلمي نسخو، ص ٥٧.

”هي پي شيرُ شهيد ٿيو، سُگهڙ ساران وَرُ“

اتي چنيسر به خوب وڙهيو، آخر قتل ٿي ويو.

دودو، جنهن پهلوانيءَ سان علاءُ الدين جي لشڪر ۾ ناڪوڙو وڌو، تنهن لاءِ سگهڙ چوي ٿو:

ديمين سان دودو لڙيو، گـَجي جيئن گجميرُ،
بيهي رهيون رڻ پونءَ ۾، مرد مثل هـي ميرُ.*

نتيجو اهو نڪتو جو نه چنيسر کي حڪومت ملي ۽ نه دودي جي حڪومت هلي. ڪيترا سومرا مارجي ويا. ڪنهن اهو واقعو ڏسي ائين چيو.

## ٨٢- دُوڌ ڪا دوڌ، پاڻِي ڪا پاڻِي:

متُرا (هندستان) شهر ۾، هڪ حلوائي رهندو هو، جو ڪڏهن به خالص کير نه وڪڻندو هو ۽ نه وري مٺائي خالص ناهيندو هو. هڪ دفعي، ان حلوائيءَ جي دڪان تان، هڪڙي باندر، پيسن جي ڳوٿري (جنهن ۾ پيسا، آنا، ٻيانيون پائليون وغيره هيون) کڻي، واهه جي پَر واري وڏي وڻ جي چوٽيءَ تي وڃي ويٺو. ڳوٿريءَ مان پئسا ڪڍي، هڪ پيسو پاڻيءَ ۾ ته هڪ پيسو هيٺ پيو اُڇلي. اهڙيءَ طرح ڳوٿري جي اڌ رقم، پاڻيءَ ۾ اڇلايائين ۽ اڌ رقم هيٺ. حلوائي دانهون ڪوڪون ڪري چوڻ لڳو ته: ”اڙي ظالم، اهو ڇا ٿو ڪرين؟“ ڏسندڙن مان هڪ شخص چيو ته، ”دوڌ ڪا دوڌ اور پاني ڪا پاني، الگ ڪر رها هي!“ يعني کير ۾ جيڪي پاڻيءَ وجهڻ ڪري، توکي وڌيڪ پيسا مليا هئا، سي پاڻيءَ ۾ وجهي رهيو آهي.

مطلب جڏهن عدل ۽ انصاف پوريءَ طرح ٿئي، تڏهن ائين چئبو يا انهيءَ شخص جي باري ۾ ائين چئبو، جو عادل ۽ منصف مزاج هجي.

---

* ديمين = لشڪر. گجمير = شينهن. رڻ پون = جنگي ميدان.

## (ڏ)

### ٨٣- ڏيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڏيءَ دور ڪائي ڇُور:

چون ٿا تہ ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي ڌيءَ، پاڙي ۾ پرڻائي تہ جيئن اکين آڏو هجي، پهريائين تہ گهوٽ ڪنوار، پاڻ ۾ کير کنڊ هئا، پر پوءِ جيئن دستور آهي تہ بہ نڪر بہ پيا نهڪن، تنهن وانگر بعضي کَهُرا کپرا پوندا هئا. هڪڙيءَ پاڙي واريءَ وچي چوڪريءَ جي ماءُ کي ٻڌايو تہ "تنهنجي ڌيءُ کي مڙسس ڏاڍو ماريو آهي." مطلب تہ ڳالهہ هجي يا نہ، تہ بہ اُها، يا ڪا ٻي پاڙي واري، شرير عورت، ڪنوار ماءُ جا ڪن ڀريندي رهي. ويتر جڏهن ڌيڻس پيڪي وئي ۽ وَرَ جي نيڪي نہ ڪيائين، تڏهن اها حالت ڏسي، ماءُ جا آنڊا سڙڻ لڳا. اتي هڪڙيءَ وينل مائيءَ چيو تہ، "ڏيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڏيءَ دور، ڪائي ڇُور "(ڇُوري)

مطلب تہ پاڙي جي ٿوري گهٽي ڳالهہ ٻڌي بہ پيو، پيءُ- ماءُ کي ڏک ٿيندو، پر ڏور پنڌ سبب، جهڙي تهڙي ڳالهہ ٻڌڻ ۾ ئي ڪانہ ايندي.

## (ڏ)

### ٨۴- ڏاچِي هَٽي ڏَهه، تہ توڏِي هَٽي تيرهن:

جڏهن سوڍي (راڻي)، مومل ماڻي، تڏهن روزانو رات جو پنهنجيءَ ڏاچيءَ تي چڙهي، وڃي مومل جو مهمان ٿيندو هو ۽ رات اُتي گذاري، صبح جو موٽي، ماڳ ايندو هو. اهو ڳجهه ڳوهه وارو قصو آخر کلي پيو. جنهنڪري همير سومري کي منيان لڳي ۽ ڪاوڙ وچان، راڻي جي سواريءَ واريءَ ڏاچيءَ کي، پيرن ۾ ڪِير هٽائي، منڊو ڪرائي ڇڏيائين. هيئنر راڻي لاءِ، زندگي زهرتي پيئي، سو لڳو ڪاڪ هلڻ لاءِ گهاٽ گهڙڻ. آخر ڏاچيءَ واري جتَ کي گهرائي، ڪانئس ٻيءَ ڪنهن اهڙيءَ پَليءَ ڏاچيءَ يا اُٺ لاءِ پڇا ڪيائين. جت چيس تہ ”سائين، اُن ڏاچيءَ جي هڪڙي توڏي آهي، جنهن کي پڻ، ماءُ جهڙا پاڻي آهن.' راڻي چيس تہ، ”متان وچ تي ويلو وجهي؟' جت چيس تہ، 'سائين، اوهين خيال نہ ڪريو، توڏي ننڍي آهي، مگر وکن ۾ ماءُ کان بہ وڌيڪ آهي. ڪا پرواهہ نہ ڪريو. ڏاچي، ڏهہ هٽندي هئي تہ توڏي، تيرهن هٽندي.“ پوءِ راڻو، روزانو اُنهيءَ سواريءَ تي مومل سان ملڻ ويندو هو.

شاهہ ڀٽائي بہ اهڙو ذڪر ڪيو آهي:

ننڍو تـــــان ڪوهہ، پـــر وِکين آهـــي وِترو،
اچيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، ڀهس ڀڪيءَ جان پوءِ،
ان ڪُرَ منجهان ڪو، ميو مـــانـــو نـــہ ٿئي.[1]

### ٨۵- ڏِسجي تہ اُٺ، ڪهڙيءَ ڪَڙيءَ ٿو ويهي:

ڏسجي تہ چا ٿو ظاهر ٿئي، معاملو ڪهڙي صورت ٿو وٺي ۽ نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري.

ڪنهن سبزي فروش ۽ ڪنيـار گڏجي، ڀـاڙي تي هڪڙو اُٺ ورتـو. هڪڙي

---

[1] (١) ڪوهہ -چا. نان ڪوهہ -چا ٿي پيو. وِکين-وکن ۾. وِترو-وڌيڪ. ڀهس-اوچتو. تڪڙو. ڪَر- ڪل. ڪنب. ميو-اُٺ. مانو-ٿڌو. سست، بي پاڻي.

پاسي، سبزيءَ واري پنهنجون ترڪاريون لڏيون، ته ٻئي طرف وري ڪنيار پنهنجا برتن پريا. رستي تان هلندي هلندي، اُٺ پنهنجي گردن موڙي، پاڇيون کائيندو پئي ويو. جنهنڪري ڪنيار دل ۾ خوش پئي ٿيو. ڪنيار دل ۾ چيو ٿي ته، ”ڏاڍو چڱو ٿيو، جو مان ته نقصان کان بچي ويس، ڇاڪاڻ ته بازار ۾ هنهي ڪي، پنهنجو پنهنجو مال وڪڻڻو هو.

جڏهن بازار جي منهن وٽ پهتا ۽ جَتَ، اُٺ کي ويهاريو ٿي، تڏهن سبزيءَ واري چيو ته، ڏسون ته اُٺ، ڪهڙيءَ ڪڙيءَ تو ويهي!“ هوڏانهن ويهڻ لاءِ اُٺ، پهريائين بدن کي انهيءَ پاسي کي اُڇل ڏني، جنهن ڏانهن مٽس ڪنيار جا برتن رکيل هئا. اُٺ جي ويهڻ سان، ڪنيار جا ڪيترائي ٿانءُ پڃي پرزا ٿي پيا.

سبزيءَ واري، جڏهن پنهنجي ۽ ڪنيار جي نقصان جو اندازو لڳايو، تڏهن ڏٺائين ته ڪنيار جو وڏيڪ نقصان ٿيو آهي. انهيءَ وقت کان اها چوٽي مشهور آهي.

## ٨٦- ڏيک مولهي دا توڏا:

هڪڙي جت کي نياپو آيو ته تنهنجي ڏاچي (مولهي) ويائي آهي، جنهن توڏو ڏنو آهي، جَت تيار ٿيو ته ڏاچيءَ (جا واهه جي ٻيءَ پَر تي، جهنگ ۾ ويائي هئي) کي ڏسي اچان، پر سندس لاڏلو نينگر چوي ته، ”مان به مولهيءَ جو توڏو ڏسان“ آخر ٻئي تيار ٿيا. جڏهن واهه جي ڪناري تي آيا، تڏهن پُٽ کي چيائين ته، ”تون منهنجي ڪلهي تي چڙهي ويهه ته پار هلون.“ جڏهن واهه جي وچ تي آيو، تڏهن پاڻيءَ جي زور کان، تَري تَري ٽڪجي پيو ۽ چِڙ وچان پٽ کي چيائين ته، ”ڏيک مولهي دا توڏا“. توکي مون جهليو، ته نه مڙئين، هينئر ٻنهي جو سِرُ تو وڃي. آخر ٽڙي ڦٽڙي ڪناري تي آيو.

مطلب: جڏهن ڪو ضد ڪندو آهي ۽ باز نه ايندو آهي، تڏهن ان کي ائين چئبو آهي.

## ٨٧- ڏيک ياران دي ڦيري، ماءُ تيري ڪي ميرِي:

هڪڙا ٻه زال مڙس هئا. هڪڙي ڏنعي زال، پنهنجي مڙس جي، پاڻ سان

محبت آزمائش ونڻ جي خيال کان، ڪوڙ ڪري بيمار ٿي پئي، ويچاري مرد، ڪيس سچ پچ بيمار سمجهي، سندس گهڻائي علاج ۾ سُتيون ڦَڪيون ڪرايون، مگر زال اهڙو مَڪر رٿيو هو، جو مرد کي ڪوبہ فرق نظر نہ آيو. آخر هڪ ڏينهن زال چيس تہ، ”مون کي هڪڙي درويش جو ڏَسُ مليو آهي تہ، جيڪڏهن تون پنهنجي سسُ جي مٿي جا وار، پنهنجي مٿي هيٺان رکي سمهندينءَ تہ يڪدم چڱي ڀلي ٿي پوندينءَ، ٻيءَ صورت ۾، مري ويندينءَ!“

مرد، اها ڳالهہ ٻڌي، تاڙي ويو، تہ ”بيماري وغيره ڪانہ آهي، مگر منهنجي آزمائش لاءِ، مَڪر ڪيو اٿس، تہ آءٌ سندس لاءِ، پنهنجي ماءُ جي مٿي جا وار، آڻي سگهان ٿو يا نہ؟“ سو پنهنجيءَ سس وٽ ويو چيائينس تہ ”تنهنجي ڌيءَ جي چڱي ڀلي ٿيڻ لاءِ، هڪڙي درويش جو ڏَسُ مليو آهي تہ جي تنهنجي سَسُ پنهنجي ڌيءَ کي سندس مٿي جا وار، مٿي هيٺان رکي سمهڻ لاءِ ڏيندي، تہ پوءِ يڪدم چڱي ڀلي ٿي پوندي، ٻيءَ صورت ۾ سندس بچڻ محال آهي.“ ويچاريءَ ماءُ، اهو حال ٻڌي، ٻاڪيءَ سان، پنهنجو مٿو صاف ڪرائي، هَڙ جا هڙ وار، پنهنجي ڌيءَ ڏي ڏياري موڪليا.

جڏهن مرد، پنهنجي سَسَ جا وار آڻي، پنهنجي زال کي ڏنا، تہ ڏهن هو خوشيءَ کان، مٿي هيٺان رکي سمهي پئي ۽ هڪدم چڱن ڀلن جهڙي ڏيکاري ڏيڻ لڳي.

اِهو حال ڏسي، اُهو شخص ڊوڙندو پنهنجي ماءُ ۽ سَسُ ٻنهي کي زال وٽ وٺي آيو. اُن وقت انهن ڏي اشارو ڪري، زال کي چيائين تہ، ”ڏيک ياران ڊِي ڦيرِي، ماءُ تيري ڪِي ميري؟“

---

## ( ر )

### ٨٨- رامَ ڪهاڻي:

ڳالهہ ڪي اجائي ڊيگهہ وٺائڻ يا اِنگهائڻ ٽوري جواب جي بجا گهٽي بَڪ ڪرڻ.

رام، راجا دسرٿ جو وڏو پُٽ هو. راجا دسرٿ کي ٣ زالون هر هڪ ڪوشليا، سُمترا ۽ ڪيڪئي هيون. ڪوشليا مان رام، سُمترا مان لڇمڻ ۽ شَترگهن ۽ ڪيڪئي مان ڀرت هوس هڪ دفعي راجا دسرت کي، ڪو زهر آلوده تير لڳي ويو هو. جنهن جو زهر، راڻي ڪيڪئي، پنهنجي زبان سان چوسي ڪڍيو هوس. راجا، سندس ايڏي خدمت مان خوش ٿي، کيس وچن ڏنو تہ، گهر جيڪي گهرڻو اٿئي، راڻي ان وقت عرض ڪيو تہ، ”مون، جنهن وقت ضرورت محسوس ڪئي، تڏهن پنهنجو انعام گهرنديس.“ راجا چيس تہ، ”چڱو، توسان وچن آهي، توکي جيڪي بہ ۽ جڏهن بہ گهرجي، تڏهن گُهر جانءِ تہ توکي ملندو.“

راجا جو وڏوءِ ولي عهد پُٽ، رام هو. راڻي ڪيڪئيءَ کي اچي لالچ ٿي، تہ راجا کان پوءِ، گاديءَ تي منهنجو پٽ ڀرت ويهي. اهو خيال ڪري، راجا کي وچي وچن ياد ڏياري، پنهنجي پٽ ڀرت لاءِ، گاديءَ جي گهر ڪيائين ۽ اُن سان گڏوگڏ رامچوڏهن ورهين بَن (جهنگل) ۾ وڃڻ جو شرط پيش پڻ ڪيائين. هاڻي ويچارو راجا بہ ڄڻ ٻن باهين ۾ اچي ويو! جي وچن ٿو پاڙي تہ هڪ لائق پُٽ جي جدائي ٿي ماريس، پر جي وچن ٿو وساري تہ پوري پارت ورش ۾ ڪوڙو ٿو ليکجي! هاڻي وڃي، سو وڃي ڪيڏانهن!

هوڏانهن رام کي جڏهن انهيءَ قصي جي خبر پئي، تڏهن سڌو پيءُ وٽ آيو ۽ عرض ڪيائينس تہ، ”پتاجي! اوهان جو وچن اوس پورو ٿيڻو آهي. آءٌ چوڏهن ورهيہ بنواسي ٿيڻ لاءِ تيار آهيان ۽ گادي پڻ بيشڪ ڀرت کي ملي، آءٌ انهي ۾ خوش آهيان. ائين چئي، روئندڙ ۽ غم زده پيءُ کي پيرين پئي، کانئس موڪلايو. اجا ٻاهر مس نڪتو، تہ سندس اِستري (زال) سيتا ۽ ڀاڻس لڇمڻ، جي پڻ تيار بيٺا هئا، سي ساڻس هلڻ لاءِ تيار ٿيا. رام، کين گهڻوئي سمجهايو تہ، ’بَن ۾ هي

تڪليفون آهن، هي مصيبتون آهن وغيره، مگر ڪيتري سمجهائڻ جي باوجود بہ، هو نہ مُڙيا ۽ ساڻس گڏ روانا ٿيا. اُهي چوڏهن ئي سال، هن ڏاڍيءَ تڪليف سان، ڏکڻ هندستان جي جهنگلن ۾ گذاريا. هڪ دفعي رام جي اِستري سيتا کي، بَن ۾ اڪيلو ڏسي، سلون جو راجا راوڻ، کڻي ويو. جنهن سان لڙائي ڪري، دکن هندوستان جي راجا سُگريو ۽ سندس وزير هَنُومان جي مدد سان، سيتا کي هٿ ڪيو ويو ۽ انهيءَ لڙائيءَ ۾ راوڻ مارجي ويو. راوڻ جي مارجڻ ڪري "دَسهڙو" ملهايو ويندو آهي.

چوڏهن ورهيہ بنواس جي مُدي پوري ٿيڻ کانپوءِ، رام، پنهنجي راڄ ڌاني (تختگاهہ) ۾ موٽي آيو. ڀاڻس ڀرت، جو اصل ۾ ڀاڻ کي راجا جو نائب سمجهي، سندس چاکڙي، تخت تي رکي، حڪومت جو ڪاروبار هلائي رهيو، سو رام جي پيشوائي ۾ وڃي، وڏي عزت سان کيس وٺي آيو. انهيءَ رات ساري شهر ۾ چراغ بندي ڪئي ويئي. ڏياري، انهيءَ موقعي جو يادگار آهي.

جڏهن ٿوري احوال ڏيڻ جي بجاءِ، لنبو چوڙو جواب ڏبو آهي. تڏهن عام طرح ائين چيو وينود آهي: اِها "رام ڪهاڻي" چڏ، يعني ڊيگهہ ڇڏ، پنهنجو ڪليل مقصد ظاهر ڪر.

ڪي وري، "دک پَري ڪهاڻي" لاءِ بہ، ائين چوندا آهن.

## ٨٩- راهُوجَن ۾ رات، قادر ڪنهن جي نہ وڃهي:

سنڌ ۾ راهوجن جا ڪيترائي ڳوٺ آهن، پر هيءُ ڀهاڪو تعلق رکي ٿو "ڪَڇي" واري راهوجن سان، مديجيءَ جي ڀرسان، ڪڇي ۾ راهوجن جو ڳوٺ آهي.

ڪنهن سمي هڪڙو سيد، اُن ڳوٺ ۾ وڃي نڪتو. واقفيت نہ هئڻ ڪري، وڃي مسجد جو پاسو ورتائين. رات جو پڻڙو پَٽ مليس، تنهنڪري سندس اندر نہ ٺريو. تنهن کانسواءِ هڪ گرمي ۽ ٻيو اُبهڙ ۽ نيون وري مصيبت ڪڇي جا مڇر! ساري رات لُڇندي گذاريائين. صبح جي نماز پڙهي موڪلائڻ لڳو تہ جماعت جي ماڻهن چيس تہ، "قبلا، مهرباني ڪري هڪڙي ٻي بہ رات رهو." جنهن تي شاهہ صاحب چيو تہ:

”ابا راهوجن ۾ رات قادر ڪنهن جي نہ وجهي!“

ڪن جو خيال آهي تہ اهو سيد، شاهہ عبداللطيف هو، جو فقيرن سان گڏ، راهوجن ۾ رهيو ۽ انهن جي حالتن کي ڏسي، هي بيت چيائين:

راهوجن ۾ رات، قادر وجهي نہ ڪنهن جي،
رَنـــون رب رُلايـــون، آهـــر اڳلي واٽ،
پليجن ڪـان پاٽ، پَـر جـــي آئي پت جي.

چون ٿا تہ اتان جي زالن، شاهہ صاحب جي فقيرن سان چرچا ڪيا هئا ۽ شاهہ صاحب جي هڪ عقيدتمند، پليجن جي ڳوٺ مان، پَت جي پاڻ پرائي آندي هئي. شاهہ صاحب بيت ۾ اهڙي وضاحت ڪئي آهي.

## ٩٠- روهين رَلا، مٿي ڪَلا:

ڪوهستاني ڏنار، مال جي سانگي، ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ، سدائين سبزيءَ ۽ گاهہ وارو هنڌ ڳولين تہ جيئن سنهو مال سکيو رهي ۽ مَيو متارو ٿئي، ڇاڪاڻ تہ سندن مکيہ گذران آهي ئي مال جي پيدائش تي! انهيءَ ڪري سندن ٽپڙ، سدائين پُٺيءَ پاڏون يا مٿي تي ڏسبا. ڪنهن واتهڙو، سانگي ماڻهن کي انهيءَ لڏ لڏاڻ واري حالت ۾ ڏسي ائين چيو:

سانگي ماڻهن لاءِ، هي بہ چوڻي آهي تہ: لڏو ئي لَٺ تي. يعني سندن گذر، سنهي مال (ٻڪري ۽ رڍ) تي آهي، جن جي پنيان لٺ کنيو، چراوها ڳوليندا ۽ ڏڻ چاريندا ٿا وتن ”لٺ“ لفظ تمثيل ٿي ڪم آيو آهي يعني ”لٺ“ مان مراد ”ڏڻ“ اهي يا تہ ڏرار سامان جي هڙ ٻڌي لٺ تي لڙڪائي ڪلهي تي رکندا آهن.

## ٩١- رَهو حَلال، ٻـوتيـون حَـرام:[1]

چون ٿا تہ مڪتب جي شاگردن، گهڻيءِ مان ڪنهن پاڙيسريءَ جي ڪُڪڙ ڦاسائي، اُستاد جي گهر موڪلي ڏني. جڏهن استاد کي، اها خبر پئي، تہ ڏهن شاگردن کي سخت تنبيهہ ڪيائين. شاگردن چيس تہ، ’سائين، ڪڪڙ پاڻهي مڪتب ۾ آئي. شايد ڏٺيءَ، اوهان لاءِ ئي موڪلي آهي.“ استاد چيو تہ، ’نہ بابا، نہ،

[1] روهين - روهن ۾، جبلن ۾. رلا- پنڌ. ڪلا- پادر. هَڙ، جنهن ۾ پادر، ڪپڙا وغيرہ ٻڌل هجن.

مون کي حرام نہ گھرجي.“ شاگردن چيو تہ، ”استاد صاحب ڀلا، هيءَ ڪڪڙ ڪنهن کي ڏيون؟“ استاد چيو تہ، اوهان گھٽيءَ ۾ وڃي، شريعت مطابق، زور سان ٽي ڀيرا چئو تہ، ”ڪنهن جي آهي هيءَ ڪڪڙ. جيڪڏهن ٽنهي ڀيرن سان، ڪو مالڪ پيدا نہ ٿئي تہ پوءِ چئبو تہ موڪلي آهي.“ شاگرد، گھٽيءَ ۾ وڃي، ڪڪڙ کي هٿ ۾ جهلي مٿيرو ڪٽي ٽي ڀيرا چيو، ”ڪنهن جي آهي (زور سان)، هيءُ ڪڪڙ (بلڪل آهستي).“ ٽنهي ڀيرن سان ڪنان بہ آواز نہ آيو. پوءِ ڪڪڙ کي حلال ڪيائون. استاد، گھر وارن کي چيو تہ، ”منهنجي ڀاڱي ۾ موڪليل ٻوڙ ۾ ٻوٽيون نہ وجهجو، باقي رَهو (شوروو) جائز آهي.“ سو ڀلي هجي. جڏهن شاگردن استاد جي اها فتويٰ ٻڌي، تہ هڪڙي شاگرد چيو تہ، ”رَهو حلال ۽ ٻوٽيون حرام.“

هڪ روايت مطابق، استاد چيو تہ، ”جيڪڏهن ٻوٽي پاٿي ڏوئيءَ تي چڙهي پوي تہ اها جائز آهي، باقي سعيو ڪري نہ ڏجو.“

# (س)

## ٩٢- سَپَ نہ ماري، پر سَپَ جو سَراپ ماري:

هڪ دفعي ڏيڏر ۽ سپ (نانگ) پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي، ”ڪڪجڻ“ جو ذڪر ڇيڙيو. ڏيڏر، نانگ کي چيو تہ، ”تنهنجي چڪ کان نہ، پر تنهنجي سراپ (ڏپ)[1] کان، ماڻهو مرن ٿا.“ نانگ ڏيڏر کي چيو تہ، ”ڏپ کان نہ، پر ڪَڪجڻ کان مرن ٿا.“ هر هڪ پنهنجي پنهنجي ڳالهہ تي قائم رهيو! آخر ڏيڏر، نانگ کي چيو تہ، ”ان ڳالهہ، جو تجربو ٿا ڪريون، تون ڪنهن واٽهڙوءَ کي ڪکي، وڻن جي جهڳٽي ۾ لڪي وڃ. ٿوري دير بعد، مان پاڻيءَ مان مُنهن ڪڍندس تہ جيئن واٽهڙو سمجهي تہ ڏيڏر رُهنڊو هنيو آهي.“ پوءِ نانگ، هڪڙي واٽهڙوءَ کي ڪَکي، هڪدم جهڳٽي ۾ لڪي ويو. واٽهڙو ويچاري رهڙ جي هنڌ، خوب مهٽون سهٽون، سُوٽون سڙيون ڏنيون ۽ هيڏي هوڏي ڏٺو، پر نانگ تہ نہ نظر ئي ڪونہ آيس. ڏيڏر، پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري، ”ٽان ٽان“ ڪرڻ لڳو. ڏيڏر، جي ”ٽان ٽان“ ٻڌي، پڪ ٿيس تہ اِها رُهنبڙي ڏيڏر ئي ڏني آهي. نانگ ٻہ اهو سمورو لقاءُ ڏسي رهيو هو آخر اهو واٽهڙو هليو ويو.

ڏيڏر، نانگ کي چيو تہ، ”ڏٺئي، جڏهن مون تي نظر پيس، تڏهن ساهہ پيس. پر جيڪڏهن تون منهن ڪڍين ها تہ ڦَهڪو ڪري، ڪِري پوي ها. هينئر مان، ڪنهن واٽهڙوءَ کي ٺُهنڊ هڻي، لڪي ويندس ٿوري دير بعد تون ڪَرُ ڪڍجانءِ.“ اجا انهن ڳالهين کان فارغ مس ٿيا تہ ڏيڏر هڪ واٽهڙو کي نڪاءُ رانبوٽو ڪرايو. واٽهڙو کي رانبوٽو تہ لڳو، پر ڪا چيز نظر ڪانہ آيس. متس اهو اثر ويٺو تہ شايد ڪڪَ سِنگهو آهي. اجا انهيءَ خيال ۾ هو تہ نانگ ٻہ ڪَرُ ڪڍي، ڦوڪون ڏيڻ لڳو. وهم جي ڪري اڌ تہ اڳ ئي مري چڪو هو، ويتر جو نانگ ڏٺائين، پوءِ تہ سندس شڪ يقين ۾ تبديل ٿي ويو. سارو بدن ڏڪڻ لڳس. متس اهڙو ڏپ ويهي ويو، جو ٿوري دير ۾ ئي دم ڏنائين.

---

[1] ”سراپ“ جي لغوي معنيٰ اهي: پِٽَ، پاراتو، بددعا.

ڏيڏر، نانگ کي چيو تہ، ڏنئي، تنهنجي ڏپ کان مري ويو يا تنهنجي چڪ کان!“

## ٩٣- سُتَن ڪَونهان، جاڳَندَن، وَڇُون:

غافل ۽ سست انسان کان، هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهو، وڌيڪ نفعو حاصل ڪري سگهي ٿو.

هڪڙا ٻہ دوست، مال جي چاري سانگي، پنهنجون مينهون ڪاهي، ڪڇي ڏانهن ويا، رات جو واري وٽيءَ تي جاڳند هئا تہ متان ڪو چور اچي، مينهون ڪاهي نہ وڃي يا مهل ڪُمهل مينهون (جي ويم تي هيون)، ويامي پون. انهن ٻنهي مان، هڪڙو سست ۽ ننڊو هو ۽ ٻيو هوشيار ۽ چست چالاڪ. اهو سست، رات جو ٿورو وقت جاڳندو هو ۽ گهڻو وقت، ننڊ ڪندو هو، تنهنڪري اُن جي مينهن جي بہ خدمت ۽ ديک ڀال، اهو هوشيار ۽ چالاڪ ڪندو هو.

هڪڙيءَ رات، ٻنهي جون مينهون ويامي پيون. جنهن کي ننڊ هئي، تنهن جي مينهن، وِڇ جٺي ۽ جاڳندڙ جي مينهن ڪونهون! اهو حال ڏسي، اُن کي ڏاڍو ارمان ٿيو. مگر، جلد ئي پاڻ سنڀالي، اُها وڇ، پنهنجي مينهن جي ٻويان لاتائين ۽ پنهنجي مينهن وارو ڪونهون، سُمهيل دوست جي مينهن جي ٻويان!

جڏهن سست ماڻهو، ننڊ مان سجاڳ ٿيو ۽ مينهن جي ٻويان ڦَرَ ڏٺائين، تڏهن دوست کان پڇيائين. هن ٻڌايس تہ، ”منهنجيءَ مينهن، وَڇ ۽ تنهنجيءَ، ڪُونهون ڏنو آهي.“ هُن چيس تہ، ”ائين ڪيئن هوندو؟“ چالاڪ دوست جواب ڏنس تہ:

”يار، سُتن ڪُونهان، جاڳندن وَڇون!“

## ٩٤- سَتِي چَڙهي ڏاگهہ:

چِڪيا تي چڙهڻ، جو مطلب عورت جو مڙس جي لاش سان گڏ جلڻ.

(١) ڪونهون چئبو آهي: مينهن جي نر ڦر کي ۽ وڇ، مادي ڦرڪي. وڇ، ڪونهي کان، وڌيڪ نائدي واري آهي، ڇاڪاڻ تہ اُها ڦر جٺيندي ۽ کير ڏيندي آهي.

ڪنهن سمي، هندن ۾ سَتي لڪڙيءَ جو رواج هو، يعني عورت جو، پنهنجي مئل مڙس سان گڏ، ساڳيءَ لَڪڙ (ڪاٺين) ۾ سڙڻ. هندن ۾ اهو رواج گهڻو وقت هليو، پر پوءِ لارڊ وليم بينٽڪ وائسراءِ هند ١٨٢٩ع ۾ بند ڪرائي ڇڏيو.

اڪبر بادشاهه به (١١٠٥ع)، اُن جي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر راجپوت راڻين، اُن جي مخلافت ڪئي، جنهن ڪري بادشاهه ڍرو ٿي ويو.

جڏهن ڪنهن ولهيءَ جو وَرُ پَر لوڪ پڌاريو هو، تڏهن هوءَ، ساڻس وفاداري ڏيکارڻ لاءِ، سندس لاشي سان، ساڳين ئي لڪڙين (لونگن) ۾ جلي پسم ٿي ويندي هئي. انهيءَ ڪري هندن ۾ اها عام چوڻي آهي ته:

'سَتِي چڙهي ڏاگهه،
لهي ته ٿيئي ڪانون ڪُنن هاب!"

انهيءَ حقيقت جي اصليت، هن ريت بيان ڪئي وڃي ٿي:

شِوجي ڪي، "سَتي" نالي ڌرم پتني (زال) هئي، جنهن جو پتا هڪ وڏو راجا هو. هڪ دفعي، راجا "يگيه"[٢] تيار ڪيو ۽ موقعي تي، هن سڀني حاجين کي گهرايو، مگر هڪڙو پنهنجي ڌيءَ ستيءَ کي نه سڏايائين، جنهن تي ستيءَ سخت گهبرايو. پنهنجي وَرَ، شوجي مهراج کان مشورو ورتائين، جنهن وڃڻ کان روڪيس. مگر هوءَ مِسر هئي ۽ چاهيائين ٿي ته يگيه ۾ پين پينرن سان گڏ هجي. آخر شِوجيءَ، خوشيءَ سان وڃڻ جي اجازت ڏنيس ۽ هيءَ اڪيلي هلي ويئي. سندس پتا، انهيءَ خيال وچان، کيس منهن ڪونه ڏنو، ته جيئن دل شڪسته ٿي موٽي وڃي. هن پنهنجي پتا جي بي رُخي ۽ پنهنجي بي بَسي ۽ لاچاريءَ کان بيزار ٿي، يگيه جي عين موقعي تي، پاڻ کي کٽي آگ ۾ اُڇلايو، جنهن ۾ جلي، پسم ٿي ويئي."

سَتيءَ، پنهنجي خودداري ڏيکاري ۽ انهيءَ ئي ڪري هر خوددار ديويءَ، سَتيءَ جي پيروي ڪرڻ شروع ڪئي. سَتيءَ جي نالي پويان ئي هن رواج جو نالو "سَتي لڪڙي" وارو رواج پيو يعني اهو جلڻ جو رواج، جنهن جي ابتدا سَتيءَ ڪئي.

---

٭ يگيه = جشن. ميسر يا مشر. برهمڻ جو لقب. معزز.

## ٩٥- سَوَڙ آهرَ پير ڊگهير جن:

پنهنجي وسعت ۽ آمدنيءَ آهر هلجي.

ڳالهه ڪندا آهن تہ هڪڙي سال، سرديءَ جي موسم ۾ شهنشاهہ اڪبر، بيربل وزير کي حڪم ڏنو تہ، "غريبن لاءِ، سَوڙون تيار ڪرايون وڃن تہ جيئن غريبن کي سرديءَ کان بچاءَ لاءِ ڏنيون وڃن. اهو ٻڌاءِ تہ هر هڪ سَوڙ جي ڊيگهہ ڪيتري هجي؟" بيربل وزير عرض ڪيو تہ، "ٻن- اڍائن والن تائين ڊگهيون هئڻ گهرجن."

مقرر انداز ۾، سوڙيون تيار ٿيون. آزمائش لاءِ، انهن مان هڪڙي سوڙ ڪٺي، شهنشاهہ پنهنجي مٿان وڌي، ليڪن سوڙ ڪجهہ ننڍي هئي، تنهنڪري شهنشاهہ جا پير، ٻاهر نڪري پيا. اُن وقت بيربل وٽي دانهن ڪئي. شهنشاهہ هڪدم پنهنجا پير ڪٺي سوڙها ڪيا. بيربل کلي چيس تہ، 'جيئندا قبلا! جيتري سوڙ آهي، اوترا پير بہ ڊگها ڪريو."

## ٩٦- سؤ وڃي، پر ساءُ نہ وڃي:

وقت تي نقصان سهجي، پر اُچن ڏندن جي پريت نہ وڃائجي.

هڪڙا ٻہ گهرا دوست هئا، جن جي پاڻ ۾ اهڙي تہ پڪي ۽ پختي پريت هئي، جو هڪ ٻئي جي گهر ۾ بہ ايندا ويندا هئا ۽ اويل سويل هڪ ٻئي جي مدد بہ ڪندا هئا.

دوستن مان، هڪڙي پنهنجي گهر واريءَ لاءِ، سونو هار ٺهرايو. وِهانءُ وَڏاٿي يا ٻُڪي ڇُڪيءَ تي سندس گهر واري، اهو سونو هار پائي ويندي هئي. هڪ ڀيري، ننڍڙي، ڌيءَ چيس تہ، "اما، اهو هار مون کي ڏي." قصو ڪوتاه، هن ويچاريءَ، ڌيءَ جي ڳلي ۾ هار وڌو، پر ڪيڏندي ڪُڏندي هار ڇني وڌائين ۽ باقي وڃي پتلو رهيو. ماءُ ويچاري ڊپ جي ماري، اهو حال ڏسي، گهبرائجي ويئي تہ متان سندس خاوند کي خبر پوي. ڪنهن ڏينهن وَجهہ وٺي، مڙس کي چيائين، "ميان، تنهنجو فلاڻو دوست سَو روپيا گهرڻ لاءِ آيو هو، ليڪن پيسو تہ هوئي

---

(١) راوي محترم مختار احمد عباسي، ريالي باغ لاڙڪاڻو.

ڪونہ، تنهنڪري ”هار“ کٽي ڏنومانس تہ وڃي گهرج پوري ڪري.“

ڪجهہ وقت کان پوءِ، جڏهن سندس دوست گهر آيو، تڏهن ان جي مُنهن تي چيائين تہ، ”ادي، سَو روپيا گهريو هو، مگر گهر ۾ پيسو هو ئي ڪونہ. تنهنڪري تو وارو ”هارئي ڏنومانس تہ وڃي گهرج پوري ڪري.“ مڙس چيس تہ، ”الله پردو رکئي، ڏاڍو چڱو ڪئي. دوست، دوست کي مهل ۾ تہ ڪم اچڻ کپي! سندس دوست ويچارو هڪ ٻڪو ٿي ويو، مگر مصلحت سمجهي، خاموش رهيو.

جڏهن دوست موڪلائي، پنهنجي گهر ويو هليو، تڏهن دل ۾ چيائين تہ، ”اديءَ اهو هار وڃائي ڇڏيو آهي، جو مڙس جي ڊپ کان، مون تي مڙهيائين“ مهيني کانپوءِ، سو رپيا کٽي، دوست کي، گهر اچي ڏنائين. دوست پيسا ورتي، گهر واريءَ کي ڏنا، مگر ويچاري شرم ۾ ٻڏي ويئي. مڙس کي چيائين تہ ”ميان، جيڪڏهن معاف ڪرين تہ سچي ڳالهہ ڪيانءِ.“ مڙس جي اجازت سان، مائيءَ سارو قصو ٻڌايو تہ، ميان، هارَ تنهنجي ڏيءَ کي پارايو هوم، جنهن ڪيڏندي ڪڏندي، هارَ جون سڀ سَرون وڃائي ڇڏيون فقط پٽلو وڃي بچايائين. مون کي ڊپ ٿيو تہ متان ڪاوڙ ۾ اچي، ڏَڪُ رَحماني، ڏَڪُ شيطاني هٽين، تنهنڪري تنهنجي دوست تي هنيم. دوست کان پڇيائين تہ، ”جڏهن توکي هار بہ نہ مليو هو، تہ سَو روپيا ڪيئن آندءِ؟“ چيائين تہ، ”ادا، سَو وڃي، پر ساءُ نہ وڃي.“

## ٩٧- سَهي تَنگون ني، چوٿون پيچ:

هيءُ پهاڪو، ڪنهن ڪَج بحث ۾ هٺ کان هيٺ نہ لهندڙ ماڻهوءَ لاءِ، استعمال ڪيو ويندو آهي.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪي چار دوست، پاڻ ۾ گڏجي شڪار تي نڪتا، شڪار تہ ڪيائون، مگر جهنگ ۾ رولڙي ۾ جاڪوڙ سبب بُک ۾ تڪليف ڏاڍو بي حال ڪري وڌن. نوڪر کي حڪم ڏنائون تہ، ”وارو ڪر، هڪڙو سِهَڙ (سهو) تہ پچائي وٺ تہ کائون.“ ’ڏاچي هٽي ڏهہ تہ توڏي هٽي تيرهن‘ جي مصداق، خود بورچي بہ بُک ۾ انڌو ٿي پيو هو. هن ڇا ڪيو، جو پچايل سِهڙ جي هڪ ٽنگ پٽي، پاڻ کائي ويو! جڏهن باقي سَهو، دوستن جي آڏو آيو، تڏهن منجهانئن هڪڙي رڙ ڪري چيو تہ، ”سِهَڙ جي چوٿين ٽنگ؟“ بورچيءَ جواب ڏنو تہ، ”سِهَڙ کي ٽنگون ئي ٽي هيون.“

(ع)

## ۹۸- عقل ريءَ عذاب، گهڻو پسندينءَ جِندڙي:

عقل کان سواءِ انسان عذاب ٿو پسي.

هڪڙي شهر ۾، هڪڙو سادي سمجهه وارو ماڻهو رهندو هو، جنهن کي سڀ ماڻهو، مَت جو مُوڙهو، ڳنڍ جو ڳوڙهو ڪري، چيڙائيندا هئا. هڪڙي ڏينهن، روزگار جي تلاش ۾، ٻئي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو، واٽ ۾ ڪو مظلوم چوندو ويو ته 'ڪو غريب هڏ نه ڦاسي!' پوءِ هيءُ به رستي ۾ چوندو ٿي آيو: "هڏُ مَ ڦاسي". پر 'ڪو غريب' چوڻ وسري ويس. واٽ تي ماري ملي ويس، جو شڪار ڪرڻ پئي ويو. انهيءَ جڏهن هن جي واتان: 'هَڏ مَ ڦاسي!" "هَڏَ مَ ڦاسي!" اُچاريندو ٻڌو، تڏهن ڪيس اهڙي ته ڪاوڙ لڳي، جو ڏاڍي مار ڏنائينس، چاڪاڻ ته ماريءَ سمجهيو ته، هي نياڳو، مون کي پٽيندو ٿو رهي ته جيئن منهنجي جار ۾، هڪ به پکي نه ڦاسي." هن غريب، ماريءَ کان پڇيو ته، "ٻيلي، مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو مون کي ايترو ماريو اٿيئي؟" ماريءَ جواب ڏنو ته، "نياڳا، آءٌ شڪار لاءِ، وڃي رهيو آهيان ۽ تون مون کي پٽيندو ٿو اچين ته: هڪ به نه ڦاسي!" تڏهن انهيءَ چيس ته، "ڀلا، ٻڌا ته آءٌ ڇا چوان؟" ماريءَ چيس ته، "چئو ته: "شال، ڀهرين ئي پيري ڏهه ڦاسن." هُو، ائين چوندو، اڳتي روانو ٿيو ته: "شال، ڀهرين ئي دفعي ڏهه ڦاسن"، "شال، ڀهرين ئي، دفعي ڏهه ڦاسن!" اجا ٿورو اڳتي وڌيو ته سامهون ڏهه چور، ايندا نظر آيس. چورن سندس واتان، اهڙا منحوس لفظ ٻڌي، اچي مٿس ڪاوڙيا، مار ڏنائونس جو سمجهائون ته اسان کي پٽيندو ٿو اچي! هن غريب پڇين ته، "ٻيلي، مون، اوهان جو ڪهڙو گناهه ڪيو آهي، جو ماريو ٿا؟" چورن چيو ته "اسين نڪتا آهيون چوري ڪرڻ ۽ تون اسان کي پٽين ٿو ته: ڏهه ئي ڦاسن! پوءِ موچڙا ڪيئن نه کائيندين؟ تڏهن پڇيائين ته، "ڀلا، ٻيلي مون کي سمجهايو ته آءٌ ڇا چوندو وڃان؟" چورن سمجهايس ته، "هڪڙو ڇڏي، ٻيو آڻيو، هڪڙو ڇڏي ٻيو آڻيو!" هو بي سمجهه، "هڪڙو ڇڏي، ٻيو آڻيو!' چوندو رستي سان وڃي رهيو هو ته اڳيان ڪن ماڻهن کي لاش سان ويندو ڏٺائين. انهن لاش

وارن. جڏهن سندس اهي لفظ ٻڌا، تڏهن هو مٿس ڏاڍو ڪاوڙجي پيا، جو سمجهيائون ته، هيءَ اسان کي پٽي رهيو آهي ته اجا ڀيو ڪو مَريَو!“ تنهنڪري خوب مار ڏنائونس. هُن غريب، انهن کان پڇيو ته مون ڪهڙو قصور ڪيو آهي، جو اوهين مون کي، اينترو ماري رهيا آهيو؟“ انهن ماڻهن جواب ڏنس ته، ”تون اسان کي پٽي رهيو آهين ته هڪڙو چڏي، ڀيو لاش آٽيو“، پوءِ ٻه وري چوين ٿو ته مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي!“ آخر، انهن لاش وارن کان ٻه پڇيائين ته، ”پلا، مان چا چوان؟“ هُنن جواب ڏنس ته، ”تون چئو ته: اهڙي شال، ڪنهن سان نه ٿئي“، اهڙي شال، ڪنهن سان نه ٿئي“. ويچارو وِسوڙَل، ”اهڙي شال ڪنهن سان نه ٿئي“، چوندو، وجي رهيو هو ته سامهون ڄڃ اچي رهي هئي. انهن ٻه هن جي واتان: ”اهڙي شال، ڪنهن سان نه ٿئي“ جهڙا لفظ ٻڌي، کيس مرڪُٽ ڪري، سمجهايائونس ته، ”تون چوندو وڃ ته: اهڙي شال، سڀ سان ٿئي“. هو اهي لفظ چوندو، هڪڙي ڳوٺ پر، اچي پهتو. ڳوٺ پر هڪڙي ڪنير جي گهر کي باهه لڳل هئي. جڏهن ان وٽان لانگهائو ٿيو ۽ ڪنير، سندس واتان: ”اهڙي شال، سڀ سان ٿئي“، جهڙا لفظ ٻڌا، تڏهن کيس، ڏاڍو غصو آيو. ڪٽي سؤنتو، اچي ورتائينس ۽ خوب مرمت ڪيائينس. پوءِ ته ڪنير چريو جاٽي اهڙي ڪار ڪيس، جو ٻانهن کان چڪي ڪٽي پنهنجي درتي نوڪر رکيائينس. باهه لڳڻ واري حادثي پر، زال سڙي ويئي هيس، تنهن ڪري رڌڻ پچائڻ جو ۽ گهرو ڪم ڪار ڪانئس وٺڻ شروع ڪيائين.

هڪڙي ڏينهن ڪنير چيس ته، فلاڻي ماڻهوءَ جاءِ ڍهرائي آهي، جا وري نئين نهرائيندو، تون وڃي، ان جي پٽين جي چيڪي مٽي جي گڏهي پري اچ ته ٿانو ناهڻ جو ڪم شروع ڪريون. هو گڏهي ڪاهي، اُتي ويو ۽ هڪڙو گنب پٽ جو ڪيرايل وڏي وزن وارو حصو، ڪن ماڻهن جي مدد سان، گڏهي تي جهڙو رکيائين، ته گهٽي بار پوڻ سبب، گڏهي ڪرڻ سان مري ويئي، هيءُ بيوقوف، لڳو هن کي لڪڻ هٽڻ ته من اُٿي. جڏهن گڏهي ڪانه اُٿي، تڏهن ڪنير کي وڃي ٻڌايائين ته، ”گڏهي ضد ڪيو آهي ۽ اتي سمهي پيئي آهي، اُٿيئي نٿي، سو آءٌ ڪيئن ڪاهي اچانس؟ پنهنجيءَ کي پاڻ هلي ڪاهي اچ“. اجا ڪنير اچي

ڏسي تہ گڏهي مئي پيئي آهي. هن کي ڦٽ لعنت ڪري، گهر ونـي آيو ۽ کيس چيائين تہ ”مان، شهر مان تورو ڪم لاهي اچان، تون منهنجي بيمار ماءُ کي، تيسين پکو هڻ“. ڪنير پـنـي ڏني مس تہ هن پوڙهيءَ کي، اهڙا ٻہ - چار پکا هنيا، جو هوءَ ويـچاري، راهہ رباني ونـي ويئي. جڏهن ڪنيـر آيـو، تـڏهن مـاءُ کـي مئل ڏسـي، چيائينس تہ، ”تو امان کي ڇا ڪيو؟“ چيائين تـہ ”تنهن جي چوڻ موجب، هـن کي پکا هڻڻ شروع ڪيم. اجا ٻہ - چار پکا، مس هنيم تـہ ننـڊ اچـي ويـس، هينئر ڪهڙي نہ منڙي ننڊ ۾ سمهي پيئي آهي“. پوءِ تہ اچي ورتائينس موچڙن سان، هٽـي اڌ مئو ڪري وڌائينس.

هينئر اتي وڌيڪ ترسي نہ سگهيو. ڪنير جي گهر کان ٻاهر نڪري، پنڌ کي وڃايائين. سج لٿي مهل، هڪ ڳوٺ ۾ پهتو، جتي هڪ مـائيءَ پـڇيس تـہ ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ چيائين تہ، ”ڳنڍ جو ڳوڙهو، مت جو موڙهو“. مـائيءَ ڏنـو تـہ ويـچـارو ڪو سادو ماڻهو آهي، تنهن ڪري سندس منٿ تي، کيس رات رهڻ ڏنائين. اجا ٻہ پهر مس گذريا تہ دروازو کڙڪيو، مائي دروازو لاهي ڏسي، تہ چار ماڻهو بيٺا آهـن جن مائيءَ کي چيو تـہ، ”اسان کـي هـت رات رهـڻ ڏي تـہ توکـي صبح سـان ڍئـي ڇڏينداسين“. مائيءَ لالچ تـي هنـن کـي ٻـيءَ کوٺـيءَ ۾ ٽـڪـايو. اُهـي چـارئـي، ڪنهن شاهوڪار جو مال کٽي آيا هئا. جڏهن ورهائڻ ويـنـا، تـڏهـن حصـن تـي نـہ ٺهيا ۽ پاڻ ۾ وڙهندي وڙهندي مري ويا. مائي صبح سان ڏسـي تـہ چـارئي خون ٿيا پيا آهن. مائي ويچاري سُڪي ويئي تـہ متان خون سندس گردن ۾ پـوي. هينئر تـہ، ”ڳنڍ جو ڳوڙهـو، مـت جو موڙهـو“ بـہ مـائيءَ کـان موڪلائـڻ لڳـو. مـائيءَ چيس تـہ، ”ابـا، اڄوڪـي رات نـڪ تـہ سـياٽي گهـر لاءِ، توکـي ڪـي سـوکڙيون پـاکڙيون ڏينديس“. هو ويچارو ٽڪي پيو. مائيءَ ڇا ڪيو جو چارئي لاش، چئن ڪٿن تي ڌار ڌار ٻڌي رکيا، هن کي چيائين تـہ ”مون وٽ هـڪڙو الله لـوڪ هـو، جنهـن جي آءُ گهڻي وقت کـان خدمت ڪـنـدي اينـدي هيس، پـر ويچـارو رات مري ويو. هـن کـي درياءَ ۾ اڇلي اچ“. هو لاش کڻي اڇلي آيو. وري مائيءَ چيس تہ، اهو لاش موٽي آيـو آهي، تنهن ڪري وري اڇلي اچينس“. هو ڏسي تہ مار! وري ساڳئي کٽي وارو لاش پيو آهي. سو يڪدم لاش کي کڻي وري اڇلي آيو.

قصو ڪوتاهه، مائيءَ چارئي لاش درياءَ داخل ڪرايا. جڏهن چوٿون لاش اُڇلي موٽيو، تڏهن درياءَ جي ڪناري تي هڪڙي ساڌو فقير کي تپشا ڪندي ڏٺائين. هن سمجهيو تہ، ”لاش وري نڪري آيو آهي“، سو ڇڄيءَ ۾ ڪپڙو وجهي، ڇڪي درياءَ داخل ڪيائينس. پوءِ اچي مائيءَ سان اها ڳالهہ ڪيائين تہ: تنهنجي ڳالهہ سچي هئي، لاش برابر ڪناري تي نڪري آيو هو، پر مون کيس گهلي درياءَ ۾ اڇليو. مائيءَ دل ۾ چيو تہ ”مار! هن ڪنهن جيئري ويچاري کي ماري درياءَ داخل ڪيو آهي!“

صبح تي مائيءَ کان سوڪڙيون پاڪڙيون وٺي، درياءَ جو ڪنارو ڏيو گهر پئي آيو تہ پيريءَ (پيراڊو، پيرو ڪٽندڙ)، هن کي اچي پڪڙيو تہ، ”فلاڻي ماڻهوءَ کي تو ماري درياءَ ۾ اڇليو آهي ۽ تنهنجو پيرو پڌرو بيٺو آهي“. پوءِ کيس پڪڙي بادشاهہ وٽ وٺي آيا. جڏهن کانئس پڇا ٿي، تڏهن چيائين تہ ”سائين، برابر مون هن کي درياءَ ۾ داخل ڪيو، ڇاڪاڻ تہ هن کي چار دفعا درياءَ ۾ داخل ڪيم، تہ بہ وَرَ وَرَ ڪيو موٽيو پيو اچي ۽ مون کي هر گهڙيءَ پنڌ پيو ڪرائي“. بادشاهہ اهڙي بيعقليءَ جي ڳالهہ ٻڌي، هن کي ڦاسي ڏني.

ڪنهن بيٺل هن جون اهي ڪم عقليءَ جون ڳالهيون ٻڌي، چيو تہ:

عقل ريءَ عذاب، گهٽو پسندينءَ جندڙي

## ٩٩- عمر وٺي وئي مارئي وٺندو:
## ٿر تہ ڪين ٿيلهيندو:

عمر بادشاهہ سومرو، مارئيءَ جي حسن جي هاڪ ٻڌي، مٿس اڻ ڏٺو عاشق ٿي پيو. پنڊت موهن لال ”لالا“، مارئي جي باري ۾ لکي ٿو:(١)

”پنڊت موهن لال ”لالا“ را براءِ تحقيقات اين افسانہ فرستاده بودم، يکي سواميءِ مندر تتکريہ وديگر راويان بر اين متفق بوده اند.

پنڊت همين طور واضح مي کند ... ... ....

---

(١) پنڊت موهن لال ”لالا“، ڳوٺ پوترن (لڳ سيوهڻ) جو ويٺل هو. ميان عطر خان ولد ميان نور محمد خان ڪلهوڙي جي دربار جو خوش نويس هو. ميان عطر خان جي دربار ۾ ٢٧ خوش نويس هئا، ليڪن جاءِ صدارت پنڊت والاري هئي. جنهن ڪري کيس ”قرة العين“ (اکين جو ٺار) لقب مليل هو. ميان عطر خان، ”حڪمران سنڌ“، ”آئين اڪبري“ جي نموني تي، ١٢ جلدن ۾ (نگيران سنده) يعني ”سنڌ جي حڪمرانن جي تاريخ“ مرتب ڪرائي آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ سان گڏ، سنڌ جي ولين جو ذڪر پڻ ڪيل آهي. سنڌ جا قصا ڪهاڻيون بہ محققانہ انداز ۾ آندل آهن. هن تاريخ ۾، پنڊت موهن لال ”لالا“ جو وڏو هٿ هو.

مار ويان ماروا در خطه ملير بود باش مي کرند. پدرانت از تتکران گجرات از گردش ايام در آنجا آمدند. گويند که ماروا در حسن وخوبي زرماده بوده و درتبسم اثر صيقل داشته که دلها را جلوه مي داد. يکي سرو قد بوده. به چستي و چابکي و يکي معصومي بوده و دوشيزگي و پاڪيزگي. نظرش پاک وطبعش بي باک. ديدگان، بينندگان وجويندگان بودند رازهائي حسن فطري را که در ان يک جسم گويا همچو مجمع الصنايع قدرت نمودار بوده. گرچ ملير بعد از باران يکي گلزار، زمين مي نمود، ولي اين کنن پوش دختر درآن گلزار، گلي يگانه مي بود. حسينانِ گجرات منسوب به گُجريان يکي ضرب المثل ”زم و جم“ بوده اند يعني دوشيزگيءِ شان بزرگي پاکيزگي مي دارد“.

(نگيران سنده – ترجمه صفحه ۳۷ باب اول)

پنڊت موهن لال ”لالا“ کي هن افساني جي هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليم نڪرن جي مندر جو هڪ سوامي ۽ ٻيا راوي، هن (هيٺين ڳالهه) تي متفق ٿيا آهن. پنڊت هن طرح واضح ڪري ٿو:

”مارئي وارا مارو ماڻهو، ملير واري نڪريءَ ۾، گذرسفر ڪندا هئا. سندس پيءُ – ڏاڏا گجرات جا نڪر، زماني جي گردش ڪري، اتي آيا. چون ٿا ته مارئي پنهنجي حسن ۽ لچڻ ۾ نج سون جي هئي ۽ مرڪ ۾ ته بجليءَ وارو اثر هوس، جو دلين کي مانجي اجاري ٿي ڇڏيائين. بدن، هڪ سڌي سنئين هاني ۽ عضوا حسين ۽ ملائم ڪاني، هڪ پاڪدامن هئي، پنهنجي ڪماريه جيوت ۽ پاڪ خيال سان. سندس نظر پاڪ ۽ طبع آزاد هئي، جن ڪيس ڏٺو پئي، تن منجهس قدرتي حسن جا راز پئي سوچيا، جي گويا سندس هڪڙي جسم ۾ چنسالي جي گلدسته وانگي ظاهر هئا. توڙي ملير ملڪ، برسات بعد، هڪ جوءِ گلزار ٿي ڏٺو، پر هيءَ ڪٽيري ڪنوار، انهيءَ گلزار ۾ به هڪ لاثاني گل هئي. گجرات جون گُجريون هڪ ”يم ۽ جم“ چوٽيءَ جي مثال ٿي رهيون آهن يعني سندس ڪماريه زندگي هميشه پاڪ دامن رهي آهي.“

اهڙي حسين ڇوڪريءَ کي، عمر بادشاهه ملير ڳوٺ (ضلعي ترپارڪر)

مان زوريءَ ڪٽي آيو. جڏهن اهو واقعو، سڀني تر پر پکڙجي ويو. تڏهن ڪن چيو ته: ”مبادا، وري عمر ڪا بي ڏاڍائي ڪري.“ تنهن تي ڪنهن سياڻي چيو ته ”عمر وٽي وٽي مارئي وٺندو، تر ته ڪين ڇيلهيندو“ يعني ڪيس مارئي گهربي هئي، سا هن کي ملي، باقي تر وارن کي، لڏائي ته ڪونه ڪندو.

## (ڪ)

### ١٠٠- ڪُتي جو ڪارو مُنهن، رَبَ اوتري جِي اوتري:

هڪڙي رن زال، رب جو ڪنو رڏي، هيٺ لاهي رکيو. ٻاڦ نڪرڻ لاءِ، مٿان ڍڪڻ نہ ڏنائين. پرسان ويٺل ڪتي، ڪني ۾ ٻوٿ وجهي، کائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ پريان مالڪ، زور سان هڪل ڏنيس، جنهن ڪري ڪتي، رب نہ کاڌي ۽ جيئن تڪڙ ۾، ٻوٿ ٻاهر ڪڍيائين، تيئن ڪني جي پاسن کي لڳي ويس ۽ ٻوٿ ڪارو ٿي پيس. مالڪياڻيءَ کان کل نڪري ويئي ۽ ائين چيائين.

مطلب. ٻچاپڙي ۽ چغـل خور لاءِ، ائين چئبو آهي. جو ٻين کي وڙهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر جڏهن ڳالهہ کلي ظاهر ٿئي ٿي تہ اُهي پاڻ ۾ کير کنڊ ٿيو وڃن.

### ١٠١- ڪَننَ جي ڳالهين، مير ٻجار مارايو:

ڪن جي سُس پُس يا لڪ ڇپ جي ڳالهين مان، خراب نتيجا نڪرن ٿا.

جڏهن مير بجار خان، ١١٩٠هـ مطابق ١٧٧٧ع ۾، حج تان واپس وريو، تڏهن چار هزار بلوچ ۽ ٻي قوم کيس مجبور ڪيو تہ ميان غلام نبيءَ سان جنگ ڪجي، ڇاڪاڻ تہ هن، مير بجار خان جي پيءَ مير بهرام خان کي مارايو هو. آخر عمرڪوٽ پرسان جنگ لڳي، جنهن ۾، ميان غلام نبي مارجي ويو ۽ سندس لاش حيدرآباد آندو ويو. (١) مير بجار، سنڌ جي حڪومت پاڻ قبول نہ ڪئي ۽ غلام نبي جي ڀاءَ، ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي حاڪم ڪيو(٢).

هيئنر ميان عبدالنبي کي، مير بجار خان جو، هر وقت خوف رهندو هو تہ مبادا وجهہ وٺي، کيس مارائي، ڇاڪاڻ تہ مير بجار خان، وزير هو ۽ صحيح معنيٰ ۾ حڪومت جو ڇرخو ئي پاڻ هلائيندو هو ۽ ميان عبدالنبي نالي ماتر حاڪم هو، تنهنڪري ميان صاحب کي اهائي آنڊ مانڊ هئي تہ ڪنهن پر، مير بجار جو انت

---

(١) لُب تاريخ سنڌ - خانبهادر خداداد خان. ص ١٣٥.

(٢) سنڌ جي مختصر تاريخ - راءِ بهادر آلومل نيڪمداس ص ٤٢.

آڻجي. آخر جو ڏيـور جي مها راجا بجيسنگ کـي، عمرڪـوٽ ڏيـڻ جـو وعـدو ڪري، مير بجار خان جي قتل ڪرائڻ تي آماده ڪيائين.

مهاراجا بجيسنگ، ٻـ راٺوڙن هَر ناٿ سنگ ۽ موڪوم سنگ کي خط سان، ميان عبدالنبي ڏي، جوڌپور مان، وڪيل بڻائي، خدا آباد روانو ڪيو.

مصنف تاريخ سنڌ لکي ٿو (١):

"ٻـن راٺوڙن سان، ٻيا ٻـ ڪَي ماڻهو هئا. اهي ڪيترائي ڀيرا، ميان صاحب ۽ مير بجار سان، الڳ الڳ مليا. هڪ دفعي، انهي مير کي عرض ڪيو تـ اسان جي مهاراجا کان اجهو هينئر خط آيو آهي، ان ۾ اهڙيون ڳالهيون لکيل آهن، جي اوهان کي اڪيلائي ۾ ئي ٻڌائي سگهبيون. خط ۾ لکيل آهي تـ: ميان عبدالنبي، اوهان جي خلاف ڪيترائي خط، مهاراجا کي لکيا آهن. مهاراجا جو خط، هنـديءَ ۾ آهي. جيئن تـ اوهان مان ڪوبـ هندي ڪونـ ڄاڻندو آهي، تنهنڪري اجازت ملي تـ اسان ئي خلاصگيءَ ۾ خط پيش ڪيون. مير صاحب سيني کي ٻاهر ڪڍيو ۽ فقط هڪ ملازم اِيسَر کي پـاڻ وٽ رکيـائين .......... هڪ وڪيل، مير جي پرسان اچي، خط پڙهڻ لڳو. پڙهندي پڙهندي، دوکيبازي دل ۾ رکي چيائين تـ، "هـي لفظ منهنجي سمجهـ ۾ نـ ٿا اچن". ائين چئي، جهٽ ٻـئي کـي گهرائـي ورتـائين. اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي، مير کي خط پڙهڻ ۾ رڌل رکي، اوچتو ئـي اوچتـو مٿـس تلوارن جا وار شروع ڪري ڏنا. جيتوڻيڪ مير صاحب زخمي ٿـي چڪـو هـو، تـ بـ اڪيلي سِر، ٻنهي قاتلن کي ماري وڌائين."

هڪ روايت مطابق تـ: مير بجار خان ڪابيءَ اک کان ڪـاڻو هـو ۽ ان ئي طرف کان مٿس ڀهريون وار ٿيو.

منشي ٻالچند، مير بجار خان جي شهادت جو سال، هن طرح ڏئي ٿو:

مَحفلِ شهدا جلوه کرد مير بجار.

١١١٤هـ

(١) تاريخ سنده - جلد ششم (عهد ڪلهوڙو) حصہ دوم.
غلام رسول "مهر". ص ٧٩٥-٧٩٦.

”لُبِ تاريخ وارو، شهادت جو سال (۱۱۹۴هہ)، هيٺين بيت مان ڪڍي ٿو:

از ســـر افســـوس گفتـــا هـــاتفم،
مـــير شـــد از جمـــدر هنـــدو شـــهيد.

## ۱۰۲- ڪوڏي حرام ٿي بُجو حَلال:

هڪڙي ماڻهوءَ گهنيءَ مان، هڪڙي ڪوڏي ۽ هڪ بُجڪو لڌا. گهر اچي ڏنائين ته بُجڪي ۾ هيرا جواهر پيا آهن. ايڏو مال ڏسي، دل هِر ڪيس ته جيڪر اهو مال ڦبايان، پر وِويڪ جا وَڏَ پوڻ لڳس. چي، ”اهو ڪُڏو ڪم نيڪ نه آهي“. انهيءَ ٻُڌان تَران ۾، ٻه - ٽي ڏينهن پئجي ويس. آخر انهيءَ فيصلي تي پهتو ته ساڳي گهنيءَ ۾ بيهي، وڏي واڪي چئجي ته هيءُ بجڪو ۽ هيءَ ڪوڏي ڪنهن جي آهي؟ جيڪو مالڪ هوندو، سو پاڻيهي ظاهر ٿيندو.

هڪڙي ڏينهن، گهنيءَ ۾ بيهي، وڏي آواز چوڻ لڳو، ”ڪنهن وڃائي آهي هيءَ ڪوڏي؟ (۽ هوريان چوڻ لڳو) ۽ هيءُ بُجڪو“ ٽي پيرا آواز ڏنائين، پر مالڪ ڪوبه ڪونه جاڳيو. ڀلا، ڪوڏيءَ جهڙي خسيس شيءَ لاءِ ڪير اچي! جيڪا ماليات هئي، سا هئي بُجڪي ۾. ان جو نالو وڏي آواز ٻڌايائين ڪونه ٿي.

هن ڪي مڙيو ٿي مال پنهنجي لاءِ ”ڪوڏي حرام ۽ بُجڪي ڪي حلال“ سمجهي، گهر ۾ رکٹو هو، سو اُوئين ڦبايائين.

## (گ)

### ۱۰۳- گاهي ولي، گاهي پوت:

نواب ولي محمد خان لغاري، ميرن جي طرفان چانڊڪا پرڳڻي (جنهن کي هينئر لاڙڪاڻو ضلعو چون ٿا) جو مختيارڪار هو.[1]* ان وقت چانڊڪا ۾، بدامني گهڻي ڦهليل هئي، جنهنڪري نواب صاحب جهڙي ڪَرڙي حاڪم جي اشد ضرورت هئي. جيڪي قاعدا قانون، چانڊڪا پرڳڻي سان لاڳو هئا، تن کي جيڪو اورانگهيندو هو، تن کي سخت ڏنڊ ڏيندو هو. انتظام جي حق ۾، خود بلوچن تان بہ نہ ٽرندو هو.

نواب صاحب، احڪامِ شريعت جو پورو پورو پابند هو، جنهنڪري ڪي هن کي "ولي" بہ ڪري سڏيندا هئا.

هڪ سگهڙ چوي ٿو:

مِيرن توکي مِيرُ ڪيو مگ ڪيرائيِ مِيرَ، (۱[2])
ريشم تو سان رِيسُون ڪن، تون ولي، وَہ وِيرَ،
پائرن سان پُوت ٿِئين، گهَگيِرن سان گِير.

مٿين بيت ۾، سگهڙ، نواب صاحب کي "ولي" ۽ پُوت سڏيو آهي.

هيوز لکي ٿو: (۲)

نواب صاحب، نهايت قابل، مگر سخت گير شخص هو، جنهن جي متعلق سنڌين جي اها چوڻي هئي تہ: گاهي ولي، گاهي پوت.[3]*

---

* نواب ولي محمد خان ولد غلام محمد خان لغاري، تاجپور (ضلعو حيدرآباد) جو وَڏيرو هو. سنڌس وفات ۱۸۳۲ع ۾، لاڙڪاڻہ شهر جي "تجر باغ" (جنهن کي هينئر "جناح باغ" چون ٿا) ۾ ٿي. کيس بطور امانت پوري، ايڪهين ڏينهن ڪان پوءِ، هتان ڪڍائي ويا. سنڌس قبر مٿان "تجر" ٺهرائي وئي هئي، جا اڃا تائين قائم آهي. "تجر باغ" تي اهو نالو بہ ان "تجر" تان ٿي پيو آهي. "ٽنڊو ولي محمد" (حيدرآباد وارو) بہ سنڌس ئي نالي پٺيان سڏبو آهي.

(۱) دي گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ - ص ۴۸۳.

* مگ - مُکي، وڏائي. ريشم - ريشم ڊڪيندڙ يعني بادشاه. شاهوڪار. وڏا ماڻهو. وه - واه. تون ولي وه وير - اي وير (بهادر) تون بيشڪ "ولي" آهين ۽ بادشاه بہ تو سان ريسون ٿا ڪن. گهگيرن -

نوجواني ۽ حُسن جي سبب، خليفي ڪيس ڪيل ڏوهہ تہ معاف ڪيا، اُتلو ڪيس پاڻ وٽ معزز اميرن جي صف ۾ مقرر ڪيائين. خليفي جي انهيءَ فيصلي تي، جعفر برمڪي وزيراعظم گهڻو اعتراض ورتو. خليفي کي چيائين تہ، ”اوهين، هن کي نوجوان ۽ سهڻو ڏسي، مٿس مهربان آهيو، مگر گڏهہ اُهوئي، يعني اهوئي ڊاڪو، ڊاڪوءَ جو پٽ. اوهين ڪيس ڪهڙا بہ ہيا لباس ڍڪايو، تہ بہ گڏهہ اُهوئي گڏهہ! هِن مان، ڀلائي جي ڪڏهن اميد نہ رکجو.“ مگر خليفي نہ مڃيو.

ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ، خليفي وٽان ڪيتري روڪڙ ۽ جواهرات چوري ڪري، راتو واه ڀڄي ويو ۽ وزيراعظم جعفر برمڪيءَ جو قول، سچو ثابت ٿيو تہ: ”گڏهہ اُهوئي، آٿر ہيا پيس تہ يو ڪونهي.“

# (ڳ)

## ١٠٦- ڳالهين سَنديون ڳالهيون، تَڪي سَندا موٽَ *

ڪو ماڻهو، ڳاهہ پڙيءَ تي پئي ويو تہ سندس دوست، کيس چيو تہ، ”ادا، منهنجي لاءِ، موٽ وٺيو اچجانءِ.“ اڳيرو وڃڻ تي، هڪڙو ٻيو دوست مليس، جنهن ٽَڪو، هٿ ۾ ڏيئي، چيس تہ، ”مون لاءِ ٽڪي جا موٽ وٺيو اچجانءِ“. جنهن ٽڪو ڏنو هوس، تنهن لاءِ موٽ وٺيو آيو، پر جنهن رڳو زباني چيو هوس، تنهن لاءِ ڪجهہ ڪونہ آندائين. جڏهن اُن ڏوراپو ڏنس تہ، ”فلاڻي ٽڪو ڏنو هوءِ، اُن جا موٽ بہ وٺيو آئين، مان شايد توکي ٽڪو نہ ڏيان ها؟“ هن ماڻهوءَ جواب ڏنس تہ ”يار، جنهن کي موٽ کپندا هئا، تنهن ٽڪو ڏنو هو ۽ ان کي موٽ بہ پهچي ويا. مگر تو مونکي وڻڻ جي ڪئي رڳي ڳالهہ! در حقيقت، توکي موٽ کپندائي ڪونہ هئا. تنهنڪري:

”ڳالهين سنديون ڳالهيون ۽ ٽَڪي سندا موٽ“

مطلب تہ: سوال تي ڪم نہ ٿيندو آهي، دنيا ۾ قصو آهي ڏي وَٺَ جو.

---

(*) موٺ، هڪ ڳاهہ جو قسم آهي.

## (گهہ)

### ۱۰۷- گَهيڻو ڏاريم اُن لئي، هٿان چري ڪپاهہ:

ڪنهن ماڻهوءَ، اُنَ (گهيڻي جا وار) گڏ ڪرڻ جي خيال کان، گهيڻو ڏاريو. هڪ دفعي گهيڻو، چنائي وٺي پڳو ۽ ڏو مالڪ جي (ڪپہ جي) پوک ۾ وڃي پيو! مالڪ ڇا ڏسي، تہ ڪپہ جا گوگڙا کائي ڪٽي ناس ڪيا اٿس. تنهن تي مالڪ چيو:

"گهيڻو ڏاريم اُنَ لئي، هٿان چَري ڪپہ"

ڪا شيءِ جا سُک لاءِ ڏارجي ۽ ان مان ڏک پيدا ٿئي، تڏهن ائين چئبو آهي.

اهو پهاڪو، سُگهڙ فتح خان، هن طرح ٻڌايو.
گهَڻو ڏاريم اُن لاءِ، رَهندو چَري ڪپاهہ،
جوءِ ڏاريم گهَر لاءِ، رهندي مارايم ماءُ،
نُنهن ڏاريم سُک لاءِ، سَسُ جو ڪڍي ٿي ساهہ،
پُٽ پاليم پوءِ (۱) لاءِ، ڪُٺي ڪريم ٿو پاهہ،
پاڙو ڏاريم پريت لاءِ، رهندو ڪرڻ - ڪپاءُ (۲)،
ڏوس (۳) ڏاريم ڏک لاءِ، پَٽيءَ نہ ڏينم پاءُ،
پير ڪٽج پختو ڪري، جو دغا دنيا، دب دباءُ،

---

(۱) پوءِ لاءِ - پڇاڙيءَ يا پيريءَ جي سُک لاءِ.
(۲) ڪرڻ - ڪپاءُ - پَٽ سَٽ. ڦرمار (پاڙو بہ پيو ڦري).
(۳) ڏوس. دوس - دوست. يار. خير خواهہ يا گهٽگهرو.

## (ل)

## ١٠٨- لاهي لنگها ويھه، آريجن مان آسرو،
## پنهنجي پرائو ڏيه، اچي ڪاءَ آريجن ۾:

”آريجا“، هڪ قوم آهي، جنهن جي پنيان ”آريجا“ نالي سان ڳوٺ آهي، جو تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي. انهيءَ ڳوٺ ۾ مخدوم شهاب الدين نالي بزرگ، ڪلهوڙن جي آخرين دور ۾ رهندو هو، جو پنهنجي وقت جو ڪمال ولي هو. مخدوم صاحب، غير شرعي ڪمن جي پاڙ ئي پٽي ڪڍي. ايتريقدر جو، آريجن ۾ شادي تي به، نه دهل وڄندو هو ۽ نه وري محفل ۾ ناچ وغيره ئي ٿيندو هو. ڳوٺ ۾ هندن جو نڪاٽو به هو، ليڪن اُتي به نغارا، ڏُڪڙ وغيره نه وڄايا ويندا هئا.

اتفاق سان، اتي هڪڙو لنگهن جو گهر اچي وينو، جن کي حقيقت معلوم ڪانه هئي. هُنن رات جو شرناءِ ۽ دُهلن جو واڄو ڪيو. قدرتاً سندن شرناءَ پڃي پيئي ۽ دُهل ڦاٽي پيو! جڏهن بزرگ جي قصي جي خبر پين، تڏهن مخدوم صاحب ڪان وڃي معافي ورتائون. اتي بيٺل ماڻهن مان ڪنهن چين ته:

لاهي لنگها ويھه، آريجن مان آسرو،
پنهنجي پرائو ڏيھه، اچي ڪاءَ آريجن ۾.

## ١٠٩- لک ڪَٽيا ڏومٽيءَ جو ڏُوم سلامت آيو:

هڪڙو ڏُوم (لنگهو)، ڪمائڻ جي خيال ڪان، پرديس ويو. ڪيترا ڏينهن گذري ويا. پر موٽيو ئي ڪين. تنهن تي ڪنهن وٽي هُلايو ته: فلاڻو ڏُوم مري ويو آهي. ڏُومٽيءَ (لنگهيءَ - لنگهي جي زال) به ائين ئي ٻڌو، جنهن ڪري ويچاري، روئي پٽي، صبر ڪري ويهي رهي. ٿورين گهڻين ڏينهن، اهو ڏُوم ماڳ موٽيو. پر پيسو آندائين ڪونه! هڪڙيءَ پاڙيواريءَ، ڏُومٽي کان پڇيو ته، ”ادي، تنهنجو مڙس ڇا ڪمائي آيو آهي؟“ وراڻيائين، ”لک ڪَٽيا ڏُومٽيءَ، جو ڏُوم سلامت آيو!“

مطلب: ڪنهن شيءِ يا واپار ۾، ڪٽي فائدو نه هجي، پر جيڪڏهن موڙي سلامت آهي، ته به لکُ ٿيو.

(م)

## ١١٠- مان ديوان جو نوڪر آهيان ۽ نہ واڱڻن جو:

ڳالهہ ڪندا آهن تہ، هڪڙي ديوان کي روزانو، سندس خوشامدي رَسويو، گوشت، مڇي وغيره ڪارائيندو هو. اُهي کاڌا، ڏاهڙي کائي کائي، ديوان کي مُنهن پئجي ويا. تنهنڪري رسيوئي کي حڪم ڪيائين تہ، ”تون روزانو گوشت، مڇي ٿو تيار ڪرين، موسمي ڀاڄيون لٿيون آهن، اهي بہ تہ اسان ماڻهن لاءِ آهن. هاڻي واڱڻن جي مند آهي“. نوڪر عرض ڪيو تہ، ”هائو سائين، انهيءَ ڪري تہ ڏٽيءَ واڱڻن کي مٿي تي مُڪٽ ڏنو آهي، اڳتي ائين ڪندس: واڱڻ عجيب چيز آهن، تندرستيءَ لاءِ تہ خاص طرح مفيد آهن. اک جي بينائيءَ لاءِ بہ اڪسير آهي.“ ان وقت، ديوان جو هڪڙو دوست بہ وٽس ويٺو هو.

هئي ڏينهن کان وٺي، نوڪر روزانو واڱڻن رڌڻ تي زور رکيو. ڀاڄي بہ واڱڻن جي، تہ ڀَرتو بہ واڱڻن جو! ديوان پهريان بہ - ٽي ڏينهن تہ شوق سان کاڌا، پر پوءِ لڳاتار، کائي کائي، ڪڪ ٿي پيو، سو هڪ ڏينهن نوڪر کي چيائين تہ، ”تو روزانو اڄي واڱڻن تي مارا ماراي ہَڏي آهي، اهي تہ، هڪ بيڪار کاڌو آهن!“ نوڪر چيس تہ، ”جيءُ منهنجا سائين! سچ ٿا فرمايو، واڱڻ اهڙا تہ گرم آهن، جو ڏٽي پناه ڏئي. گهٽي واپرائڻ ڪري، هَلڪو هَلڪو بخار بہ جانِ ۾ رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ وائي بہ ڪري وجهندا آهن. ڏندن لاءِ تہ خاص طرح خراب آهن.“

ان وقت بہ، ديوان وٽ، اهو ئي پهرين ڏينهن وارو سندس دوست ويٺو هو. انهيءَ نوڪر جون، اهي ڳالهيون ٻُڌي، کيس چيو تہ، ”ان ڏينهن تہ واڱڻن جي واکاڻ مان ڌاپين ئي ڪونہ پيو، مگر اڄ تہ وري واڱڻن تي چوآيو ٿو رهين؟“ نوڪر چيس تہ، ”سائين، معاف ڪجو، مان ديوان جو نوڪر آهيان ۽ نہ واڱڻن جو! تنهنڪري جا شيءِ، ديوان جي نظر ۾ چڱي، سا منهنجي نظر ۾ بہ چڱي.پر جيڪا شيءِ، ديوان کي نہ وڻندي، تہ آءُ بہ ان کي ڌڪاريندس.“

مطلب هي آهي تہ: اهو پهاڪو عام طرح وڏن ماڻهن سان ”ها“ ۾ ”ها“ ملائيندڙ خوشامدڙين لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

## ١١١- مجنون ڪُتي ءَ جو، نہ رت جو:

مجنون، ليليٰ جي گهر جي سامهون، هڪڙي وڻ هيٺ اچي، پنهنجو آستانو اڏيو هو. هو هر وقت، ليليٰ جي ياد ۾ شادباد رهندو هو. ڪيس نہ ننڊ، نہ آرام پر زهر مثل سڀ قسم جو کاڌو ۽ طعام! انهيءَ ڪري هو روزانو، بدن ۾ ڳرندو رهيو ۽ آخر ڪَچُ ڪائي، ڪِڻُ تي بيٺو! جڏهن ليليٰ کي اهو پَتو پيو، تڏهن حقيقت حال معلوم ڪرڻ لاءِ، ٻانهيءَ کي موڪليائين، جنهن موٽي اچي ٻڌايس تہ، ”سائڻ! مجنون ويچارو تہ ڳري ڪنڊا ٿي ويو آهي! فقط تنهنجي نالي جي سَهاري جي رهيو آهي!“ اهو حال ٻُڌي، ليليٰ جا طاق لڳي ويا! پوءِ تہ روزانو ساڳي ٻانهيءَ جي هٿان، وٽو ڪُتيءَ (چُوريءَ) جو، ڏانهنس موڪليندي رهي، تہ ڪائي ۽ ساجو ٿئي.

مجنون، تہ ليليٰ جو پياسي هو، هُن جو ڪُتيءَ سان ڪهڙو مطلب! ڪڏهن ڪو ذرو پرزو، دل چوندي هيس تہ کائيندو هو. نہ تہ وٽو اوئين ئي رکيو هوندو هو. انَ ڳوٺ ۾ هيو هڪڙو چالاڪ ۽ مڪار نموني جو فقير رهندو هو، جنهن کي انهيءَ قصي جي کُڙڪ پئجي ويئي، سو چا ڪيائين، جو مجنون جي پرسان، ٻئي هڪ وڻ هيٺ اچي ديرو دمائي ويٺو. اهو چا ڪندو هو، جو جڏهن ڏسندو هو تہ مجنون، ڪُتي نہ ٿو کائي، تڏهن هو ڪُتي کائي خالي وٽو چڏي هليو ويندو هو. ٻانهي، صبح جو خالي وٽو واپس کڻي ويندي هئي. اهڙي طرح روزانو مجنون واري ڪُتي کائي کائي اهو چالاڪ فقير، هيڪاري ڏندو مشٽنڊو ٿي پيو ۽ مجنون ويچارو، اتي ٻاقي وڃي، هڏن جي مُٺ رهيو! ويتر مجنون جنهن وڻ هيٺان ويهندو هو، اتان اٿي وڃي ٻئي وڻ هيٺ ويٺو، تنهنڪري اهو چالاڪ فقير، هڪدم مجنون واريءَ جاءِ تي وڃي ويٺو، جنهنڪري هيڪاري سندس ٻيگهي مچي ويئي! مجنون کي ڪُتيءَ جي ڪهڙي پرواه! هن جي لبن تي تہ فقط ليليٰ جو ئي نالو هوندو هو.

هڪڙي ڏينهن ليليٰ خيال ڪيو تہ مجنون، هاڻي سُنڍي ماس جي، ضرور چاڙهي هوندي، جو ڪيس، گهڻي سٺي ۽ مغزات ڀيل ڪُتي کائيندي، چڱو وقت ٿيو آهي. پَڪَ ڪرڻ خاطر، هڪڙي ٻي ٻانهي، ڏانهنس موڪليائين. چاڪاڻ تہ پهرين ٻانهي، روزانو ڪيس مجنون جي ضعف ۽ ابتريءَ جو خيال ٻڌائيندي هئي. اها نئين ٻانهي، وڻ هيٺان ويٺل ڏندي مشٽنڊي کي مجنون سمجهي. ليليٰ کي اچي

چيو ته، ”مجنون ته ڪَل ڪان ٿو ڦاٽي!“

ليليٰ کي تعجب لڳو ته، ”عاشق، سُنڌي ماسَ جي چاڙهيندائي نه آهن، هيءُ تصو ڪيئن آهي!“

روزانو ڪُني پهچائيندڙ ٻانهي کي چيائين ته، ”اج هيءَ وٽو ڪنيو وڃ ۽ مجنونءَ کي، منهنجي نالي وجي ڇئو، ته پنهنجي رت مان هيءُ ڀري ڏي!“ ٻانهيءَ هڪدم حڪم جي تعميل ڪئي ۽ مجنون واريءَ جاءِ تي وينل فقير کي وڃي چيائين ته، ”ليليٰ جو حڪم آهي ته هيءُ وٽو، پنهنجي رت سان ڀري ڏي.“ هن جواب ڏنو ته، ڪُني کائُو مجنون مان آهيان ۽ رت ڏيندڙ مجنون هُن وڻ هيٺان وينو اٿيئي، وڃي لهينس.“

ائين چئي، اُهو ڪُني کائو مجنون، اُتان اُٿي، سڌو پنهنجي گهر هليو ويو. جو سمجهيائين ته، ”آئيندي جا چَڙهه چِٽا، ڇاڪاڻ ته مالڪن کي، حقيقت حال معلوم ٿي چڪو هو.“

## ١١٢- مِروان موت، ملوڪان شڪار:

ڪنهن تلاءَ ۾ گهڻا ڏيڏر رهندا هئا. هڪ دفعي ڪن شاگردن، ڏيڏرن کي پٿر هڻي، دل پئي وندرائي، ليڪن پٿرن لڳڻ ڪري، ڪيترا ڏيڏر زخميا ۽ ڪيترا مري ويا. تنهن تي هڪ ڏيڏر ائين چيو ته، ”مروان موت، ملوڪان شڪار“ يعني اوهان ملوڪن (شهزادن) لاءِ شڪار آهي، ليڪن اسان مرُن يا جانورن لاءِ ته موت آهي.

## ١١٣- مڙس بنا، ويهون ڪير ڪري:

هڪڙيءَ عورت، پورهيو ڪري، اُٺويهه روپيا ميڙيا. گهڻي ڪوشش ڪيائين ته ”هِڪَ ويهه“ (ويهه روپيا) پورا ڪريان، پر اتفاق اهڙو پئي بڻيو، جو ڪڏهن سُتِي ڦَٽِيءَ تي پيسو ڏوڪڙ پيو وڃي ته ڪڏهن وري مهمانن جي ٻوڙ ياجيءَ تي ٻه - چار آنا خرچ پئي ٿيا. ويچاري وري وري ڪوشش ڪري ته ٻه اهي ئي اُٺويهه. آخر هٽي هٽي بيٺي، ته ٻه پورا ويهه نا هي نه سگهي. هڪ دفعي مڙسَس، هڪ روپيو ڪمائي آيو ۽ اچي زال کي ڏنائين. هن جي روپين جو پوري ويهه بنجي ويئي.

هڪ دفعي پاڙي واريءَ سان، اها ڳالهه ڪيائين ته: ”ادي مون ڪان هڪ

ويهه“ نهي نہ سگهي. جڏهن گهر واري روپيو آندو، تہ ڏهن پوري ويهہ نهي“. تنهن تي ان چيس تہ، ”ادي، مڙس بنا، ويهون ڪير ڪري“.

مطلب آهي تہ: مڙس ئي آهن، جي مٿو ڪٽو ڏيئي، ڪم جو پورائو ڪندا رهن ٿا.

## ١١.۴- مُئي ڪتي بہ پِر چَهہ وڃائڻ:

هڪڙي ماڻهوءَ وٽ هڪڙو عمدو ڪتو هو، جو سندس دوست کي ڏاڍو پسند هو ۽ خيال هوس تہ: اهو، آءٌ ڪائنس وٺندس. هڪ دفعي، هو، ڪتي وٺڻ جو خيال ڪري. پنهنجي دوست وٽ ويو. کيس خبر ڪانہ هئي تہ انهيءَ وچ ۾ ڪو، اهو ڪتو مري ويو آهي. گهڙيءَ پَل ويهڻ کان پوءِ، کيس جڏهن ڪتو نظر نہ آيو، تڏهن دوست کان پڇيائين تہ. ”چو، ڪتو نظر نٿو اچي؟“ هن ڏاڍي ڏک ۾ ارمان وچان، جواب ڏنس تہ، ”افسوس جي ڳالهہ آهي، جو ويچارو ڪتو مري ويو، جنهن جو مون کي تمام گهڻو ارمان آهي“. دوست چيس تہ، ”يار، ڪتو جيئرو هجي ها تہ آءٌ ڪاهي وڃان ها، ڇاڪاڻ تہ مان آيو ئي تو کان ڪتو وٺڻ هوس“. مالڪ جواب ڏنس تہ، ”دوست، جي ڪتو هجي ها تہ اهو آءٌ تو کي هرگز نہ ڏيان ها، ڇاڪاڻ تہ ڏيڻ جهڙو ئي نہ هو“. دوست جواب ڏنس تہ، ”اڙي يار، تنهنجو ڪتو تہ ڏيڻ کان اڳ ۾ ئي مري چڪو آهي. هاڻي مُئي ڪُتي بہ پِر چهَہ (پريت، دوستي) ڇو ٿو وڃائين“.

مطلب هي آهي تہ: ڳالهہ هجي ئي نہ ۽ اُن تي ڳَنڍ ڏيئي ويهجي، سا بيوقوفي آهي.

آهي؟“ سيٺ جواب ڏنس تہ، ’هڪڙي ڳوٿري ڪٽي، ان ۾ نَوانوي روپيا وجهي، ڪنهن نموني سان وڃي، سندس گهر رکي اچ ۽ پوءِ ڏس تہ ان مان ڪهڙو ٿو لقاءُ ٿئي!“ سيٺ جي زال، مڙس جي چوڻ موجب، نَوانوي روپيا ڳوٿريءَ ۾ وجهي، مالڪ جي اک وٺي، سندن هنڌ ۾، وهاٽي هيٺان، رکي آئي. درزيءَ جي زال، رات جو هنڌ پٿارڻ وقت، ڳوٿري ڏسي، چاه مان ڪٽي، اچي مڙس جي آڏو رکي، چيائينس تہ، ”لاشڪ، اسان جون دعائون، الله سائين قبول ڪيون آهن. جو هيءَ روپين سان ڀريل ڳوٿري گهر ويٺي، ڏياري اٿس!“ درزيءَ ڳوٿري کولي روپيا ڳڻيا، تہ نوانوي ٿيا. زال، اها ڳوٿري، واپس وٺي چيس تہ، ”آخر تون بہ پوڙهو ٿيندين. سياڻن چيو آهي تہ، ”اهو ڪي ڪجي، جو مِينهَن وسندي ڪم اچي. پاڻ وٽ آهي تہ سڀ ڪنهن وٽ آهي. تنهنڪري هينئر کان قناعت ڪري، ڪجهہ نہ ڪجهہ بچائيندا رهون“. درزيءَ چيس تہ، ”ننگ آهي، ننگيءَ تي! جنهن ساهہ ڏنو آهي، سو گراهہ بہ ڏيندو. چو وينا ڪنجوسائي ڪريون!“ مگر زال چيس تہ، ”اسان کي داتا ڏياريا آهن نَوانَوي روپيا، جن ۾ رڳو هڪڙو روپيو وجهبو تہ ٿيندو پورو سو. پوءِ سو مان بہ، ٻن مان چار ڪري، آخر، اسين بہ پاڙي واري، سيٺ جهڙا ٿي پونداسين.“

انهيءَ ڏينهن کان وٺي، انهن بہ دال ۽ سائي ڀاڄي کائڻ شروع ڪئي ۽ گوشت مڇيءَ جو نالو ئي وساري ڇڏيائون! هوڏانهن مخفي طرح، سيٺ جي زال بہ، سندن خبر چار لهندي هئي. هڪڙي ڏينهن، سيٺ کي چيائين تہ، ”اوهان، هنن غريبن تي، اهڙو ڪو جادُو ڦوڪيو آهي جو ويچارن کان چڱو کاڌو کائڻ ئي وسري ويو آهي!“ سيٺ جواب ڏنس تہ، ”مون هنن کي نوانوي جو ڌڪو ڏنو آهي، جنهن جهڙو بہ ٻيو ڪو جادو!“.

## ١١٧- نيڪيءَ جو بدلو برائيءَ ۾:

هڪڙو گهوڙي سوار، جهنگ مان پئي ويو تہ دانهون ڪوڪون ٻڌڻ ۾ آيس. اُن طرف وڃي ڏسي، تہ هڪڙي وڻ کي باهہ لڳل آهي، جنهن جي ڏار تي، هڪڙو نانگ وينو آهي، جو باهہ جي جَرَ کان دل ڦٽيون دانهون پيو ڪري، گهوڙي سوار کي رحم آيو هَني مان خرزين ڪڍي، لُڪڻ جي ڇيڙي ۾ وجهي، نانگ جي ويجهو ڪيائين تہ، نانگ هڪدم ٽپو ڏيئي، خرزين ۾ گهڙي ويو. گهوڙي سوار،

نانگ کي، خرزين مان ٻاهر ڪڍي، چيو ته، ”جيڏانهن جو آهين، تيڏانهن هليو وڃ“. نانگ هڪل ڪري چيس ته، ”گهر ڪنهن جا ٿو پڇين؟ توکي ۽ تنهنجي گهوڙي کي، اجهو ٿو پورو ڪريان! توکي خبر ناهي ته مان، انسان جو دشمن آهيان ۽ تو وري دشمن سان ڀلائي ڪئي آهي!“ گهوڙي سوار چيس ته ”جيڪڏهن اهو ثابت ڪري ڏيکارينديندين ته نيڪيءَ جو بدلو، برائيءَ ۾ آهي ته پوءِ توکي سڀ ڪجهه مباح آهي“. اجا انهيءَ رَدَ ڪَدَ ۾ هئا ته اتان مينهن لانگهائو ٿي، جنهن کان نانگ پڇيو ته، ”چڱائيءَ جو بدلو ڇا آهي؟“ مينهن وراڻيو ته، ”برائي، مان جڏهن ڦر ۽ کير ڏيندي هيس، تڏهن مالڪ خوش هو، پر جڏهن پوڙهي ٿيس، تڏهن مون واري نيڪي، ڪانئس وسري ويئي ۽ هينئر ڪاسائيءَ جي حوالي ڪيو اٿس. ”ڇا، اهو نيڪيءَ جو بدلو، بُرائيءَ ۾ نه آهي؟“ نانگ، ڪَرَڪٽي، خوشيءَ وچان، سوار کي چيو ته، ”ٻڌاءَ!“ سوار چيس ته، ”ڪا ٻي ثابتي به ڏي“. پوءِ نانگ، پرسان بيٺل وڻ کان پڇيو ته، ”نيڪي جو بدلو ڇا ۾ آهي؟“ وڻ وراڻيو ته، ”برائيءَ ۾. جڏهن قافلن وارا اچن، تڏهن منهنجي ڇانءَ ۾ آسائش ڪن ۽ جڏهن وڃن، تڏهن منهنجون ٽاريون ڪپي، اُن کي به ڪارائين ۽ ٿُلهين ٽارين مان، لَٺون ۽ داسا ناهين. ڇا، اهو نيڪيءَ جو بدلو، برائيءَ ۾ نه آهي؟“ نانگ، سوار کي دَڙٻاٽي چيو ته، ”هينئر ته سر تان اُهو ڪٽين ٿو يا ٻي ڪا ثابتي گهرجيئي؟“ سوار چيو ته، ”مذهبي قانون مطابق ٻن جي شاهدي جائز نه آهي، بلڪ ٽيون شاهد لازمي آهي“. پوءِ نانگ، لومڙ کان پڇيو، جنهن سمورو لقاءَ، بيٺي ڏٺو. لومڙ چيس ته، ”ائين برابر آهي ته نيڪيءَ جو بدلو بُرائيءَ ۾ آهي، پر ڪم از ڪم، مون کي حقيقت کان، آگاه ته ڪريو“ سوار، سارو قصو ڪري ٻڌايس. لومڙ، نانگ کان پڇيو ته، ”سوار، جو ڪجهه چيو، سو ٺيڪ آهي؟“ نانگ چيو ته، ”ها ها، سورنهن آنا سچ آهي، هيءَ اها خرزين آهي. جنهن مان مون کي ٻاهر ڪڍيو هئائين“. لومڙ چيو ته، ”اها ڳالهه، مون کي ته وِسهَڻَ ۾ ئي نٿي اچي، ته تو جهڙو، هيڏو سارو، پربت جيڏو، ههڙيءَ ننڍڙيءَ خرزين ۾، ماپي ويندو!“ نانگ چيو ته، ”جيڪڏهن ماپي وڃان ته پوءِ؟“ لومڙ چيو ته، ”پوءِ فيصلو تنهنجي حق ۾.“ نانگ چيو ته، ”ڏسجو“. ائين چئي ويڙهجي سيڙهجي، خرزين ۾ گهڙي ويو. لومڙ رڙ ڪري، سوار کي چيو ته،

”وارو ڪر، خرزين جو مُنهن بند ڪر. جڏهن بہ دشمن وَڪڙ ۾ اچي، تڏهن وجهہ نہ وڃائجي“. سوار، ڳالهہ جو سُرُ سَهي ڪري ويو ۽ هڪدم خرزين جو مُنهن بند ڪري، مٿي ڪٽي، زور سان زمين تي سٽيائينس. اهڙيءَ طرح، ٻہ - چار دفعا هنيائينس تہ نانگ مري ويو.

مطلب: دشمن کان هميشه ڪَو ڪجي، چاڪاڻ تہ ٻچڙي مان پلائيءَ جي اُميد رکڻ اجائي آهي. جيڪڏهن دشمن وجهہ ۾ اچي تہ وارو نہ وڃائجي.

## (و)

### ١١٨- واتُ تہ مُئي، نہ تہ آهي پـُئي:

ڪن عورتن، پاڻ ۾ ويٺـي، سينگار جو ذڪر ڪيو. ڪنهن چيو تـہ، ”وارَ تـہ ڦَٽِي، نہ تہ ڪُوڙاءِ ڪٽي“. ڪنهن چيو تہ، ”اک تہ ڪَجَل نـہ تـہ خِجل“. ڪنهن چيو تہ، ”عورت تہ چونو، نہ تـہ مٿـو چڻ لونـو“. هڪڙيءَ ٻـڍڙيءَ چيو تـہ، ”وات تـہ مُئي، (ڏندڻ) نہ تہ آهي پـُئِي“.

مطلب: جهڙي نموني، ٿانون کي مَلِڻ لاءِ، مُئِي هٽبي آهي، اهڙي نموني وات کي صفا رکڻ لاءِ بہ مُئِي (مُساگ، ڏندڻ وغيره) ضروري آهـي. جيڪڏهن وات جي صفائي نہ ڪبي تہ پـُئِي (پائخانہ) جڙي ڏَپ پيئي ايندي.

### ١١٩- واڙيءَ ٻـارنهن، هَٽَ اٺـارنهن، گهر وبٺي ويهہ:

هڪڙو شخص، واڙيءَ تان واڱڻ وٺـڻ ويـو تـہ اتي ڪيس پيسي ۾ ٻـارهن واڱڻ مليا. پـوءِ جڏهن هُو بازار کـان لنگهيو، تـڏهن معلوم ٿيس تـہ هـٽ وارا پيسـي ۾ (اٺـارنهن) ارڙهن ڏين ٿـا. مگر جڏهن گهر موٽيو، تـڏهن گهـور ڙِيي، هـڪ پيسي ۾ ويهہ ڏيٽا ڪيا.

مطلب: جيڪـڏهن ڪـا شيءَ وٺـڻ وڃي تـہ مهانگي ملنـدي، پـر جيڪـڏهن ڪو، اها شيءِ وڪڻڻ ايندو تـہ سستي ڏيندو.

### ١٢٠- وَهڻ مُدئي ناهي، دَلو پـڇي نار کي:

سنڌ ۾ دلوراءُ، هڪ بد اخلاق ۽ ذليل ذهنيت وارو حـاڪم ٿـي گذريو آهي. سو ايچ. ايم. ايليٽ، تاريخ ”طاهري“ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو(١):

”الور ۽ محمد طور ڳوٺـن جي درميان جيڪـو بـہ ملڪ هونـدو هـو، تنهن تـي راجا دلوراءَ راج ڪندو هو. هو وڏو ظالم ۽ زاني هو ۽ سڀ ڪنهـن رات، دوشيزه سان همبستر ٿيندو هو. جيڪـي بـہ سوداگر، هندسـتان کـان، سامان جا ٻيڙا پرائي،

---

(١) هسٽوريئس آف سنڌ - واليوم II - ايليٽ ص ۴ ۽ ۵.

ديبل بندر ڏانهن ويند اهئا، تن کي لازمي طور الور کان لنگهڻو پوندو هو. دلورا، ڪائنن، مال جي اڌ جيترو محصول وٺندو هو. جنهنڪري سوداگرن جنسي ويل هوندو هو. آخر ڪار اُتان هڪڙو وڏو سوداگر اچي لنگهيو، جو محصول جي ڳاڻي پڳي خرچ جو ٻڌي، تپرس ۾ پئجي ويو.

اهو سوداگر ڪير هو ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو، تنهن لاءِ ”تحفة الڪرام“ وارو لکي ٿو (١٠):

هڪڙو عزت وارو ۽ ناليرو سوداگر، جو سيف الملوڪ جي نالي سان مشهور هو ۽ ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هو اصل ۾ شهزادو هو جو سوداگرن جي لباس ۾ بيت الله ڏانهن وڃي رهيو هو. هو هِن جي نالائق ڪارنامن کان بي خبر هو، سو اچي سندس ملڪ مان لنگهيو. ساڻس گڏ ”بديع الجمال“ نالي هڪ سهڻي زال به هئي“.

محصول جي عملدارن، سيف الملوڪ جي مال کي نهايت قيمتي ۽ بيش بها سمجهي، ڳرو سُڳ هڪ طرف رکيو ۽ ٻئي طرف وري سندس زال کي راجا جي محلات ۾ پهچائڻ جو ارادو رکيو. جڏهن راجا ٻُڌو ته سوداگر سان گڏ، سندس زال، پري جمال، حسن ۾ بي مثال ۽ باڪمال به آهي، تڏهن چِتوتي پيو. هَوسَ جو پوت، سندس گردن تي ايتريقدر ته سوار ٿيو، جو ويچاري سوداگر کي سندس ماڻهو خواه مخواه به تنگ ڪرڻ لڳا. آخر سوداگر، عرض ڪيو ته، ”ٽن ڏينهن جي مُهلت ڏيوم، تنهن بعد محصول ۽ بديع الجمال پيش ڪندس“.

”سيف الملوڪ، انهن ڏينهن ۾، هڪ پاسي خالق اڪبر کي ستائڻ شروع ڪيو ۽ ٻئي پاسي وڏا وڏا ڪاريگر، جي سرنگهه هڻڻ ۽ جبل ٽاڪڻ ۾، فرهاد جا اُستاد هئا ۽ سد سڪندريءَ جهڙي ٻَنڌٻڌڻ ۾ اڻ ڳس هئا، تن کي ڪوٺائي، دل گهريا انعام اڪرام ڏنائين. سوداگر جو مطلب هو ته الور کان هڪڙو مضبوط بند ٻڌن، جنهنڪري درياءُ پنهنجو رُخُ ڦيرائي، ٻڪر ڏانهن وهڪرو ڪري. اهي ڪمي ۽ ڪاريگر، راتين جون راتيون جاڳي، نديءَ جي پيٽ ۾ بند ٻڌي چڪا. هڪ رات ۾ درياءَ پنهنجو اڳوڻو وهڪرو ڦيرائي، سيوهڻ ۽ لڪي ڏانهن اهڙي زور شور سان وهڻ لڳو، جو خدا جي قدرت سان سوداگر سيف الملوڪ جا غوراب، ظالم دلوراءَ جي پرڳٽي کان نڪري ويا. صبح جو ظالم راجا ۽ سندس

(١) ”تحفة الڪرام“ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو – ص ١١٣ ۽ ١١٤.

رعيت ننڍ مان اٿي ڏسن تہ مار! جتي پاڻي پئي وهيو، اتي رڳي گپ لڳي پيئي آهي. رعيت ۽ راجا حيران ٿي ويا (١٠).

"تحفة الڪرام" وارو لکي ٿو تہ، "هي سارو ڪم هڪ رات ۾ ٿيو(٢٠).

"اگرچ هي ڀئي ڪم، انساني طاقت کان ٻاهر هئا، ليڪن خدائي مدد سان، عبرت طور يادگار رهڻ لاءِ، هيءَ سڄو منصوبو هڪ رات ۾ عمل ۾ اچي ويو. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ تقدير جا ڪار پرداز هن سڄي ڪم جا باني ٿيا هجن".

شري دوارڪا پرساد شرما لکي ٿو (٣٠):

"ڪن جو چوڻ آهي تہ ٩٢٢ع ۾، هڪ زاهد مسلمان مڪي ڏانهن ويندي، پنهنجي ڏيءَ سان اچي، اروڙ کان نڪتو راج دلوراءَ، جو ان وقت اتي جو حاڪم هو، تنهن جي انهيءَ سهڻي مسلمان ڇوڪريءَ تي نظر پيئي. انهيءَ مسلمان کان، سندس ڏيءُ جو سڱ گهريو. مسلمان انن ڏينهن جي مهلت گهري. انهيءَ وچ ۾ اهو مسلمان، خدا کي ياد ڪرڻ لڳو تہ، "يا خدا، مون کي هن آفت کان بچاءِ!" انهيءَ ڪري هڪ ئي ڏينهن ۾ درياءَ اوچتو ئي اوچتو اتان غائب ٿي ويو".

محمد صديق پيرزاده جي، سنڌي قلمي نسخي "تاريخ سنڌ" ۾، مٿين روايت جي علاوه، ٻي روايت بہ ڏنل آهي، جا سندس عبارت ۾ ڏجي ٿي (٠١):

"هن بادشاهہ (دلوراءُ) جي زال، تمام حسن واري هئي، جنهن جي حسن جي هاڪ ملڪن ۾ مشهور ٿي ويئي. هڪ هندو بادشاهہ قنذار جو، ٻڌيءَ ڳالهہ تي، پرپٺ عاشق ٿيو. سو، سامان سوداگريءَ جو ڪٽي، ٻيڙا پرائي، روانو ٿيو، جو اچي سنڌ ۾ پهتو. بادشاهہ دلوراءُ جي شهر ۾ اچي بندر ڪيائين. بادشاهہ جي سلام

تي آيو. سنگ ڏنائين ۽ ٻيا تحفا تحائف عجيب غريب راجا وٽ آندائين. بادشاهہ وٽ گهڻو ايندو ويندو هو. پاڻ ۾ دوستي ٿي وين، پر مخفي طرح مطلب جي ڳولا پئي ڪيائين. ڳجها وڪيل ۽ ڏوتيون پئي موڪليائين. آخرڪار راڻيءَ جواب

---

(١) تاريخ سنڌ ڀاڱو ٣ - عبدالغني عبدالله.

(٢) تحفة الڪرام - سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو ص ١١٣.

(٣) سنڌ جو پراچين اتهاس ڀاڱو ٣ - دوارڪا پرساد شرما ص ١٢١.

(٤) تاريخ سنڌ، (سنڌي قلمي نسخو). محمد صديق پيرزاده، ص-١٠

ڏنس تہ، ”مون تي تمام بندش پيل آهي، تو سان ملڻ نہ ٿيندو، مگر ڪا زمين هيٺان، ڳجهي سرنگهہ ڪٽائي. انهيءَ مان ملجي، باقي انهيءَ کان سواءِ اچڻ جو ڪو چارو ڪونہ آهي. پوءِ انهيءَ سوداگر ڪوشش ورتي. انهيءَ بندر کان ڳجهي سرنگهہ، زمين مان اندران ڪوٺائي، پڪين سرن سان وَنگَ ٻڌائي، پختي ڪري ڳَچ هٽائي، تيار ڪرايائين، جا راڻيءَ جي ماڙيءَ ۾ اچي ٿي داخل ٿي. اتان مخفي دري ٺهرائي ڇڏيائين. هڪ ڏينهن راڻي، انهي دريءَ مان لنگهي، جهاز تي آئي. سوداگر، بادشاهہ جي دعوت ڪئي هئي، سو بادشاهہ بہ اتي آيو. راڻيءَ، بادشاهہ جي ماني تيار ڪئي. جڏهن بادشاهہ سوداگر گڏجي، ماني کائڻ ويٺا، تہ بادشاهہ کي شڪ پيو تہ ماني گهرَ جي مانيءَ جهڙي آهي. وري اچا دريءَ تي نظر ڪيائين تہ ڪائي جي دري آهي، تنهن مان اوچتو راڻيءَ تي نظر پيس. خيال ڪيائين تہ: هيءَ هت ڪيئن آئي؟ شايد ماڻهو، ماڻهن جهڙا آهن. پوءِ سوداگر کان پڇيائين تہ، ”هيءَ عورت ڪير آهي؟“ سوداگر چيو تہ، ”هن سوداگر جي (منهنجي) زال آهي“. بادشاهہ چيس تہ، ”سڏ ڪرينس تہ اسان سان اچي ماني کائي. تنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾، ڪو ويچو نہ آهي“. پوءِ لاچار سڏيائينس. راڻي اچي ويٺي، پر بادشاهہ فڪر ۾ پئجي ويو تہ: هتي راڻي ڪيئن آئي؟ ۽ اسان سان گڏ اچي ويٺي آهي! جيڪس تہ هن (سوداگر) جي زال آهي، شڪل بہ هڪ جهڙي اٿن. پوءِ پنج ٿي آڱريون ٻوڙ مان ٻوڙي، ساڙهيءَ تي نشان ڪري ڇڏيائينس، جيئن ان (راڻي) کي خبر نہ پوي. پوءِ جلد بادشاهہ، ماني کائي روانو ٿيو ۽ راڻي بہ سرنگهہ جي رستي مان تکي وڃي، ماڙيءَ ۾ رئو مٽي پيرن ۾ پائي، سمهي پيئي. بادشاهہ، گهوڙي تان لهي تکو ماڙيءَ تي چڙهي آيو. در کولي ڏسي تہ راڻي سمهي پيئي آهي. هي پوئتي ٿي موٽيو، پر وري ياد آيس تہ رئي جو نشان تہ ڏسان. جان در کولي ڏسي، تہ نشان رئي تي چٽو بيٺو آهي. بادشاهہ موٽي شاهي دربار ۾ آيو، اميرن وزيرن کي گهرائي، احوال ڪيائين سڀني صلاح ڏني تہ، ”في الحال درياءَ جي اولهہ ۽ اوير ۾ چونڪي ٻيهاري وڃي، پوءِ هن سوداگر کي نوڪرن سميت مارائي ڇڏجي“

”هوڏانهن راڻي اُٿي، رئو سنڀالي ڏسي، تہ ٻوڙ جا نشان بيٺا آهن. يڪدم اُٿي، خوف کان لاچار ٿي. سرنگهہ رستي، تکڙي بندر تي آئي. اچي سوداگر کي

چيائين ته، ”اڄ، اسان جي حياتي پوري ٿي ويندي، جو بادشاهه کي سڀ حقيقت معلوم ٿي ويئي آهي، جي ڪو رستو ڀڄڻ جو اٿئي ته وَسُ ڪر، نه ته فجر سان سيني کي ماري گهات ڪندا“. پوءِ راتيءَ، سوداگر ۽ سيني نوڪرن، ساري رات ڏٺيءَ جي دربار ۾ وينتيون ڪيون ۽ ٻاڏايو. ڏٺي، رحيم ڪريم آهي، جو ٻانهو، سندس در تي دل سان زاري ڪري ٿو، تنهن جي دعا قبول ڪري ٿو. حڪمت مالڪ جي سان، اُتاهون پرينءَ پر، هڪ واهُڙ پراٽو هو، تنهن ۾ درياءَ وهي وڃي پيو! سوداگر جهاز ڪٽي چوڙي چڏيا، جي ديبل بندر کان وڃي، سمنڊ جو رستو وٺي ايران ڏي هليا ويا. فجر جو ماٺهو بندر تي ويا. جان ڏسن ته پٽر لڳو پيو آهي! جيئن ڪنهن چيو ته:

”وَهڻ مُندئي ناهي، دَلُو پچي نار ٿو!“

وري جو اچي بندر کان ڏسن ته سرنگهه لڳي پيئي آهي. سرنگهه جو رستو وٺي، اچي ماڙيءَ ۾ نڪتا.

جڏهن موٽي آيا، تڏهن بادشاهه، شاهي دربار ۾ اچي، اميرن وزيرن کي گڏ ڪري چيو ته، ”سوداگر پرديسي هو، پر رعيت سان جي هُن سان شامل ٿي، اهو ڪم ڪيو چو ته انهن مان ڪو نمڪ حلال نه ٿيو، جو اسان کي هيءَ خبر ڪٽي ڏئي ها. هاڻي انهن لاءِ ڪهڙي سزا مقرر ڪجي؟“ سيني صبر ڪيو.

بادشاهه چيو ته، ”انهن لاءِ، هيءَ سزا آهي، جو جيڪو به، اعليٰ يا ادنيٰ، شادي ڪندو، ته پهرينءَ رات، ڪنوار سان بادشاهه همبستر ٿيندو“. اميرن اُمرائن، گهڻيون ئي منٿون آزيون ڪيون، پر راجا قبول نه ڪيو. آخر اهو ڪم هلندو آيو.

---

## (هـ)

## ١٢١- هُجئي ناٽو، تہ گُهم لاڙڪاڻو:

هيءُ پهاڪو ڪلهوڙن جي دؤر جي پيدائش آهي. جڏهن ميان شاهل محمد عباسيءَ، ١٠٢٥هـ مطابق ١٦٧٥ع ۾ گهاڙ واهہ کٽايو هو(١)، تہ ڏهن درياءَ ڪان وينندي، گهاڙ واهہ جي چوڙ تائين، لاڙڪاڻو هڪڙو نئي مشهور شهر ۽ بندر هو. واپاري، ايران ۽ ڪوهستان کان ڪهي، هت اچي، واپار ڪندا هئا ۽ لاڙڪاڻي کي بيڙين جي رستي، ٻين شهرن سان ملائي، گويا مرڪزي حيثيت ڏني ويئي هئي، جتي اناج ۽ ٻين شين جا قافلا اچي، منزل انداز ٿيندا هئا، انهيءَ هنڌ کي "قافلا سراءِ" سڏيندا هئا، گهاڙ واهہ جي ڏائي ڪپ تي، اڄ بہ "قافلا سراءِ" نالي سان مشهور محلو آهي، جو انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي.

"سچ پچ تہ سنڌ ۾ عباسين، رستن ۽ واهن نهرائڻ جي وڏي خدمت ڪئي. قريباً پنجاهہ هزار ميل رستا ۽ پنجويهہ هزار ميل واهہ جاري ڪيائون". (نگيران سنڌ). انهيءَ ڪري لاڙڪاڻو سبزي ۽ ساوڪ ۾ ايترو تہ وڌي ويو، جو ڪيترا سياح ان کي "سنڌ جو عدن" سڏڻ لڳا.

جنهن جاءِ تي بيڙيون، مختلف طرفن کان اچي لَنگرُ هٽنديون هيون، اُتي رات ڏينهن ماڻهن جي ڳپاگيہ لڳي پيئي هوندي هئي. خشڪيءَ جي رستي، ڪيترائي قافلا ۽ گهاڙ واهہ جي رستي، سنڌو درياءَ کان، مال سان پريل بيڙا ايندا ۽ ويندا هئا. واپار سبب، ڏيهي خواهہ پرڏيهي واپارين کي جهجهو فائدو ٿيو ٿي، جنهنڪري کين، پيسن سان راند ڪرڻ سولي ٿي پيئي. لنگر گاهہ جي پرسان، هڪڙو "چَڪلو" پيو، جتي حسن جي بازار گرم لڳي ويئي. منجهس طعام، قيام ۽ جام جو ناهوڪو بندوبست هو، جنهنڪري پري پري کان شوقين ۽ عاشق مزاج

---

(١) ميان آدم شاهہ. گهاڙ واهہ لاڙڪاڻي تائين آڻايو، جنهن جو نالو "شيِر نهر" رکيو ويو هو. سندس فرزند ميان شاهل محمد عباسيءَ، لاڙڪاڻي کان هيٺ وڌيڪ کٽايو. (نگيران سنڌ) "شيِر نَهر" نالو انهيءَ ڪري رکيو ويو، جو سبزي ۽ گاهن جي گهٽائيءَ ڪري، مينهون گهٽو کير ڏيڻ لڳيون.

انسان، پکين جيان پرواز ڪري، انساني حسن تي اچي پرگهٽ ٿيندا هئا ۽ ڪَنپ کُهائي، ڪيسا خالي ڪرائي، تَرڙتي، موٽندا هئا. مسٽر برٽن لکي ٿو تہ (١[٢]):

”مسٽر پُل ۽ هر چند، مشهور ناچڻيءَ کي هٿ ڪيو آهي، جنهن خوبصورت جو نالو ”مهتاب“ يعني چنڊ جو ٽڪرو آهي. هتي، هوءَ پنهنجي پيڻ سان ايندي آهي، بَئِي پينرون، پنهنجي ڪجاوي ۾ انڊيون آهن ۽ سندن قافلو ٩ ميل ڊگهو هوندو آهي“.

”مهتاب، لاڙڪاڻي جي رنڊي، پنهنجي نالي جهڙي خوبصورت آهي. سندس انگ انگ مڪمل آهي ۽ جنهن بہ طرف ڏسجيس تہ خوبصورت نظر ايندي. هن جي وارن ۾ جوانيءَ واري چمڪ آهي ۽ سندس سنگ مرمر جهڙي سفيد ۽ لسِي چمڙي، وات، پرون، اکين جا ڇَپَر خواه پنبڻيون، سڀ نوان، اڻ استعمال ٿيل ۽ اهڙا تہ تازا آهن، جهڙا قدرت جي هٿ سان، تيار ٿيڻ وقت هئا! اوهين انهيءَ خواهش کي روڪي نہ سگهندا، تہ مُرڪ يا ڪاوڙ خواه غصو، سندس لبن کي جُنبش ۾ وجهي ۽ ڏگها ۽ جاڙا غير متحرڪ پرون، لرزش ۾ اچن ۽ اهو تہ هوءَ، انسان وانگر نظر اچي ۽ ائين نہ لڳي، جو جڻ چانڊوڪيءَ ۾ ڪو مجسمو بيٺو آهي“.

هڪ قديم ڪارواني سردار، جو ايران کان غاليچا ڪٺي آيو هو، تنهن جو رايو آهي تہ:

”لاڙڪاڻي جي تهذيب، ايتري اُتم آهي، جو بهترين غاليچا بہ، اُنهن جي اڳيان اِرزان ٿا لڳن. حالانڪہ اُهي غاليچا، ايران ۾ گران ٿا لڳن. هڪ رقاصہ، هزار روپئي وارو غاليچو خريد ڪري، چيو تہ، ”هيءَ قيمت، سنڌس هڪ رات جي رقص بازيءَ جي پيدائش آهي!“ پارسي مطرب، اهڙو غاليچو خريد ڪري نٿو سگهي.“ (ماخذ از ڪاروان زاهدان)

لاڙڪاڻي جي اهڙي ڪمال سبب، ڪيترن شاعرن پنهنجا جذبا پڻ ظاهر ڪيا آهن. جيئن حاجي خانڻ چنجڻي هڪ ڪافي جو ٿلهہ ٻڌو آهي:

”هُجني ناٿو تہ گهُمر لاڙڪاڻو، نہ تہ وَتُ ويڳاڻو“

---

(١) سنڌ ”ريوزٽيڊ“ جلد II ص ٢٠٥.

## ١٢٢- هيڪلي جو واهي الله:

اڪيلن جو مددگار الله ئي آهي. يعني هڪڙي ٻـ ماڻهوءَ جو سفر تي وڃڻ، خطري کان خالي نـ آهي.

ڳالهہ ڪندا آهن تـ، دهليءَ کان ڏهہ ميل پري پنڌ تي، فريد آباد جي نزديڪ، هڪڙو واهہ آهي، جنهن جي ڪنارن تي ۽ آس پاس، ڪنهن وقت گهاٽو جهنگل هو. هڪڙي پوڙهي عورت فريدڻ نالي، پنڻ جي بهاني سان، اتي ويٺل هوندي هئي ۽ سندس پٽ، پوٽا ۽ ڏوهٽا بـ انهيءَ جهنگل ۾ لڪل رهندا هئا. اِها پوڙهي، جڏهن هڪ ٻن مسافرن کي ڏسندي هئي، تـڏهن سَينَ هٽي چوندي هئي تـ، "هيڪلي جو واهي الله"، تـ اُهي لڪل ماڻهو، هڪدم نڪري، مسافرن کي لٽي، ماري ڇڏيندا هئا. پـر جڏهن اها پوڙهي، گهڻن ماڻهن کي، ايندو ڏسندي هئي، تڏهن چوندي هئي تـ، "جماعت ۾ ڪرامت" اهو آواز ٻُڌي، اهي رهزن ٻاهر ئي نـ نڪرندا هئا. اها ڦُرلٽ ۽ مارا ماري، مُدت تائين جاري رهي. آخر هڪ ڏينهن، سڀ رهزن پڪڙيا ويا، جنهنڪري پوڙهيءَ ڏاڍو پڇتايو ۽ ڪيس پنهنجي انهيءَ اهڙيءَ ٻهروپي ۽ دورنگي هلت کان نفرت اچي ويئي. پوڙهيءَ وٽ جيڪي پئسا هئا، تن مانڱاهہ تي پُل ٻڌايائين، جا سندس نالي پويان اڄ بـ قائم آهي.

(ي)

## ١٢٣- يَڪ نہ شُد، دو شُد:

هڪڙيءَ عجيب ڳالهہ ڪان پوءِ، ٻـيءَ جي پيدا ٿـي پـوڻ جي موقعي تي، اِهـو مثال ڏبو آهي.

هڪڙيءَ پوڙهي جادوگرياڻيءَ جي عادت هوندي هئي تہ قبرستان ۾ وڃي، مانهہ جي ٽِنِ داڻن تي ڪجهہ پڙهي، جنهن بہ قبر تي اُڇليندي هئي تہ اُن ۾ پوريل لاش، ڪفن سوڌو اچي وٽس حاضر ٿيندو هو. پوڙهي اُن جو ڪفن لاهي، وري مانهہ جي ٽـِنِ داڻن تي ڪجهہ پڙهي، اُن لاش تي اُڇليندي هئي تہ، اهو لاش وري وڃي قبر داخل ٿيندو هو. جادوگرياڻي، اهو ڪفن بازار ۾ وڪڻي، ان جي قيمت تي، پنهنجو خوش وقت پيئي گذاريندي هئي. اها هئي ان پوڙهيءَ جي روزاني عادت!

هڪڙي ماڻهوءَ کي اچي سکڻ جي طمع ٿي، جنهنڪري پوڙهيءَ جي خوب خوشامد شروع ڪيائين. ويچاري گهڻي جُتي گسائي، پر هڙ حاصل ڪا نہ ٿيس. گهڻي مٿا ڪٽڻ بعد، ان پوڙهيءَ، مرڻ وقت، آخر اهو منڊُ سيکاريس.

هڪڙي ڏينهن، ان ماڻهوءَ چيا ڪيو، جو قبرستان ۾ وڃي، آزمائش طور، هڪڙيءَ قبر تي، اهو منڊُ پڙهيائين تہ هڪدم مردي کي، ڪفن سوڌو ٻاهر آيل ڏنائين. ان جو ڪفن تہ لاٿائين، مگر ان کي قبر ۾ موٽائي موڪلڻ وارو منڊُ سِکيو ئي ڪو نہ هو، تنهنڪري جيڏانهن هيءُ، تيڏانهن سندس پٺيان مُردو! اهو حال ڏسي، اهو ماڻهو ڏاڍو پريشان ٿيو. دل ۾ سوچيندي، آخر خيال آيس تہ، ”جي وري بہ ڪم ٿيندو تہ اُن پوڙهيءَ هٿان“. تنهنڪري ان جي قبر تي وڃي، اهو منڊُ پڙهيائين تہ اها بہ ڪفن سوڌي ٻاهر نڪتي! ان جو بہ ڪفن لاٿائين. تنهن ڪان پوءِ پوڙهيءَ سان، گهڻو مٿو ماريائين، تہ منَ ڪجهہ ٻُڌائي، مگر ”چالِي چالِي چُپ“! جڏهن نااُميد ٿي هلڻ لڳو، تڏهن ٻئي مُردي سان گڏ. پوڙهيءَ وارو لاش بہ پويان اچڻ لڳس! اهو حال ڏسي، پريشانيءَ وچان چيائين تہ، ”يڪ نہ شُد، دو شُد“.

# رايا

٣٧ - لياقت روڊ،

ڪنٽونمينٽ، حيدرآباد

٧ - سيپٽمبر ١٩٦٦ع

مڪرمي سنديلو صاحب سلمه

”پهاڪن جي پاڙ“ پهچي، خوشيءَ جو باعث ٿي. اوهان ٿورائتو ڪيو. يادگيري ۽ محبت جو شڪريه.

چوندا آهن: ”هجئي ناٿو، تہ گهمر لاڙڪاٿو.“ اوهان پاڻ لاڙڪاڻي کان ناٿو وٺي، پوءِ منجهس نڪاٿو ڪيو آهي. انهيءَ معجزه تي بہ اوهان کي مبارڪ.

ڪتاب ۾ نهايت قيمتي مواد آندل آهي. ڪن پهاڪن کي تاريخ جي روشني ۾ پيش ڪري، حقيقت کي پوري طرح واضح ڪيو اٿو. ”اوهان جيڪو پورهيو ڪيو آهي، سو رائگان نہ ويندو، چاڪاڻ تہ اهڙائي ڪتاب، ادبي ميدان ۾، پنهنجو مُلهہ پاڻ مقرر ڪن ٿا.

دعا آهي تہ زياده آسودا ٿيو ۽ زياده ڪمائتا. (آمين)

حقير عفي عنہ

آءِ_آءِ_ قاضي

---

هالا نوان

١٤-٢-٦٧ع محترمي و مڪرمي سنديلو صاحب

السلام عليڪم:

اوهان جي تازي تصنيف ڪتاب، نالي ”پهاڪن جي پاڙ“ گذريل ڊسمبر ۾ پهتل آهي. ڪتاب پنهنجي نوعيت ۾ تمام چڱو ڪتاب آهي. پهاڪا تہ عام طرح سان ٻڌبا آهن ۽ ٻڌايا ويندا آهن، مگر انهن جي اصل حقيقت ۽ ماهيت هر ڪنهن کي معلوم نہ هوندي آهي. هن ڪتاب ۾، انهيءَ ڳالهہ جي صفائي ٿيل آهي. انهي ڪري بہ ڪتاب جي قدر ۽ قيمت ۾ واڌارو ٿيو آهي. اميد تہ باقي پهاڪا بہ گڏ ڪري. ٻئي ڇاپي ۾ شايع ڪندا تہ ڏاڍو چڱو ٿيندو. زياده خير والسلام.

طالب المولٰي

## احمد خان مصراڻي

(١) ڀاڪا وڏائن تا ٻوليءَ جي زينت،
ڀاڪن ۾ ٻوليءَ جي سونهن ۽ نزاڪت.

(٢) ڀاڪا ٿيا علم جو جڙ خزانو،
ڀاڪا، ٿيا عقل و دانش جي دولت.

(٣) ڀاڪا فصاحت جو واضح نمونو،
ڀاڪن ۾ آهي سلاست بلاغت.

(٤) ڀاڪن ڀَهُ ڪي سمايل سٺا ٿيا،
ڀاڪن ۾ پنهان نصيحت، هدايت.

(٥) مبارڪ جو حقدار ”سنديلو صاحب“،
ڀاڪن جي واضح ڪئي جنهن حقيقت.

(٦) ”ڀاڪن جي ڀاڄ“ آهي تصنيف عمدي،
مصنف مٿس واه ڪئي آه محنت.

(٧) ٿيو طبع آ: ”وه در خشان جريده،
١٣٨٨
اي ”آصف“، ائين لک تون سالِ طباعت.